# سچل سرمست
# جو
# چونڊ ڪلام

ساهتيه اڪاديمي

سچل سرمست جي ڪلام ۾ منصوري خمار آهي. هو اڪثر عروج جي حالت ۾ نظر ٿو اچي. هرڻ ۽ هُما وانگر هميشه حيرت منجهه حيران ۽ سرگردان ٿو ڏسجي. هو جا بجا ۽ ظاهر ظهور شهنشاهيءَ جا نعرا ٿو هڻي ۽ عبديت يا ٻانهپ جي خيال کان ٿي ٻنهه ڪنارو ٿو ڪري. سندس نگاه ۾ مروج رواج ۽ رسمون دام ۽ زنجيرون آهن، جي روح کي ازلي پرواز کان روڪي، کيس حقيقي مشاهدي کان محروم ٿيون ڪن. سچو انسان، هن دنيا ۾ پاڻ کي قيد ۾ ٿو سمجهي. سچل، آسانڪي ور ور ڏيئي، پنهنجي اَصلي شان سڃاڻڻ جي هدايت ٿو ڪري ۽ اُنهيءَ ولايت جو سير ٿو ڪرائي، جتي:

”نَڪو پَريءَ پير، اڪا پوءِ پَٺر جي“

اُتي رڳو حق ئي حق آهي. حقيقت کان سواءِ اُت ٻي ڪنهن به ڪيفيت کي جاءِ نه آهي.

قيمت ١٢ روپيه

# سچل سرمست جو چونڊ ڪلام

# سچل سرمست
# جو
# چونڊ ڪلام

سمپادڪ

**ڪلياڻ - بي - آڏواڻي**

*donated from*
*Suleman A. Memon's*
*personal library*

ساهتيه اڪاديمي، نئي دهلي

**SACHAL SARMAST JO CHOONDA KALAM**

Selections from the writings of Sachal – compiled and edited by K. B. Advani. Sahitya Akademi, New Delhi. 1979. Second Impression. Price Rs. 12-00

© ساهتيه اڪاديمي

ٻيون ڇاپو: ١٩٧٩ع

پبلشر:
ساهتيه اڪاديمي
رويندر ڀون،
٣٥، فيروزشاهه روڊ،
نئي دهلي - ١١٠٠٠١

پرنٽرس:
ڪونج پرنٽرس ۽ پبلشرس،
٤، گرانٽ ويسٽرن بلڊنگ،
شهيد ڀڳت سنگهه روڊ،
بمبئي - ٤٠٠٠٢٣ پاران ڇپيو:
يگانتر پرنٽري
٣٦-٣٨ اگياري لين،
فورٽ، بمبئي - ٤٠٠٠٠١

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت: ١٢ روپيه

# فهرست

## ( بيت )


| صفحو | مضمون |
| --- | --- |
| ۱ | چونڊ ابيات |
| ۲ | سچل صاحب جي حياتيءَ جو احوال |
| ۶ | سچل جي بيتن ۽ سمائل وچار |
| | **چونڊ بيت** |
| ۱ | ۱- خود شناسي |
| ۸ | ۲- ميخاني جي موج |
| ۱۲ | ۳- جوڳي |
| ۲۰ | ۴- محبوبن جو ناز ۽ حسن |
| ۲۵ | ۵- سارنگ |
| ۳۲ | ۶- محبوبن جو خط |
| ۳۷ | ۷- وحدت |
| ۴۲ | ۸- من مندر |
| ۴۶ | ۹- مرشد يا ستگروءَ جي هدايت |
| ۵۰ | ۱۰- مذهبي رواج ۽ رسمون |
| ۵۴ | ۱۱- محبت ۽ محبتي |
| ۵۸ | ۱۲- سُلوڪ جو پيغام |
| ۶۱ | ۱۳- سسئيءَ جا ڪشالا ۽ ورلاپ |
| ۶۷ | ۱۴- لؤري ۽ لماچي |

صفحو

١٥- مومل جا ورلاپ ٧٥
١٦- سورٺ ورُ ۽ مڱڻهار ٨١
١٧- مارئيءَ جي ساڻيهه لاءِ سڪ ٨٦
١٨- هير رانجهو ٩٥
١٩- سهڻي سير ۾ ١٠٠
٢٠ ڪانگل قريب جو ١٠٤
٢١- معرفت ۽ ظاهري علم ١٠٩
٢٢- وڃهڙون رڃن ۽ رڃهائن ۾ ١١٣
٢٣- اَکيون ١١٨
٢٤- گولڊر ۽ ڏک ١٢٠
٢٥- پرينءَ جو پيڙ ۽ مارڳ ١٢٥
٢٦- عمر اَجائي گذري ١٢٧
٢٧- شيءِ آهيان کهڙي ١٣١
٢٨- جتي "تون مون" ناهه ڪا ١٣٣

## ٻاگو ڀيون

## (ڪافيون)

صفحو

سچل سرمست جي ڪافين ۾ سمايل ويچار ١٣٦
١- شاهه ليو سيلاني ١٣١
٢- ٻاڻ ته آهيان پاڪ ١٤٢
٣- حسن تنهنجو طرحون طرح ١٤٢
٤- ڪير هيڙس ڪير ٿي آهس ١٤٤

صفحو


| | |
|---|---|
| ٥- محبوب گولي ڏس من ۾ | ١۴٥ |
| ٦- ڪيڙو مست پراڻ | ١۴٥ |
| ٧- پير مغان جي آستان | ١۴٦ |
| ٨- عشق لڳيئي تا ڪر آمين | ١۴٨ |
| ٩- جنهن دل ۾ آهي جوش | ١۴٩ |
| ١٠- اُنين لکيو مون | ١٥٠ |
| ١١- عشق جو حجاب | ١٥١ |
| ١٢- رڳو ئي راحت | ١٥١ |
| ١٣- سپرڻ ڏانهن سمهو | ١٥٢ |
| ١۴- طلسم أفلاطوني | ١٥٣ |
| ١٥- حق "انا الحق" چيو | ١٥۴ |
| ١٦- وادي وحدت جي | ١٥٥ |
| ١٧- سر ڏئين تون سر ڏئين | ١٥٦ |
| ١٨- ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي | ١٥٨ |
| ١٩- هو اسان وٽ يار تون | ١٦١ |
| ٢٠- ڪڏهن ڪير ڪڏهن ڪير | ١٦٢ |
| ٢١- جي هئين عاشق | ١٦٥ |
| ٢٢- آهي مڙاوڻي يار | ١٦٦ |
| ٢٣- ڪم ڏ سو عاشق ڪرڻ | ١٦٨ |
| ٢۴- اچ جو جوڳي آيو | ١٦٩ |
| ٢٥- سمجهه طلسمات کي | ١٦٩ |
| ٢٦- ساروڻي سر آهي | ١٧١ |
| ٢٧- تو دوستيءَ جو دم هڻين | ١٧٢ |
| ٢٨- اسين آهيون چا | ١٧٣ |

| | |
|---|---|
| | صفحو |
| ۲۹- عشق گهٽا سي گهوٽ گهايا | ۱۷۴ |
| ۳۰- عاشق مرندا ڪينڪي | ۱۷۶ |
| ۳۱- عاشق ڏسڻ ۾ آيو | ۱۷۷ |
| ۳۲- لڌمچو درد اختيار ڪيوسين | ۱۷۸ |
| ۳۳- هيچ شوريدن ڪئون حال | ۱۷۹ |
| ۳۴- صورت سڀ سلطان | ۱۸۰ |
| ۳۵- نه مان هئي نه هوءَ | ۱۸۰ |
| ۳۶- آلم اهو ارمان | ۱۸۱ |
| ۳۷- پره جي بازار | ۱۸۲ |
| ۳۸- ذري ذري ڪن چشما چور | ۱۸۳ |
| ۳۹- لون آهين صاحب صورت جو | ۱۸۴ |
| ۴۰- مولڪي يار ملهو | ۱۸۵ |
| ۴۱- سچ تا مرد چون | ۱۸۶ |
| ۴۲- پاڻ سڃاڻ آيو | ۱۸۷ |
| ۴۳- سڄ آهي پريشان | ۱۸۸ |
| ۴۴- پيتو مون جام شراب | ۱۸۸ |
| ۴۵- اي اڇي ڏس حال منهنجو | ۱۸۹ |
| ۴۶- پير مغان ڳالهه ڳجهي فرمائي | ۱۹۰ |
| ۴۷- آئي پيو وڃي خيال منهنجو | ۱۹۱ |
| ۴۸- هو سڄڻ مون ساڻ | ۱۹۲ |
| ۴۹- ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن | ۱۹۳ |
| ۵۰- پاڻ نه جاڻم | ۱۹۳ |
| ۵۱- ساهه ڏنائون ساهڙ کي | ۱۹۴ |
| ۵۲- سل ڙي سوداگر | ۱۹۵ |
| ۵۳- پروالو پرينءِ جو | ۱۹۵ |

# چونڊ بابت

سچل سرمست جو هي چونڊ ڪلام، مختلف رسالن کي نظر مان ڪڍي، تيار ڪيو ويو آهي. انهيءَ نسبت ۾، خاص طرح، علي قلي بيگ، آغا صوفيءَ، اماڻي فقير ۽ عثمان علي انصاريءَ وارا نسخا قابل ذڪر آهن.

هي انتخاب ٽن حصن ۾ پيش ڪيو ٿو وڃي. پهرئين ۾ سچل صاحب جا بيت، جدا جدا داستانن جي صورت ۾ مضمونن مطابق آندل آهن، ۽ ٻئي ۾ سندس ڪافيون درج ٿيل آهن. بيتن توڙي ڪافين کي الڳ الڳ مهاڳ آهن، جن ۾ انهن جا مول خيال سمايل آهن. شروعات ۾ سرمست جي زندگيءَ جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي. لازمي هنڌن تي اعرابون (زيرون زبرون) ۽ ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن ۽ هر داستان سان ان جو سار به شامل آهي.

هن انتخاب ( چونڊ ) ۾ سچل سرمست جي شعر ۽ فيلسوفيءَ جي ذاتي حسن ۽ خوبيءَ کي نروار ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي. اميد ته ادبي شائق ان مان پورو لطف ۽ حظ حاصل ڪندا.

ڪلياڻ آڏواڻي

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اَسرار هو
مست سالڪ سو سچوُ عارف اُلي اظهار هو.

غزل جي مقطع (پوئين بيت) ۾ بيدل، سچل جي اعليٰ روحاني مرتبي جو ذڪر ڪري پاڻ کي سندس در جو بيمار سڏيو آهي.

قربدارن جي ڪَنڪ ۾، مرد مَنصبدار هو
دَر انهين دانا جي بيدل، پوت جو بيمار هو. *

( ٢ )

## سچل سرمست جي بيتن ۾ سمايل ويچار

سچل کي سندس طالب "حافظ درازي" ڪري سڏيندا آهن. سندس ڪلام ۾ حافظ جي شعر واري مستي ۽ منصور جي عشق واري مخموري آهي. هو پاڻکي "آخر زمان جو منصور" تو سڏي ۽ ور ور ڏيئي "انا الحق" جو نعرو تو هڻي.

عاشق "انا الحق"، آکيو پيو آکيج،
هادي عبدالحق، حرف هدايت هيءُ چيو.

---

* بيدل، سچل جو صحيح معنيٰ ۾ طالب تو لڳو اچي، جو نه سندس ڪلام ۾ به ساڳي سرمست واري مستي آهي. فرمائي تو:

هستيءَ کي همه اوست ۾، جنهن ڪيو فنا،
لنهين چيو اَنا، حالت ۾ حلاج جي.

سچل کي ٻانهپ کان نفرت هئي. حق ۽ انسان جي وچ ۾ اهو اَدب ئي حجاب آهي.

ستگر سچ سڃاتو، سچا لون سلطان،
تنهنجو شاهي شان، ٻولي ٻانهپ لاه ڪا.

سچل ستگرو يا مرشد کي "پير مغان" يا "ساقي" ٿو سڏي. هادي پنهنجي طالب کي روحاني ڪيف ٿو پياري. اُن جو خمار سالڪ کي خوديءَ جي زندان کان آجو ٿو ڪري ۽ سندس هستيءَ کي مات ٿو ڪري.

خمر خمار الهيءَ جو خاصو، موت اهو مَسروري

حافظ ٿو چوي ته "خوديءَ جي بحر ۾ غرق آهيان. ساقي! ڪو اهڙو شراب عطا ڪر، جنهنجي پيئڻ سان هستيءَ جي قيد کان نجات حاصل ٿئيم." سچل به ساقيءَ کي اهائي التجا ٿو ڪري:

ساقي! ڏيج سُٺي،
سُرڪ صراحيءَ مان ڪڍي،
ٻڪ پيارج ٻارڙا! محبت جي مِٺي،
پيئڻ سان پُٺي،
سچل! ٻاڻ ڏيان جنهن ٻاڻ کي.

سچل جي ڏينهن ۾ خيرپور رياست ۾ مُلن ۽ قاضين

جو تعصب وڌيل هو. انهيءَ ڪري شاعر سندن باري ۾ سخت ڪلامي ڪئي آهي. هو مذهب جي سچي معنيٰ کان بيخبر هوا ۽ رڳو بهشت جي دلاسن ۽ دوزخ جي دڙڪن سان خلق تي رعب رکيو ويٺا هوا. سچل ڪين سچي راهه تي هلڻ جي هدايت ٿو ڪري ۽ ڪين صاف ٿو چوي ته ”ايمان، باطن جي صفائيءَ ۾ آهي، نه ظاهري مذهب پرستيءَ ۾.“

جي تَن مان ڪَڍان تہ مِرُ،
تہ حضوري حاصل ٿئي.

انسان ئي آهي، جنهن کي عشق جي سوغات عطا ٿيل آهي. ملائڪ يا فرشتا بہ انهيءَ امانت کان محروم آهن. انهيءَ ڪيميا جي برڪت سان ئي حق جي ذات کي پروڙي سگهجي ٿو. انهيءَ امانت ۾ خامَن اچي خيانت وڌي آهي.

ناهي ميسر مَلَڪَن، اها امانت،
خامَن خيانت، وڌي اچي عشق ۾.

انسان خود سلطان آهي. حق پاڻ ايئور عشق وچان آدم جو لباس پهريو آهي. سچل کي پنهنجي ستگر وٽان انهيءَ هدايت حاصل ٿي:

عشقون ئي انسان، آيو سيلاني سير لئي،
صورت ۾ آدم جي، آدَم دَم مهمان،
سچا! تون سلطان، ستگر سچ سڃاڻيو،

انسان ”بحر اعظم“ جو ٻيڙو آهي. ڪامل، حقيقي بحر جا موتي آهن. انسان جو جسم، هڪ طلسم گهڙي آهي، جنهن ۾ حقيقي ساز ۽ سرود ٻڌل آهن. هي سراپا رنگ محل آهي، جنهن ۾ حقيقي سلطان حڪم هلائيندڙ آهي. هو ئي ٻڌائيندڙ، هو ئي ٻوليندڙ ۽ هو ئي ٻڌندڙ آهي. مطلب خود ذات ۾ آهي.

ٻيا نه محل آهيان، جنهن ۾ شهنشاهه،
ٻوليون ڪري ڪيتريون، ٿو ڏر ڏلڻون داناهه.

سچل جي نظر ۾ مذهبن ئي ماڻهن کي منجهايو آهي. هو خام خيالن جي اثر هيٺ، ”راهه راست“ يعني سڌي راهه کان ڀٽڪي ويا آهن ۽ وڃي نا سازيءَ جي دام ۾ اڙيا آهن. ظاهري تفاوتن کي وساري ئي حق کي سڃاڻڻ جو صحيح طريقو آهي.

دين ڪُفر دِلِ دام، ڇڏ مڙيوئي موج ۾،
اِهان پوءِ حُڪام، هو جا سچوءَ سنهجو.

مذهبن مُلڪ ۾، ماڻهو مُنجهايا،
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.

سچل هڪ انقلابي شاعر هو ۽ ”اَمن جو اَمير“ هو. هن ظاهري رواجن ۽ رسمن جي خلاف آواز اٿاريو آهي. هو صاحب پوڄائن ۽ نمازن کان وڌيڪ باطني صفائيءَ کي اهميت ۽ شرف ٿو ڏئي.

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مون ڏٺيون مرداڻو،
ٻاڻ ٻيگانو مون نه ڄاتين، آهين يار يگانو.

سچل، ڪي شاهه جي ڪلام وارا مضمون به پنهنجي ڪلام ۾ آندا آهن. شاهه وانگر سچل سنڌي شعر جي مشهور قصن: سسئي ۽ پنهون، نوري ۽ ڄام تماچي، مومل ۽ راڻي، سهڻي ۽ ميهار، عمر ۽ مارئي، ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ کي پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي. جئن شاهه "سر رامڪلي"، "سر ڪاهوري" ۽ "سر مومل راڻو" ۾ جوڳين جي استتي ڪئي آهي، تئن سچل به خاص طرح "سر جوڳ" ۾ سنياسين کي ساراهيو آهي.

پوڄاري جي پارکو، مهاديو تن من،
گنگا گم رهن، اُتن ڏسن ڪين ڪي.

پورب سندا پير، لاهوتي لئي ويا،
گوڙاري گهير، سچا گم گُر گيان ۾.

ڏسجي ٿو ته شاهه وانگر سچل جي به ڪن ڪاپڙين سان صحبت ٿي هئي ۽ انهن جي رهاڻ مان گر گيان جون سوکيون ٻيتيون هوائين.

جاڻي پورب پند، ٽاڻي آءٌ نه وڃڻو،
هي هُن جو هَنڌ، منهنجو هنڌ هنگلاج ۾.

ٻوليءَ ٿوري خيالات جي لحاظ کان، سنڌ جو صوفيانو شعر لاثاني آهي، ڇو ته اُن ۾ رنگي ٻ رياءَ ۽ تعصب جي ڏ آهي ۽ سراپا معرفت يا گيان جي موتين ۽ ماڻڪن سان مڙهيو پيو آهي.

٥- خَمرا١ خُمار اُنهيءَ جو خاصو،
مَستُ اُهو مَسرُوري٢،
اَزلاً اَبداً٣ عَجائب جهڙي، ميءَ اُها مَخمُوري٤،
اَنااحمد بلاميمي٥، ماريِن دم مَنصُوري٦،
سَچا جام جَلالي٧ پيءُ، ڪر حاصل حُضُوري٨.

٦- مست رهي ميخاني اَندر،
منڪ وَاري سين٩ مُستي،
مستيءَ سان نان سِرُّ١٠، سچائي،
اُنهن جو ڪَم ڪَمبَختي،
پيون سڀ ڪُڙيون ڳالهيون،
سچا سچو عشق اَلستي.

٧- چاجو ڪعبو، چاجو قِبلو١٢، هي پي١٣ سڀ بهانا،
ناقِص لِيت١٤ ڪَعبي واري، مَرد گهُمن ميَخانا،
سَچل سڪر اُنين آکيو، حَقُ لهَن مستانا.

١. شراب ٢. خوشي ٣. ازل کان ابد تائين ٤. خمار ٥. مان احمد آهيان بنا ميم جي يعني اَحد (هڪ يعني حق يا ايشور). (صوفين جي اعتقاد موجب اهو پيغمبر صاحب جو قول آهي) ٦. منصور جو نعرو ٧. جلال يا خدائي شوڪت جو پيالو ٨. حق يا ايشور جو حضور ٩ گهري ورليمين ١٠. راز ١١. ازلي محبت ١٢. جنهنکي يا جنهنجي طرف منهن ڪري سجدو ڪجي ١٣. ٻه ٻچ ١٤. خام خيال.

# ١ - خود شناسي

انسان، خيالن جي قيد ۾ قابو آهي. هو جي خيالات جا بند ڀڃي ته پاڻکي حلاجي (منصوري) حيرت ۾ پسي، ۽ ”اناالحق“ جو نعرو هڻي. عبديت (ٻانهپ) وارو ادب ئي انسان ۽ ڌڻيءَ جي وچ ۾ حجاب آهي. دين ۽ ڪفر جا خيال سندس راه ۾ رنڊڪون آهن. انسان انهن مان جي نجات (مڪتي) حاصل ڪري ته پاڻکي سُڀائي صورت ۾ پسي، ۽ ساري ڪائنات (برهمانڊ) تي پنهنجو حڪم هلندو ڏسي. انسان پاڻ ئي مسجود (پوڄڻ لائق) آهي؛ پوءِ ڪنهن اڳيان سجدو ڪرڻ ڪيئن روا نه آهي. هو اصل ۾ سلطان آهي، پر دنيا جي دام ۾ پنهنجي اصليت ڀلجي ويو آهي. هو هُت معشوق هو، پر هِت عاشق ٿي آيو آهي. هو عاشق نه پاڻ آهي، معشوق نه پاڻ. حق (ايشور) انساني جامو پهري، پنهنجو ئي حسن پاڻ پيو پسي. شاهه صاحب اهو راز هيئن سمجهايو آهي:

پاڻهين پَسي پاڻکي، پاڻهين مَحبوب،
پاڻهين خَلقي خوب، پاڻهين طالب تن جو.

مطلب ته محبوب پاڻ تي صفائي پوش پهري، پنهنجي حسن تي حيران ٿيو آهي.

## ١- خودشناسي (پاڻ سڃاڻڻ)

١- اول پيري١ پَچُ، سچل بندَ٢ خيالات جا،
لنهن پڇاڻون ڪُڇ، حلاجي حيرت٣ ۾.

٢- اَدب٤ اَڳي اوٽ٥، اوتِ٦ تہ اَڳاهون٧ ٿِئين،
مار نغاري چوٽ، عاشق اَناالحقَ٨ جي.

٣- دِين ڪُفر دل دام٩، ڏِج مڙيوئي مَوجَ ۾،
لِهان پوءِ حُڪام١٠، هوجا سَچا انهجو.

٤- جي مڃين تا آدمي، سي نہ مڃان مان،
سَچُ آهيان آءٌ، جو پاڻهو پنهي جو نہ ٿيان.

٥- هڪ سَفر ساعت، ٻيو سَفر سال،
ٻهڙون تا راحت، پوئون ١١ پوءِ رَهيو.

١. قيري ٢. بندن، زنجير ٣. منصور حلاج جي حالت، جڏهن هو "اناالحق" يعني "مان خود حق يا ايشور آهيان" چوندو هو. ٤. پابندي، پاڻ کي پاڻهو سمجهڻ ٥. رڪاوٽ ٦. پَچ، ٽوڙ ٧. اڳتي ٨. مان حق يا ايشور آهيان ٩. دل لاءِ جار يا قيد ١٠. حڪم، فرمان.

٦- پاڻ پڙهج، پاڻ ٻُجهج، پاڻ تي سِجدو ڪج،
پول نہ پيو پائج، ڪافر مومن هڪ ٿيو.

٧- ٻَسي پِسا پُليوس، تہ آءٌ آدمي آهيان،
وِڃان جان ويوس، تہ ساڳيو سڄو آهيان.

٨- جهڙو پانئم پاڻ کي، اهڙو آهيان آءٌ،
باقي رهيو ان ۾، سڄو مون صاحب جو.

٩- ستگر سچ سڻايو، سچا تون سلطان،
تُنهنجو شاهي شان، پانهپ پولي ناه ڪا.

١٠- *جڏهن ويهِين فڪر ۾، خاصو ڪري خيال،
تڏهن فرق وارا في الحال، ٻَڏَ ٻَڏَندي٢ وڃن.

---

١. ديوار يعني ظاهري وجود    ٢. ٽوڪي ٻڏندا، ٽوڪي وڪوڙي ويندا.

* جڏهن روحاني خيال يا آتمڪ ڌيان ۾ وهندين، تڏهين ويڇو وڇوڙو وسوسا اچي ورائيندءِ.

۱۱- هُتي ڪيو هياس، آيس هِتي ڪيو تي،
هُتِڙي ا الو پيو هُيو، لاءِ تَنين هِت تياس،
عاشق تي آياس، نہ تہ هيس معشوقي مام ۲ ۾.

۱۲- *هُيس معشوقي مامَ ۾، عاشق ٿي آياسِ،
اَچڻ اِ هو هِت منهنجو، خواهش هڪ ڪَنياسِ،
حُسن سندي هَوَس۳ هُئي، جنهن هِت هيوياسِ۴،
وِڃان آءٌ وِياسِ، سچُو ساڳيو سچ ٿيو.

۱۳- عشقو ن۵ ٿي انسان، آيو سيلاني سير لي،
صورت ۾ آدم جي، آدم دَمُ مهمان۶،
سچا تون سلطان، ستگر سچ سڏايو.

۱۴- بيائي ٻالهپ ڇڏ، سچا آءٌ اَحديت۷ ۾،
لَهوُن دَمَ تُون لڏ۸، تہ پاڪائي پاڪ۹ ٿئي.

---

۱. هتي (عرش تي) ۲. ڳجهارت ۳. خواهش، آرزو
۴. موڪلي هيو يا هرڪايو ۵. عشق يا نينهن وچان
۶. دم لاءِ مهمان (آ + دم = جو دم لاءِ آيو آهي.)
۷. هيڪڙائي، وحدت ۸. جسم ۽ جان کي وسار
۹. ٿج، ٻولڙ يا سراپا پاڪ.

* هتي سچل اِهو صوفيانو راز ٿو سمجهائي تہ حق يا ايشور لڪل خزانو هو. پوءِ سڏ ٿيس تہ پاڻ ظاهر ڪريان ۽ پنهنجي حسن جو مشاهدو ماڻيان.

١٥- تون ٿي مالڪ مُلڪ جو، ٻانهو ٻانهه مَ ڀاڻُ،
لاخير في عَبيدي١، اِهو آئي اهڃاڻُ٢،
صورت مَنجهه سُڃاڻُ، ڀاڻُ ٻَنهيجو ڀاڻهي.

١٦- ”تون“ ٿي سان ”تون“ لِيئِين، ”مون“ لَهان ”تو“ ساڻُ،
تون ٿي آءٌ سَڃهِين٣، ”لا“٤ ۾ موجودات٥ ٿيا.

١٧- تو جا ڀانئي مَوج٦، سا مڙئي مهراڻ٧ ٿئي،
هئي اُهن جا اُوجَ، جِن سَنبت٨ سُوريءَ ڀارَ ٿئي٩.

١٨- حَدن١٠ وچي هَرڪو، لاحَدا١١ وچي ڪير،
سچو سو فقير، جو حد لاحد لنگهي وڃي.

١٩- جا نہ چوڻ جهڙي، سا مان چوان ڪِيئن،
قِصو آهي هيئن، هئي ۽ هُوءَ١٢ هڪ ٿيو.

---

١. ٻانهي مان خير يا چڱائي نہ آهي (عربي) ٢. نشان ٣. سڃيئي ٤. سواءِ رب جي ٻي ڪابہ هستي نہ آهي. ٥. جيڪي موجود آهي، ڪائنات، سرشٽي ٦. لهر ٧. سمنڊ ٨. سالباهو ٩. سوريءَ طرف ١٠. حدن کان ١١. جتي ڪا حد نہ آهي ١٢. اِنسان ۽ حق.

٢٠- ڪَر ٻاٽڪي سُجُود١، تون آهين جاءِ سُجُود جي،
تون ئي عابد٢ آهين، تون ئي آهين مَعبُود٣،
هيڏي هوڏي نه ڏسين، تون مڙهوئي مَقصُود٤،
سَچوُ سَمجهه ڳالهڙي، مُحب آهي مَوجُود.

٢١- پاڻَ وڃائي پاڻُ، ڳولي لَهج پاڻَ کي،
پاڻَ مَنجهان ئي پاڻَ کي، ٻولدي جاڻَ سُڃاڻُ،
مَڪڻ آڪره هڪڙو، سوئي ڪير سَنڀاڻُ٦،
اِهو اَئي اُهڃاڻُ، ڳَهِلا! اِلهيءَ ڳالهه جو.

٢٢- هوُ ٻئي ڪين اَچُو، هي ٻئي ڪين وڃو،
نَفي ۽ اِثبات ڪان٧، ٻوي ٻَڌ ٻيو،
سَچَل سَچ ٿيو، ٻئي ٻانهپ ٻولي لاه ڪا.

٢٣- جهڙو آهين تهڙو هولدين، فاني ٿيندين ڇا؟
سُڌ پنهنجي سِرّ٨ جي، ڪامل! پيَڙَءِ ڪا!
ڳالهه نه سمجهيءَ سا، آوازي "اناالحق" جي.

---

١. سجدو ٢ عبادت ڪندڙ ٣. جنهنجي عبادت ڪجي، عبادت لائق ٤. جنهنجو قصد يا ارادو ڪجي ٥. تُر، کجي ٦. ڏڌ ٧. ڏٺيءَ ڪالسواه ٻي ڪنهن هستيءَ کي نه مڃڻ ۽ رڳو سندس هستيءَ کي مڃڻ ٨. راز.

٢٤- پنهنجي ذات اڪائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان،
ظاهر ڪريان ذات١ کي، تا هي ٻُٽ٢ پکيايان،
ظاهر باطن٣ هڪڙو، آءٌ تا حُڪم هَلايان،
سَچوُ سارو سَچ ٿيو، هيءَ حڪمت٤ چلايان.

٢٥- *قلبيءَ٥ ۾ نه قرار، آهي عاشقن کي،
روحيءَ٦ لَڪَ رُلايا، نه نفسيءَ٧ افعي دار،
سِرّيءَ٨ سَوَ وڃايا، خفيءَ٩ ڪيا خُوار،
اَپَر اخفاءِ١٠ الله کو، طالبَ کي تڪرار،
ري ٻروڙو پانهنجي، آهه شيطاني ڪار،
سچوُ هي سَنسار، سارو ٻاڪَ سَهي ڪرين.

---

١. حق يا ايشور کي "ذات پاڪ" چئبو آهي ۽ ٻئي سموري پساري کي "صفات". ٢. ظاهري وجود ٣. ٻاهر ۽ اندر ٤. حڪومت، سياڻپ يا افلاطوني (جي "حُڪمت" ونبو ته حڪومت ۽ جي "حِڪمت" ونبو ته سياڻپ يا افلاطوني).

٥. قلب يا دل سان ذڪر ڪرڻ. ٦، ٧، ٨، ٩ ۽ ١٠. جگر، نابي، ڪنڌ، مستڪ ۽ چوٽي.

* سچل ٿو فرمائي ته دم ۽ ساس لاهڻ ۽ چاڙهڻ جي جدا جدا طريقن مان اهو فيض نٿو ملي، جو پاڻ سڃاڻڻ مان. الهيءَ سچي علم کان سواءِ سڀ سماڌيون بيڪار آهن.

## ٢- ميخاني جي موج

عارفن جي نظر ۾، نمازون ۽ زيارتون محض بهانا آهن. جيسين خوديءَ يا هستيءَ کان ڪنارو نه ڪيو ويو آهي، تيسين محبت جو جام حاصل ٿي نٿو سگهي. حقيقي عاشق هميشه بيخوديءَ جي حالت ۾ ٿا رهن. هنن اهو خمر (شراب) پيتو آهي، جنهن ۾ اَبدي (دائمي) خمار آهي. اهو خمار سندن هستيءَ يا وجود جو ”موت“ آڻيو ڇڏي. انهيءَ ”موت“ ۾ هنن لاءِ مسروري (خوشي) آهي. هو ”جلالي جام“ پي، حضوري حاصل ٿا ڪن. عشق مڙيوئي ڪشالا معاف ڪرايو ڇڏي. عشق الستيءَ (آدي پريم) کان سواءِ ٻيون سڀ ڳالهيون ڪوڙيون ۽ باطل آهن.

طالب کي مرشد کان ”ساغر“ عطا ٿيو ته ڪيس ”بقا“ عطا ٿي. عاشقن جو مطلب ظاهري صراحيءَ يا مِينا سان نه آهي. هنن جو مطلب خود ساقيءَ سان آهي.

اڪا صحبت صراحيءَ سان، نڪي مِينا سان مطلب،
ساقيءَ سڀ سبب، سچل سڪ وارن جو.

صوفين، مرشد ڪامل کي ”ساقي“ سڏيو آهي ۽ روحاني فيض کي ”مئي جو جام“، جنهنجي پيئڻ سان طالب جي سموري خودي ۽ سمورا باطل خيال فنا ٿيو وڃن.

## (٢) ميخاني جي موج

١- مَسجد ڇڏي، مَيخاني١ اَندر،

حاصل ڪَيف٢ ڪياسين،

هي سَڀ حُسن جَمال اَسانجو، جنهن ۾ پاڻَ پياسين،

ڏوهَ ثواب کان آجا ٿي، ٻوءِ سڄل سچ ٿياسين.

٢- ساقي! ڏيج سُٺي، سُرڪ صُراحيءَ مان ڪَڍي،

ٻِڪ پِيارج پـاڙڪـوُ! محبت جي مٺي،

پِيَرَ سان پُٺي، پاڙَ ڏِيان جِنّ پاڻَ کي.

٣- ساقي! ڏِجانءِ باقي٣، تہ بقا٤ پِرهَ ۾ ٿيان،

فاني فِراقي، رَهي رَهندا ڪيترو.

٤- * نَڪا صُحبَت صُراحيءَ سان،

نڪي ميناه٥ سان مَطلَبُ،

ساقي سڀ سَبَبُ، سڄل سِڪ وارن جو.

---

١. شرابخاني (روحاني مردن جي صحبت) ٢. خمار ٣. ٻري ۾ رهيل گهاٽو شراب، جنهنکي "دُرد" چئبو آهي، بقا وارو شراب ٤. هميشه حيات، دائم قايم ٥. شراب لاءِ سهڻو شيشو.

* سڪ وارن کي نڪي صراحيءَ جي طلب آهي، نڪي مينا جي. هنجي سموري مراد آهي ساقيءَ جي صحبت ماڻڻ.

۵- خمرا خمار اِنهيءَ جو خاصو،
مستوت اِهو مسروري۲،
أزلاً أبداً۳ عجائب جهڙي، مِيءَ اِها مخموري۴،
أنااحمد بلاميمي۵، مارين دم منصوري۶،
سچا جام جلالي۷ پيءُ، ڪر حاصل حضوري۸.

۶- مست رهي ميخاني اَندر،
منگ وائي سين۹ مستي،
مستيءَ سان نان سِرّ۱۰، سچا ٿي،
انهن جو ڪم ڪمبختي،
پون سب ڪُوڙيون ڳالهيون،
سچا سچو عشق اَلستي.

۷- ڇا جو ڪعبو، ڇا جو قبلو۱۲، هي پي۱۳ سب بهانا،
ناقص نيت۱۴ ڪعبي واري، مرد گهمن ميخانا،
سچل ستگر اِئين آکيو، حق لهن مستانا.

---

۱. شراب ۲. خوشي ۳. ازل کان ابد تائين ۴. خمار ۵. مان احمد آهيان بنا ميم جي يعني أحد (هڪ يعني حق يا ايشور). (صوفين جي اعتقاد موجب اِهو پيغمبر صاحب جو قول آهي) ۶. منصور جو نعرو ۷. جلال يا خدائي شوڪت جو پيالو ۸. حق يا ايشور جو حضور ۹ گهري ورليسين ۱۰. راز ۱۱. ازلي محبت ۱۲. جنهنکي يا جنهنجي طرف منهن ڪري سجدو ڪجي ۱۳. بي، پڄ ۱۴. خام خيال.

٨- مُلا! ڇڏ ڪتابن پڙهڻ، مي١ جي پيءُ پيالي،
پل پر، مُلا صاحب! ٿين لون، مست و مست موالي،
ڇڏ ڪُلالي٢، قاضي صاحب! قائم ٿيءُ ڪلالي٣،
معاف ڪرائي عشق انهين ٿو،
سچل ڪاف ڪشالي٤.

٩- طالبَ! زُهد نه تقويٰ٦ طاعت٧،
موج مَڱڻ٨ مون مستي،
ڏني آهه اُستاد اَزل جي٩، همتِ طلب١٠ جي لئي،
* سچا مستي مُول١١ نه لهندي، جان جان وڃي نه هستي.

١٠- مست ٿين، نه مُريد نه رکجان م، ڪو جا راهه ربالي١٢!
آمدرفت١٣ نه جاڻن ڪڏهين،
بيخود١٤ ڪن بياني١٥،
بي سُڌ١٦، سُڌ اُنهن کي ناهي، رهندا لامڪاني١٧.

---

١. شراب (روحاني) ٢. بي حجابائي ٣. ميخوش ٤. مزيتي يا اجايا ڪشالا ٥. ۽ ٦. ظاهري يا شرعي يا ڌرمي پاڪائي ٧. بندگي ٨. مڱڻ ٩. مرشد ڪامل، جنهن سان طالب جو ازلي پيوند آهي ١٠. روحاني جستجو يا شوق ٢١. مُور، هرگز ١٢. حقيقي واٽ ١٣. سفر (زيارتون ۽ تيرٿ) ١٤. روحاني مستيءَ ۾ غرق ١٥. روحاني رازن جو بيان ڪن ١٦. بيخبر، مست ١٧. لاهوت لامڪان جا رهندڙ.

* جيسين خودي ميسار جي نه وئي آهي، تيسين حقيقي مستي هرگز حاصل ٿيڻي نه آهي.

# ٣- جـوڳـي

جوڳي ٽن قسمن جا آهن: لاهوتي يا لياڳي؛ ۽ ڪوڙا يا ويسڌاري. جوڳين جي ٽوٽي سڌيو ڏيـــان منجهه آهي ۽ گوڏڙي گيان جي ٻهوڙل اٿن. هنن جو اشنان آلمک گنگا جمنا ۾ آهي. سندن گذر ايکانت ۾ آهي، ۽ ماڻهن جو ميڙاڪو هنن لاءِ جوتي جاءِ آهي. هنن کي گرگيان جو پدارٿ مليل آهي. سندن من ۾ مهاديو پيو وسي ۽ درشٽي هميشه الاٽ ٽي اٿن. "پورب" جهڙي منزل هنن لاءِ اوراهين آهي. سندن سفر هميشه "هنگلاج" ڏانهن آهي.

مالها جي مڻين تي مـِڻ مـِڻ ڪندڙ گهڻا آهن، پر خيال ۾ مڻو ڪو ورلو آهي. ليڪن ۾ ڪر هڪڙو "طالب لياڳي" ٿو ليي. ڪاپڙي، راز ٽي ڪک رکي ٿا هليا وڃن. ڪوُڙا، وسٽن ۾ وهيو وڃن. آديسي اڪي ڪجهه پڙن، نڪي ڏسن. سندن قدم "پَرَ پونه" ۾ آهن. جنجو ناٿو ناٿ سان آهي، تنجو سـِـرُ ڪاٽ لـــي آهي. هـــو پنهنجو ڪند ڪوڏ مـــان ٿا ڪپائين. سچل، اهڙن سنياسين تي، شـاه والـڪر فدا آهي.

# جوڳي (۳)

۱- ڏُوٽيءَ۱ منجهه ڏِٺامُ، آهي آڏوڙِن۲ جو،
گُم ٿي گُر گَم۳ گودڙيا۴، ڪَن ڪِروڙيءَ۵ گيانُ،
اَصل ڪان اِشنانُ، گَنگا جَمنا اِن جو.

۲- پُورب۶ سندا پير، لاهوتي لَٽي ويا،
ڳِوناري۷ گُنير۸، ”سَچا“ گُم گُر گِيانِ۹ ۾.

۳- پُورب پنڌ آءِ، ڪنڌهن ڪاپڙين ڪي،
جِتِ ماڻهن ميڙاڪو ٿئي، سا جوڳي جوڳين جاءِ،
سَچا سَچَ سَواءِ، سودو ڪَن نه ڪو ٻيو.

۴- ڪَري لَنگهيا لوڪَ مان، لاهُوتي لوڙا۱۰،
گهوڙا ٿي گهوڙا، ڪري مَنُ مستان ويا.

---

۱. دولهين ۲. جوڳين ۳. گروه جي ڳالهه گيان ۾ ۴. گودڙي پهريندڙ ۵. آٿمڪ (گوڙ ٻڪيءَ وارو) ۶. اوڀر يعني تيرٿ آستان ۷. گرنار جا جوڳي ۸. ڳڻوان ۹. گروه جو گيان ۱۰. مڙد آلاپ.

٥. ٻُوٽ ڪان ٻوءِ، اانگن نظر آهه نا،
نِگهه١ وجهن لاهوت٢ ڏي، ٻَرِيُون٣ ٻيو ٻوءِ،
منجهان ذَوق ڏري، گُرَ کي گڏيا گودڙيا.

٦. جوڳِيءَ جالَ۴ ڏِٺام، ٻر ڪو ڪو ليکي ڪاپڙي،
هيءِ٥ ويهي وسٽن٦ ۾ ويا، هوءَ٧ نه لوڪ اڙيام٨،
ٻِيِين ڪاڻِ ٿيام، هيءِ! هيءِ! هَهڙا حالڙا.

٧- جوڳِي آهن جالَ، ٻر لاهوتي لڌي ويا،
هيءِ مڻ مڻ ڪن٩ مڻين١٠ سين، هوُ ڪَڙا مٿي خيالَ١١،
سي لانگوٽيا١٢ لعلَ، ٻيٺو ٻاڳه ٻِڙن مون.

٨- لوڪين١٣ لاهوتي١۴، ڪَنهين ٻَر نه ٻرِيا١٥،
سي ٻنهنجو رَکي ٻـوُر ويا، سالڪ ثاٻوُتي١٦،
آهي آڏيءَ١٧ آڏوُلي، نانگا ويـڙم نڪري.

---

١. نگاهه، درشٽي ٢. ايشور ٣. ٻاريون ولايت، اوکنڊ ٻيا افضل ولايت ۴. گهٽيئي ٥. ڪُوڙا جوڳي ٦. دنيوي شين يا اسبابن ٧. سچا جوڳي ٨. لوڪ يا دنيا ڏانهن مائل نه ٿيا ٩. منتر يا نام جپين ١٠. مالها جي داڻن ١١. آتمڪ خيال ۾ سجاڳ يا بيدار ١٢. لانگوٽ ٻڌندڙ جوڳي ١٣. جهان طرف ١۴. لاهوت جي منزل وارا ٻئي سچا جوڳي ١٥. هرکيا، مائل ٿيا ١٦. سچا يا ثابت قدم فقير ١٧. آڏيءَ راس.

٩- لاھوتي مان اوڪ، آيا گھڻا لنگھيا،
سَھل ساميڙن[١] لئي، محبت وسي موڪ[٢]،
سي زائر[٣] منجھان ذوق، ڪنڌُ ڏين ٿا ڪاسَ لئي.

١٠- وراو ورائي، گيا ڏئي ڪوڏڙيو،
پُليا[٤] ڏئي پيرو[٥] ۾، پوکي ۽ پائي[٦]،
طالب ليائي، لڪن ۾ ڪو هڪڙو.

١١- جوڳين جَتائون، جوڙي جڙاؤن جانِ لئي،
چِمٽا پڌي چيلھ لئي، ڳُجهيون ٽَليائون[٧]،
جَھجيون[٨] سان جانِ لئي، کِنتا ڪَڙيائون[٩]،
ڳِروڙي[١٠] ڳاڙون[١١]، پورب پنڌ پڌي ويا.

١٢- جاڏي پورب پنڌ، تاڏي آءُ نه وڃئو،
ھئي ھُنن جو ھَنڌ، منھنجو ھنڌ ھنگلاج[١٢] ۾.

---

١. ساميئن، جوڳين ٢. گھڻي ٣. زيارت يا جُنگ
٤. پليل، گمراه ٥. دنيا جي وهڪ ٦. عيش ماڻيندڙ
٧. ڳُجها پڌائون ٨. زاهدون ٩. کشتا يا ڪشڪول جڪڙيائون
١٠. گيان وارو ١١. ديس، آستان ١٢. هنگلاج جو ليرڪ،
جنهنجي ياترا جوڳي ڪندا آهن ۽ جتي ديويءَ جي پوڄا ٿيندي آهي (شاه اهو ستار "سر رامڪليءَ" ۾ ڪيو آهي.)

١٣- مهاديو١ جن مَنَ ۾، پوڄارين ان پرکَ،
اَنهي پهر اندر ۾، لکن٢ لک٣ الک٤،
وَڪي وِيا راز ري، ڪاپڙي سي ڪَک،
جَهان ماري جَکَ، هو پوڄا ۾ پُر رهيا.

١٤- پوڄاري جي پارکو، مهاديو ان مَنِ،
گنگا گُم رَهَنِ، پُٽَنِ ڏِسَنِ ڪيڻ ڪي.

١٥- اَڇا آڏولي، آهن اَڪيچار،
اَوڌيا اَهنڪار، پڇي جن پوراه ڪيا.

١٦- جوڳي آهن جٽي، گوش٦ گنگا ڏي ان جو،
آهن ڪونيا٧ ڪاتب٨ جا، ڪن ڪَمَت٩ ڪاپڙ١٠ اڪي،
سِرُ سَنباهن سي، جنين ناتو نانگ سان.

١٧- پورب پير ڏرن١١، ڪن وَچِت١٢ پراهين١٣ پنڌ ئي،
قدم رکي ڪاٽ ئي، ڪَنڌ قربان ڪرن،
ڪوڏون١٤ ڪاپڙن، "سچل" سر صدقي ڪيو.

---

١. شو مهراج، جنهنکي شاه "مهيسر" سڏيو آهي، روحالي خمار کي "مهيسر جو منڊ" ڪوٺيو اٿس ٢. ڏسن ٣. دِرشن ٤. اَلک، يعني ايشور جو ٥. رليون رليون ٦. ڪن، ڏيان ٧. شايق ٨. ڪاتي، خنجر، (سر ڪپائڻ جا شايق) ٩. ڪن ڪپائيندڙ جوڳي ١٠. ڪاپڙي، جوڳي ١١. رکن ١٢. سفر، ڪاه ١٣. ڏور ١٤. ڪوڏ يا شوق وچان.

١٨- متي ڪاٿ قدم، ڪاڪيون١! ڪاپڙين جو،
سنسو مٿي٢ سروپ ۾، "سهل"٣ ٿيا سي سم٤،
سدا ساميڙن جو، دماميون٥ سان دم،
آديسي عدم٦، ٿيا لالي اندر لاٿ جي.

١٩- ڪاپڙي مون ڪالَ٧، اچا ڏٺا ڏهه ۾،
هيءَ! هيءَ! مٺهڙي حال، جو ساڻن ٿيس نه سگهتي.

٢٠- ڪري لوڙ٨ لنگهيا، هيءَ! آڏولي اڄ
مون هٽوُن٩ آءٌ! اِيَڄ، جو آڏو ويندس اُن سين١٠.

٢١- ڪاپڙي قنديل١١، ڪنهو ڳُھن گودڙيا،
ڇپَٽ ڪري١٢ ڇپن١٣ ۾، ڪَن ڪاريهو قنديل١٤،
مُنڍين١٥ مولين سان اهي، آڏولي اصيل١٦،
سهل سي ڪ سبيل١٧، جيءَ ۾ جوڳيڙن جي.

---

١. اڏيون ٢. وهم وڃائي ٣. اڄ سروپ يا ذات ٤. هڪ، لين، يڪوجود ٥. دهلن دمامن (آهڙ شبد ڏانهن اشارو، سندن اندر ۾ ساز سرود ٿيا وڄن) ٦. گم، محو ٧. ڪالهه ٨. مٺو آواز ٩. مولڪان ١٠. الهن سان ١١. شمع، مشعال ١٢. لڪائي ١٣. ٿوڪرن ١٤. قالل واسينڪ ١٥. مٺتون سان وس ڪن ١٦. سچا جوڳي ١٧. ڳيچ، گهٽي.

٢٢- لاڳي لاهوتين، ڏرم جي ڏونگي،
پنهه جي پوٺيا، مُنجهه سانڍي سناسي هليا.

٢٣- آهين اُڪيچار، اُتر مُڪ٢ آدوس٣
پُورب سي ڪ پُرياڻ، تکي ڪن پِرچار،
اُس ني پهو آچ ۾٥، رهن سي گُم غار٦،
سچل سنسڪار، سنسا تن وڃائيا.

٢٤- جوڳي پاڻون پاس٧، پرمنهنجو٨ آڏون سان،
سفر ويا ساجهري، رهيا ڏُڳي راس،
طلب ليئن جي ڪاس، واليان ڏيهان روح کي.

٢٥- جهونا ڳُڙه جي جوه٩ ۾، جوڳين جوڳ اُجوڳ١٠،
پوڳين پوڳ اُپوڳ١١، ڀاڳ وڃائي ڀالهجو.

٢٦- هيءَ! هيءُ ڪالهه هتاهه١٢، اُچا لاهوتي لکيا،
ڪوڙ وڃڻ جو ڪو ڏنئون، سچل کي سماهه،
نا ڪو پوي پرواهه، لاهوتين جو لوه مان.

---

١. ڪهه جي پوٺي (جنهن ڪهه سڙي، تنهن اُهڃاڻ کي سانڍيائون) ٢. اندر ۾ جهالي پائيندڙ ٣. جوڳي ٤. هليا ٥. سامهي اُن کي "اوچتي آچ" لو سڏي ٦. مڪمل طرح غرق ٧. قسمين قسمين ٨. منهنجو رشتو يا ليکو ٩. آستان ١٠. نا روا ١١. پيارا يا اُن کي ڏاڻا وڻن ١٢. هتان ١٣. سنسار يا جهان.

٢٧- ڪوڙين١ ٽوٻاڻي، آءُ لسا ڪاپڙين تان،
ڏيٺي ويا جي ڏيل٢ کي، هيءَ! هيءَ هيراڻي،
ماروئڙن٣! مهماڻي، آءٌ سر ڪندئس صدقي.

٢٨- ويا هٿ وڃائي، اڄ ڪالهه ڪالهوڻين ڪاپڙي،
آئل! آديسين جي، ڳالهه ڪريان ڪنهي٤،
سَچل ساري سِڪَ مان، ڳاروڙي ڳيهي٥،
پُورب ۾ پيهي، وڃي واصل ٿيا٦ وِصال٧ کي.

٢٩- ويا لاهوتي لالَ، لوڙا ڪري لوهه مان،
ڳالهه نه ڳَرهڻ٨ جهڙي، مڪر مُنهن مَشعالَ٩،
هيءَ! هيءَ! هڙي حالَ، ساريو١٠ سي سَڪمران١١.

٣٠- ڪاپڙي ڪَن ڪاڻَ، آئل١٢! آءُ لنگهي ويا،
مست ڪري ويا مَن کي، مُرلين سان مَٽيار١٣،
اَن جوڳيئڙن جي جاڙَ١٤، مون کان مُٺي نه وسري.

---

١. ڪروڙين پيرا ٢. جسم ٣. اي مارئون! ٤. ڪهڙي ٥. ڳيان ۾ رتل ٦. گڏيا ٧. ميلاپ ٨. سلڻ ٩. شمع والڪر ڀڪندڙ ١٠. ياد ڪيو ١١. سڪ ۾ مران ١٢. امڙ، جيجل ١٣. مٽيا وارا ١٤. سڪ ۽ پيار.

## ٤- محبوبن جو ناز ۽ حسن

محبوب جي صورت ۾ عشق جون آيتون آهن. معشوقن جو دستور آهي غرور، نخوت ۽ ناز ۽ عاشقن جو فرض آهي نهڙت، عجز ۽ نياز. معشوقن جي مُنهن تي عرق جا قطرا ڦڙين آهن، جن ۾ تي ماڪ جا ڦڙا. سندن زلف ڦڙين آهن، جن اُسر جي وقت سنبل جا سلا يا واسينگن جا ولا. سندن اَبرو ڪمان مثل آهن ۽ پنبڻيون پڪان، جي عاشقن جي سيني ۾ سل ڪيو ڇڏين. سندن رخسارن تي ڪاڪل، سهڻي موغول جي صورت ونيو ٻيٺا آهن. دلبرن اڳيان عاشقن جو سجدو صحيح ۽ ثواب آهي.

سندن ڇهري تي خط ۽ خال ائين آهن، جڻ "مصحف جا اعراب". محبوب جي ديدار ۾ پاڪ آستان جي زيارت ۽ پالوائن جو فيض آهي. جيڪڏهين زاهد، هڪوار سندس حسن ۽ جمال ڏسن، ته ڪانڻ ظاهري پاڪائي وسري وڃي.

محبوب جي نيم شبي مهتاب مثل صورت جي مشاهدي (درشن) لاءِ عاشق پنهنجا سر سٽ ۾ ڏيو ڇڏين. پره وارن جي جان، جسو ۽ جيءُ مڙيئي آڙاه ۾ آهن.

جان جسو جيءُ جلي، عشاقن آڙاه ۾.

## (٤) محبوبن جو ناز ۽ حسن

١- زور غرورا غماز٢، عادت البيلن٣ جي،
نيوڙت ليڪن نياز، آهي عاشقن٤ ۾.

٢- آهي عاشقن ۾، نيوڙت ليڪن نياز،
نخوت٥ نخرو ناز، عادت البيلن جي.

٣- مو٦ مکيڙيا٧ منهن تي، ڇپيلن٨ ڇلا٩،
سنبل١٠ چڙهي ڪي ٿلا، صبح ڪهيا ساجهري١١.

٤- مو مکيڙيا منهن تي، ڇپيلن ڇلا،
واسينگن ولا١٢، وره واريلن تي ڏنا.

٥- قوس قزح ڪمان١٣، ابرو عجيبن جا،
ضرب١٤ ظالم جي زور سان، اچن الامان١٥،
سل١٦ هڻن ٿا سيني ۾، پنبڻين جا پيڪان١٧،
تيزا١٨ ليڪن تمان، سچل سر سهائيا١٩.

---

١. تڪبر ٢. شوخي ٣. بيپرواهه معشوقن ٤. عاشقن ٥. وڏائي ٦. زلف ٧. مکڙين مثل پکيڙيا ٨. حسين ٩. ڪاڪل، زلفن جا خم ١٠. سنبل گل، جنهن سان شاعر وارن کي تشبيهه ڏيندا آهن ١١. سويل ١٢. وراڪا ١٣. رنگارنگي ڪمان يعني اندلٺ ١٤. ڌڪ، زخم ١٥. رحم (ڌڻي رحم ڪري) ١٦. سوراخ ١٧. تير، تيرن جون نوڪون ١٨. ڀالا ١٩. سر تي سٺا.

٦- اَڀرو ڪش١ ڪمانَ، ماڻن٢ مشتاقن کي،
ٻڌڻين جي ٻڪان سان، زوريءَ ڪن زيان،
اوهه اَلامانَ، آرس ڦـ لِڱن ايسو جيترو.

٧- ڪَڄا ڪَڄ٣ محرابَ٤، مُنهن ۾ محبوبن جي،
ڏِنگا وِنگا واهه! مُصحف٥ جا، اعرابَ٦،
سِٽُن سيپارن٧ جون، پڙهڻ اُٿن ثواب،
ٻارهه سندا بابَ، سَچل سَڀ ختم ڪيا.

٨- جَبِين چَـلا، سو پکيڙيا منهن اَسي،
لِيم شبي٨ مهتاب٩ جيان، مُنهن ٻرن مَشعلا،
ناريڪيءَ١٠ نيڪوارا١١، اِڪا ڏِسن اُجَلا،
عاشق اُهي اَجَهلا١٢، سِرَ ڏين تا سَمتِ ۾.

٩- آخوندا١٣! ڏسين اوچتي، جَبِين چَـلا،
سجدو ڪرڻ سهڻن کي، ميان صاحب مُـلا!
قاضيڙا١٤! ڪُلاه١٥، وَحَـل١٦ رکين ڪَنڌ ۾.

---

١. اَڀرو يا ڀرون ڪشيدو ٢. ماڻن ٣. ڏِنگا وِنگا، ڪوڙ
٤. ڀرن جي ٻيمت محراب سان ڪئي وئي آهي، پاڪ ڪمان (Sacred arch)، سجدي واري جاءِ ٥. قرآن شريف
٦. ماترائون ٧. قرآن شريف جي ٽيهن ڀاڱن (سي = ٽيهه، پاره = فصل، باب) ٨. اڌ رات جي ٩. چنڊ ١٠. اونده
١١. ليڪ وارا، چمڪندڙ ١٢. اُڃا جهل يا روڪ جي
١٣. پاڙهيندڙ مُلو ١٤. اي قاضي ١٥. ڪُلاه، ٽوپي، دستار
١٦ ڪاٺ جي ڳوڙهي (ڪتاب رکڻ لاءِ).

١٠- واشي[1] ۽ خاشي[2]، صورت ساڳي سهڻين،
مورت هيءَ محبوب جي، ڦهي[3] ڦهماشي[4]،
مولي مُرهيل مُکڙن، جهڙا قرآني حاشي[5]،
کهو ۽ کاشي، مڙلون محبوب جون.

١١- حبيبن[6] حبشي[7]، ٻهرو رکيو ٻاڻ تي،
اُللو اُچا کان اُچي، ڪاري لٽهن ڪمي،
رُخ الهيءَ ڏشي[8]، ڪوڙين قتل ڪيا.

١٢- آهي ڪو جو جهلي، ڦکو تاب حسن جو،
ٻلي[9] تيا جي ٻره جي، ٻابوءَ[10] تنها سي ٿلي[11]،
سچل ساٿين سُهڻن سان، وس ا، ڪمهيچو هلي،
جان جُسو جيءَ جَلي، عُشاقن آڙاهه[12] ۾.

---

١. هرڪا نيڪڙو (وشونس ۽ ساڳئي معنيٰ ۾ آهي)
٢. شوخ (شاخ = جنگ) ٣. ڦهم واري ٤. ڦهمائش ڪندڙ
٥. قرآن شريف جي ورقن تي چڙهيل ڪناري ٦. محبوبن
٧. ڪاري خال يا تر ڏانهن اشارو، جنهن کي حافظ شاعر
"خال هندو" تو ڪوٺي ٨. ڇڙانون ڪندڙ رشي، ڪوڙي
٩. حوالي ١٠. جوڳي ١١. ٻلي ٻلي، واه جا ١٢. مچ.

١٣- قطرا آب عرق١، [٩۴]سوُرهَن سَڄڻ منهن تي،
جَرڪن جهلڪن٢ ٽالائين، جِن پَسين٣ ماڪَ مُرڪ۴،
داڳا ڪن دَرڪ٥، دل ۾ دردمَن٦ جي.

١۴- مُصحف٧ پاڪ چوان، مُنهن و محبوبن جو،
آيتون٨ منجهه عشق جون، مُطالع ڪيان٩،
قاري١٠ اچي ڪو پڙهي، هِجي١١ هيءَ روان١٢،
حَرف سَپ سَڌوان، ڏِنگو ڏِسان ڪوءِ ڪو.

١٥- اوڳ ساري جوُن سُهمان١٣، سَچي١۴ سَهَڻ آيون،
مُشتاقن١٥ ڪي مُحب جون، چَڪَن١٦ ڪَن چيمان١٧،
بابوُ١٨ جهلي پِره١٩ ڪَنان، تو عِشقان جهلي آمان٢٠،
سوُرن سَندا سَمان٢١، سَچل سَپ سَهائيا.

---

١. پگهر، پسينو ٢. چمڪن ۽ ڀڙڪن ٣. پسڻ تي
۴. ماڪ جي مرڪ ٥. اونهاڻ، اونهو زخم ٦. درد وارن
٧. قرآن شريف ٨. خدائي يا مقدس يا الهامي ڪلام
٩. پڙهان ١٠. مٺي آواز سان پڙهندڙ (خاص ڪري قرآن
شريف) ١١. هتي لکيت يا ڪتابت ١٢. لس ٿي لس
١٣. طعنا عتاب ١۴. سچل کي ١٥. عاشقن ١٦. موهت يـا
مفتون ١٧. ناز نخرا ١٨. جوڳي، هتي عاشق ١٩. عشق کان
٢٠. پناه، سلامتي ٢١. سامان، بار.

## ٥- سارنگ

”گوڙڪڻ جي ٻاڪري،“ ٻيهر وڃان پڙهڻ سان حقيقي بارش جون ٻوندون ڇم ڇم ڪيو اچيو وسن. سارنگ آبو ۽ جڳ صاحب، عالم سان ساڳي ٿيو. سارنگ، رحمت جو درياهه آهي، جو هو هند گلزارين ۽ گاهه اڳايو ڇڏي. رڻ کي ربيع اچيو وڃي ۽ مٿن گوناگون گلن جي رونق لڳيو وڃي. والي، ٻڌهنجو وڙ ڪري، وطن کي سرسبز ڪيو ڇڏي. سارنگ ساري فضا کي سُرائتن سُرن سان ڀُر ڪيو ڇڏي. چوطرف سر منڊل، سارنگيون، چنگ ۽ طبلا پيا وڄن. سارو عالم ٻهاريءَ ۾ اچيو وڃي ۽ هرڪنهن جي وات ۾ ”سارنگ سانت“ جي ٿي والي ٿي رهي. هاري، هيج وچان هر ٿا ڪاهين، ۽ ٻڪري ناڻ موج ۽ مستيءَ ۾ اچيو وڃن. جيڪا اُڃيا هيڻا آهن، تن جي شل پرور پت رکي. اهڙن جو آجهو ۽ آسرو رب ستّار آهي. سارنگ آئي، درد مندن جون دليون وجهلن ٿيون ۽ کين پرين جي ياد اچيو ستائي. جن جا ڄاڻي پرديس ۾ آهن، تن کي اُنهن جا ٿي پُور پيا پون. انسان ۽ حق ۾ پاڻ ۾ الين هڪ آهن، جئن بادل سان بجلي. سارنگ، حقيقي پرين جو روپ آهي:

اڄ مهانجي يار، وطن جا وس ڪيا. (شاه)

## ٥- سارنگ (مينهن)

١- ٻريما ڪڪڙي جو ٻڙهي، ڳُرمڪ جي ٻاڻي٢،
وَسائي وَسَ ڪري، ٻَلو جو ٻاڻي٣،
ٻوُلدو ن وَسن ٻره جون، ڇم ڇم مان ڇاڻي٤،
سَچل ٿيو ساڻي٥، صاحب سارَنگ آئي.

٢- *مؤن ۾ آهين اؤن، تو ۾ آهيان مان،
ٻجلي بادل سان، آهي جنهن سهوان!

٣- والي! وسائيج، تَرڏ مندي ۽ جو ديس،
ٻولان مون ٻرديس، آئي٦ ايندم اوڏڙو.

٤- ديسان ديس وسي ٻيا، رحمت جا درياه،
گلزارٻون ۽ گاهه، ٻوٽن٧ لي ٻڌرا ٿيا.

---

١. ٻولم وچان ٢. فقيرائو يا عارفانو ڪلام يعني اها ٻاڻي، جنهن ۾ ايشور استتي هجي. ٣. ٻرسات جو ٻاڻي. ٤. ڇاڻيء مڇهان (اکين مان) ٥. ساٿي، واصل ٦. مينهن وسندي ٧. ميداني، ٻڻن.

* جنهن ڪڪرن ۾ ٻجلي يعني وڄ سمايل آهي، تنهن مان او ۾ ۽ تون مون ۾ سمايل آهين.

٥- سارنگ ساري رات، وڄن مٿي رڄ ڪيا،
ڏکڻ٢ ڏورڙا سوليا، ڏور ۽ ڦُٽيءَ ڏيهاس،
ڦٽن لي ڏڌرا لئيا، ڪل ڦُل ڏالون ڏاهس٣،
والڙي سوکڻهن واس، سهڻل سارنگ ساهت٤ جي.

٦- اولان٥ اوري، ڪنڌي چمڪڻي چمڪات،
اُلان ڪيائين اوڇتي، لسَ لهڏي لي٦ لاٽَ،
مَنڌَل ٿيا مَڪرانَ٧ لي، گوڙن جا گَڪاتَ،
ڪڪرن مَٿان ڪيڇ٨ جي، ڦڙڪڻي ڪاڏا ڦاتَ،
وري ورلئون٩ واتَ، سَهڻل سائي سنڌُ جي.

٧- اڄ ڀڄ ڏورب ڏار ڏي، ڪڪر ڪڪوريا١٠،
سارنگَ سُر سُرائيا، ساجهري سوريا،
سُرمَنڌل ۽ سارَنگئون، چَنگ چڱا چوريا،
آپَ آلي اوريا، طَبل١١ ڏارؤن ليهرَ١٢ سان.

---

١. وڄ ڦٽڻ کي آبدار ڪيو ٢. ڏکين ٣. قسمين قسمين، گولاڪون ٤. سگهڻ ٥. آلو ڪان ٦، ٧، ٨. ڪراچيءَ (سنڌ) جي آلو اولهه طرف ملڪ ٩. ورلائون ١٠. ڪاراهه ڪٿي ١١. طبلا ١٢. جوش، زور.

٨- والي١! وري لڏن، وطن لئي وس ڪيان،
مينهن وسندي مون، سڄڻ ساريا سُورن.

٩- سارنگ سبح آيو، گوڙاڙن٢ ڪري گاجَ٣،
هاري هَليا هاجَ، ڪُڙمين هَرَ کُلهي ڪَيا.

١٠- اَوَل آندي٤ آئي، ٻوڙان جُهُڙَ جهجهو،
اڪو اولو آسرو٥، اَڪو اوت اُجهو٦،
ڏُهليُن٧ ڏجهو٨، ٻَرڪرا! ٻِج ٻَڌن ٻر.

١١- پيڙو! نا پاليو، ٻر ٻُڌن ڪنڌي آ اُس،
اڄهو ڙي آيو، وري وِٽر وَرو٩.

١٢- سارنگ سدا سات، سَرابون سانَگ آئيون،
ڦيرائو راڳ ناتَ١٠، وِڄُن وسي وَسَ ڪَيا.

---

١. اي مالڪ! ٢. آواز گجگوڙون ٣. گجگوڙ ٤. اونده
٥. ٻردو، پناه ٦. آڌار ٧. ڏکوئيل ٨. آئيس، آڌار ٩. گهٽو،
سوس ١٠. سازن کي سوري، سر ملايو.

١٣- پُورب سندي پار جا، ڪڪر ڪارونڀارا،
وِڄُن ۽ وڄڪ سان، چڙهن ٿا چوڌار،
آئي٢ کي آئيندي٣، اُڏامون سِنڌڙيءَ٤ سار،
ساوا ٿيا سَنگهار٥، موليٰ سندي مهر سان.

١٤- مَهر سَندا مينهَن، شاه! وسائين ٿَلَ!
جُهرِيَل٦ مڙهني جهوپڙي، ٻِيا جَهلي جَهلَ٧،
ڪاهِل٨ اي ڪَهَل، ڪندين شالَ ڪَرم اون!

١٥- نازڪ٩ سَندو نينهُن، آهي لائين جيڏيون!
پنهنجي راڻي١٠ رمزَ ڪري١١، جن سالوڪ مِينهُن،
راز رکي اُو رِينهُن١٢، مَنَ ۾ مَهجوريءَ جو.

١٦- رالاڪو رِيهُن١٣ سان، وِڪَ ڪيائين رمزَ،
ٽَڪَن مَٿان ٽِٽيون، هيرُون مڙهان هيجَ١٤،
ٻَنَ ۾ ٻَهار ڪئي، گُلزاريءَ جي گهيجَ١٥،
سَهُل سارنگ سيجَ، سُوَلهي ساوَڪ وچ ۾.

---

١. انهايت ڪارا ٢. سند ۽ پنجاب جي وچ ملڪ ٣. آب ڏيندي ٤. سند ٥. مالدار ٦. ڍڳل ٧. ٻڌا ڪنهون آڌار جي ٨. هٿي لپل يا عاجز ٩. نازنين، محبوب ١٠. موضيع ١١. آب ڏني، آلو ڪري ١٢. رمز وارو آلاپ ١٣. آلاپن ١٤. شوق ١٥. رونق.

١٧- اَکين آب ڪهائيو، سرليون! ساري رات،
وَهائِن وَڏ ڦُڙو، ٻَوڇان ٻا ٻرپاسه،
ٻيرو! ڪان ٻرسات، اکين اولڙا سِکيو.

١٨- هڪ ڪَڪَرُ ٻيو ڪڇَڻُ، تيون لَهري ٻيو سيءُ،
جهوري وِڏَئين جهوُٻوُن٢، ڇَن٣ وڏائين ڇپيءُ٤،
حال جنهين جو هيءُ، لِن ٻَرڪَرا! ڏَکُ ٻَداه مِرا!

١٩- * سَچل سائي سندُ جي، ڪري ڪانون واتَ،
جُهڙ ڦُڙ جُهلي آئي، جهَنڪو ڏٺي جهاتَ،
ڪسي ٻيا ڪڏ ڦُڙا، گهڙ ٻُسائي گهاتَ،
لائي اَچَ اساتَ، سارنگ سَنگهارن جي.

٢٠- سارنگ آيو صبر ٻر، ٻوُلدن ڪٺي اس،
رنگارنگي رَسِ٥، قزح٦ ڪَڏي ليل٧ لي.

---

١. آب وهائڻ ٢. جهوٻڙون ٣. هيناهين ٻٽ لي
٤. گهارو ٥. رونق ٦. ابلمه ٧. هتي آسمان.
* سچل هتي شاه واڱر سند لاء حب ڏيکاري آهي.

٢١- وِڄُنِ وِڪَڻ وَڏائي، وَسڻ وَسُ ڪيو،
وڄڻ واڄا واهَ ڪيا، پائُرا پوه پلٽيو،
سَڄا سائو ٿيو، سَڀڪو سارَنگ آئي.

٢٢- اُتران اوري، بادل بَرسي٢ آئيا،
سُرَّ سُرِلا سوزَ جا، سارنگ تو سوري،
گهوري٣ مان گهوري، اڄهو اَڱَڻ آئيا.

٢٣- عالَم٤ کي آگاه٥، سارنگ ڪندو آيو،
گَرڙَ جئن گوڙيون ڪري٦، ڪاهيو اڇي ڪاه،
واءُ٧ سان واوا ڪري، ڏاهيو اَڇي ڏاه،
وَسايائين وَڏَ ڦُڙو٨، واڌُن تي واه واه،
گُذرايون ۾ گاه، پَٽَن لي پَڌرا ٿيا.

---

١. اُتر ملڪ جو ڏاکڻو پاڳو ٢. وسي ٣. قربان ٤. جهان ٥. واقف ٦. آواز يا شور ڪري ٧. هوا واچوڙو ٨. وڏن ڦڙن واري برسات.

## ٦- محبوبن جو خط

محبوب وٽان آيل خط پڙهي، عاشق، اکين مان آرسو آب ٿو هاري. اُن جو راز سمايل آهي، انهيءَ سٽ هوُ ٻين کي نٿو ڏئي. معشوق جي عبارت ۾ لسورو ناز آهي. اها عاشق اُن جو جواب لکڻ ٿو وهي ته سندس اپڻ رت سان پوڄيو ٿا وڃن. محبوب جي خط ۾ جيڪي اِشارون آهن، سي عام ماڻهو سمجهي نٿا سگهن. خط جي پهرين سٽ مان ئي چڻري جون چڻيون شعلا ڪيو پيئون اڪرن. اُنهي واچڻ سان عاشق جي دل درد جي درياه ۾ ٻڏيو وڃي. قربن جي ڪتابت ڪرار ڪان لکي آهي. اُن اها ئي تاڪيد آهي ته ”اي عاشق! دوستيءَ وارو دم هرگز نه وسارج.“ فراق جي هڪ ساعت به نهايت ڏکي آهي. پرينءَ ڏاهن لکيل خط ڪنهنکي سپرد ڪرڻ به ڏکيو آهي، مڻان قاصدئي اهو پاڻ پڙهي ۽ اُنجي عبارت ٻين کي ٻڌائي. عاشق، محبوب کي اِهائي اِلتجا ٿو ڪري ته ”مون فقير تان فراق لاهه. تو ٻنا مان گولڊر ۾ ٿو گهاريان. اُون محهنجو ٿيءُ، جو مان انهيءَ ٽالي جو اوڪر آهيان.“ پرينءَ جي سڪ، ٻين سڀني فرضن کي فنا ڪيو ڇڏي.

## ٦- محبوبن جو خط

١- خبر ڪنهين جو خطَ، آس جو عَجب ڏاهن ١،
روئي اَکين رَتُ، ڪَري مُطالع ٢ مَنَ سان.

٢- لِکيوُن لَسَ لَڙهان٣، ساڄنَ سَلامَن جوُن،
ٻُوڙو٤ پاڻَ پڙهان، ٻُڌايان لَـ ٻن کي.

٣- رُقعي٥ منجهان راز، مِڙاوني معلوم ٿِيو،
سورو هو ناز، سهل سِڪ وارن سان.

٤- روني زارون زار، ٻُوڙو لِکيوم ٻاڻ٤ ڏي،
ڏاو خَط خُمار، راوُل ٿـي عبارت٦ م.

٥- اَها عِبارتَ، لڪل لڳس پِـوڻ ڏي،
روئندي پَراون رَتَ، اوڪَڙ٧ پَڙهي اَکيون.

---

١. عجيب يعني محبوب وٽان ٢. پڙهي ٣. اس ٿي اس سٽون ٤. خط ٥. خط ٦. لکڻ جو اوع ٧. رودن، اَکين مان آب جي وَس.

٦- ڪا جا ڪتابت، آڻي پار پرين جي،
صحيح سا ثابت، مون ڪان واچڻ٢ نه ٿي.

٧- ٿي ٿي پيغام، لکي مُڪا سَڄڻين،
سي نه سمجهن عام، جي آهن مدجهه اشارين٣.

٨- پهرين سِٽ سَماءِ، ڏاڍو واچيندڙ ڪي،
ڏاڍي خَط مَدجهان، ڇڏيون ڇيڙي٤ ڪيائون.

٩- واچيو جنهن ورق، جو پڻ لکيو سَڄڻين،
سو چَڙ ٿيو غَرق، درد واري دَرياه ۾.

١٠- وهجو رَوانو، ٿيو پريان جي پار ڏي،
ڦل پهچي پروانو، سلامت ڪي سَڄڻين.

١١- آيو ڪاڳر قَلَمُ، مؤلدي مُحبوبَن جو،
ته "دوستيءَ جو دم، ڪڏهن توُن نه وسارئين."

---

١. پرزو، لکيت ٢. پڙهڻ ٣. اشارن ۾ ٤. پاڻ
٥. لکيت ۾ فرمايش.

١٢- مون ڏانھن اَڄ لِکيو، جاءِ جُدائيءَ مون،
کان آرار لِکي، ھُتي ڪِتابت قريب١ جي.

١٣- لاه فِراق فقيرَ تان، والي! وڄھو لئه،
اُون ٿو منھنجو لئه، آءٌ اوڪو اُنھنجي ٿانءَ جو.

١٤- ھي سَھيڻي ساري، ڏِج سَڏِھا کي سِڄڻن،
اَوھان ٻاجھون٢ سُڀرين! تـــي ڪوالدَر٣ گُذاري،
گَھڙي نا گھاري، وِلَھي٤ ھِتي ڏرَه٥ وي.

١٥- مُحبان٦ ڪِئن لِکيو، ڪِتابت قريب ڏي،
سائي وات سِکيو، ٻُدائي نه ٻِين کي.

١٦- مون ٿان تونڌي موڪِلي، لِکي ڪِتابت،
ڏُکن جي ھِن ڳالھڙيءَ، مُحبائي مَصلحت٧،
ڪيو فتاه٨ فرض سُنت٩، سِڪ اوھان جي سُڀران.

---

١. محبوب ٢. سواه ٣. غم ۾ ٤. مسڪين ٥. ٻيار
٦. موڪليان ٧. ڪاروبار، صلاح، صلاح ٻري ڳالھ ٨. اٻوڏ
٩. ھوعي ٻا ڏيھي فرض.

٢- ٻاڻُ پنهنجو ٻاڻهي، صورت منجهه سُڃاڻُ،
الله الله چؤ چوين، ٻاڻ تي الله ڄاڻ،
اُن ئي ٻڌندڙ، اُن ئي ڏسندڙ، شاهد آهي قُرآن،
ناهي شڪ گُمان، سَچو ساٿين هيڪڙو.

٣- سچو ساٿين هيڪڙو، ناهي شڪ گمان،
پنهنجو تماشو ٻاڻ ڏسي ٿو، صورت منجهه سلطان،
ڪاٿي پڙهي پوٿيون، ڪاٿي پڙهي قرآن،
ڪِٿي عيسيٰ[1]، ڪِٿي أحمد[2]، ڪاٿي هنومان،
حَيرت ۾ حيران، پَنهنجو وِڏائين ٻاڻَ کي.

٤- ذاتِ[3] صِفات[4] هڪالي[5] آهي،
ٻول نه وجهين ٻولي،
سوئي اَندر، سوئي ٻاهر، سوئي انهنجي چولي،
او ۾ مؤن ۾ هِن ۾ هَر جا، سَچو سَچُ ٿو ٻولي.

---

١. حضرت مسيح ٢. حضرت محمد صلعم جو ذاتي نالو
٣. حق يا ايشور جي ذات ٤. ظاهري رنگ، روپ، ڪائنات
٥. هڪ

* قرآن شريف ۾ ڏٺل ٻاٻت بصير (ڏسندڙ) ۽ سميع (ٻڌندڙ) لفظ آيل آهن.

٥- طَبل وڄائِج وحدت وارو، غازي١! ڇڏ گدائي٢،
هيڏي هوڏي لون ني آهين، ڪانهي جاءِ جُدائي،
اَلانسانُ سِرّي اَنا سِرُّهٗ٣، آهين خاص خُدائي،
بَرَ٤ بحر٥ ني ڏٺهجو سچا، آهي سير سدائي٦.

٦- پاڻا پاڻ ڪيوسين پيشڪ، هر صورت سيلاني،
سَڀَڪا صورت منهنجي آهي، آهيان لامڪاني،
ڪُفر اڪو اسلام رهيو، لٿي راهه حيراني٧،
سَچل نام ليو ڪم باقي، رهيو سِرُّ٨ سُبحاني٩.

٧- * نه ئي ديني١٠ بندي پر، نه اسم١١ اسلامي،
هِندي سِندي ناهه ڪو، شاهه ناهي شامي١٢،
نڪا تَرڪمه١٣ هُنکي، نڪي آهي آرامي،
خُواجا١٤ خُدامي١٥، پنهنجي ڪري پاڻ ٿو.

---

١. اي سوره! ٢. فقيري ٣. انسان منهنجو ڳجهه آهي ۽ مان انسان جو ڳجهه آهيان (حديث) ٤. زمين ٥. سمنڊ ٦. سدائين ٧. حيرانيءَ يا مونجهاري جي وات ٨. راز ٩. حقيقي ١٠. نه مذهبي ١١. نالو ١٢. شام ملڪ جو ١٣. ڇوڪرو ١٤. مالڪ ١٥. پانهپ، غلامي.

* سچل ٿو فرمائي ته انسان پاڻ شاهه يعني حق آهي. انهيءَ ڪري نه سندس ڪو ڌرم يا مذهب ئي ٿو سگهي، نه وطن. هنکي نه هند جو، نه سنڌ جو، نه شام جو يا ٻئي ڪنهن ولايت جو باشندو چئي ٿو سگهجي ۽ نه وري هنکي ڪنهن ڌرم جي نالي سان سڏڻ روا آهي.

٨- پاڻي جامو ١ جسم ٢ جو، آيو منجهه جهان،
جزي جاهه هيءَ ڪئي، ذس ڌاتي ٣ جا فرمان،
جيڪي ڏسون ڏيه ۾، سو آهي منجهه انسان،
نروا نيشان، سڀ سهل سوير ۾.

٩- ڇا جو شڪ گمان، سڀڪا صورت لهڻي،
متان ڪريں ارمان، گهلا! الهي ء ڳاله جو.

١٠- حرف حلال هيڪڙو، ٻيا سڀ حرف حرام،
عاشقن انجام، اهو آهه عجيب سان.

١١- ٻيرنگيءَ مون رنگ، ٻيو جو پيدا ٿيو،
ظاهر ۾ ٻيو رنگ ٤، موسيٰ ٥ ۽ فرعون ٦ جو.

١٢- ظاهر ڪڪر آهي ٧، ميڻهن لوڻي ٨ باطن ٩ ۾،
پاڻ اهو ئي پاڻ ء، جهڙي ونجي سان وس لئي.

---

١. لباس ٢. گهٽائي ٣. ڌڻي لعليٰ ٤. ڪفر ٥. حضرت موسيٰ پيغمبر ٦. مصر جو ظالم بادشاهه (جنهن حضرت موسيٰ سان عداوت ڪئي) ٧. آهين ٨. لهنجي ٩. اندر.

١٣- ڄاڻ نہ ناموس، عَبدا ۽ الله جو،
هوءَ آهي أموس، هي ٻئي ڌُور نہ اَن ڪون.

١۴- جيڪي آهي هيتِ، هُم ٻئي اهوئي اُنهي،
پُنجُ اِهائي پتِ، تان اوُن اهوئي آهين.

١٥- جيڪي هلي تُو جنهن سان، سو ڪَر پيدا٢ پاڻ،
صورت سا سُڃاڻ، مُنهن ڪري مُورت کي.

١٦- جهڙو پانيدان، پاڻ پنهنجو پا١لهين،
اهڙو ٿي ٿيندان، هُتِ ٻئي ساڻ يقين جي.

١٧- * جوئي ناپيدا٣ هيڙو، سوئي ٿيو وري پيدا،
جوئي پيدا اصل کان هوڙو، سوئي ٿيو ناپيدا،
پيدا سو نا پيدا ٿئي، تِهي لڏهن حق۴ هُويداه،
پيدا جي ڪَل٦ لڏهن پوندي، نا پيدا ٿي ويندا.

---

١. پالهي ٢. ظاهر، اوزار ٣. الوپ ۴. ايشور ٥. ظاهر ٦. خبر.
* جو ايشور اڪل هو، سو ظاهر ٿيو. جو اصل کان ظاهر هو، سو وري اکين کان الوپ ٿيو! جڏهن هيءَ ظاهري هستي کم ٿئي، تڏهن ايشور ظاهر ٿئي. الهيءَ ظاهر ظهور خدا جي ڄاڻ اوهالڪي اڏهن پولدي، جڏهن پنهنجي ظاهري هستي وڃائيندا.

١٧- مُرڪ ڪمان١ جي آڳي مُڪا،
"مان" کي ڪين مڃين،
دشمن دوست هڪ ڪيو، گودڙيا٢ گڏجن،
وحدت٣ جي واديءَ٤ ۾، دانهه٥ دم ڏرنِ،
"اون، مان" وڃائي وڃ مان، پنهنجو پاڻ پسن،
هادي٦ مُريد٧ هڪ ٿيو، طاقت ا، ڪنِ،
ناڻين ڏس ايڪن، صورت مورت هڪ ٿي.

١٩- صورت مورت هڪ آئي، لائين ڏس ايڪن،
آکيون ڪن زبان هي، وڃان جڻ وڄن،
تپ تپ لائي توپا آهي، توپيءَ منجهه تپن،
پاڻيءَ جي پاڪائيءَ سان، پاڻهي پاڪ ٿين،
آتي پهر آڄ ۾، عاشق گم رهن،
سالڪ سمجهائين، مامن٨ سان ماڻهن کي.

١. مرڪ ڪان ٢. گودڙي پهريندڙ فقير ٣. هيڪڙائي
٤. ماٿري ٥. دااا، ڪيالي ٦. مرشد ٧. طالب، شش
٨. پڄهارن، پرولين.

## ۸- من مندر

۱- ڏيوي رکي دل ۾، جنهن مَنُ ڪيو مندر،
اندر ٺري اندر، پوڄاري سو پُر ٿيو.

۲- مندر ڪري مَنَ کي، پوڄاري! پوڄاءِ،
يارا لـــــ ٻيو ڀڳاءِ، پوڄاريا۲ پُرندر۳ جا!

۳- * ٻاڻَ ٻ-وَڄاري پانهنجو، پنهنجو پوڄاري پاڻُ۴،
جاڻ الهيءَ جي جاڻُ، جاڻُوهه نه جاڻي جاڻَ کي.

۴- سيئي ۾ صَــنَــم۶، سَچل کي سَــدا،
ٻُتَ جو ٻُتُ خُدا، پوڄاري! جي پرکِيَن۷.

۵- سَچل کي سَدا، سيئي ۾ صَنَمُ،
ڪوهس ٻيو ڪو ڪَمُ، ٻتن جي پوڄا ٻنا.

---

۱. طرف ۲. اي پوڄاري ۳. پور ٻندر ( پول آسنان )
۴. خودي ۵. خودي ۶. ٻت، لاڪر، محبوب ۷. اون
پرکين.

* اينور ٻاڻ ني پنهنجو پوڄاري آهي. خوديءَ وارو پنهنجي پوڄا ڪو چاهي. اون ايهوري کيان وڌ. خوديءَ سان الهيءَ سچي جاڻ کي نه رسندين.

٦- يارنءَ سندي جوءِ ماڻ، ڇُمان پَٽَرُ مون،
لنهن ۾ ٻائي آن٢ اون، نظر ناهي ڪو ٻيو.

٧- اَکِيا هَمَتَ حَجَر٣ کي، هجيون٤ سندا هوسَ،
مون ٻڌي تاتين موٽس، پَٽَرا! تو ڇُمي ڇُمان.

٨- حَجَرَا! اوکي هوسَ، ڇُمي يارنءَ چاهه مان،
رازُ ڏنو هو ڪو نَه، تو ۾ سڄڻ سُپرينءَ.

٩- ونڀي مَسِ ”مَدايت“ جي،
”لاسِ“٥ جي لَڏوج لاٽِ،
مَڙهيءَ ۾ مدد جي، موڪِي سَپ مَرجاتِ٦،
ٻاتين سبب ٻَرجاتِ٧، ٻُڌوڄاري ٻُڌندر جا!

١٠- خالو هي خيالي، دل جي آندر دل جو،
وارج وصالي٨، وَرق٩ وُجودي١٠ وَلوا١١.

---

١. آستان ٢. آهيان ٣. پٿر ٤. هيج يا شوق وچان
٥. ”لاس ۽ مداحس“ بتن جا نالا آهن ٦. مرجاتا، ڪريا
٧. اُلر ٻڌوي ٨. وصال جا ٩. صفحا ١٠. وجود جا
١١. سوس، گهڻي انداز ۾، ورو ورو.

١١- پوڄاري پُراڻا مندر جا! ٻانئين سڀ دَرجاتِ١،
چمڪ ڏيئي چَلمَق کي، ڪيو ختم خرابات٢،
چارئي طَرف چوُر ڪري، دوُر ڪَر دَرجات٣،
نوڙين "لات مَنات٤"، ته پوڄاري! پُر ٿيين.

١٢ ڇڏي ٻچَر پاڻهجي، ٿا ڪاهِن ڪاڏون ڪاف٥،
* ڪري ڪعبو قَلَب٦ کي، طالبَ ڪن طَواف٧،
لاهي غير غِلاف٨، اُسُوري٩ وڃي اوُر١٠ ٿيا.

---

١. درجي جو جمع، پڊولون ٢. خام يا اجايا ۽ فضالڪار خيال ٣. فوقا، تفاوت ٤. بتن جا نالا (ڏسو ضميمو ٩) ٥. قاف کان قاف تائين (پارسي: قاف تا قاف) دنيا جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين ٦. دل ٧. پرڪرما ٨. غير جو پوش ٩. نوراني شخص، اڄسوي پرش ١٠. روشني، جوت.

شاهه صاحب به ٿو فرمائي:

قبلو اٿا قلب ڪري، ان کي ڪيائون طواف

مٿين بيتن ۾ سچل ظاهري بت پرستيءَ کي لات منات جي پوڄا ڪو سڏي. پٿر ۾ به سائين آهي، ڊگهو پوڄا ۾ سچائيءَ جي درڪار آهي. هٿي سر جو سجدو نه، پر دل جو سجدو گهرجي. پوءِ ڇهر (پٿر) ۾ به حق (پرميشور) نظر ايندو.

۳- ٻُڌيءَ ڇَڄَ ۱ ۽ ڇُلَ ۲، مَنجهه مَاشي ۽ ٻَوَان،
گهوٽُ ڪري اون ٻاڪَ کي، ڪر هَنگاموُ هلُّ،
سنگر سَڄ سڳاڙو، سَچل قُسوا ــوُن ڪُلُّ،
ٻولَ ۽ ٻئي ڪڍهن ٻُلُّ، ٿئي هالُ ۳ حَلاجَ ۴ جو.

۴- اَحد ۵ اَحمد ۶ صورت ساڳي، سِرُّ ٻنهي جو سَوَڻي،
اَلست بِرَ بّکم قالو بلاي ۷، ٻنهجو ٻاڪ اَکيوَڙي ۸،
سَچا! حاضر هو جا هادي ۹، سَمجهين سِرُّ سَچوڙي،
غائب سمجهي غير نه جاڻين، حق الحق ۱۰ اهوڙي.

۵- عاشق! اَناالحق ۱۱، آکيو ٻيو آکيم،
هادي عبدالحق ۱۲، حرف هِدايت هي چيو.

---

۱. ڇڄ ٻليان ۲. هل ۳. روحاني خمار، وجد ۴. منصور حلاج ۵. هڪ يعني ذاتي ۶. حضرت محمد جو ذاتي نالو ۷. ”ڇا آهيان مان اوهان جو رب؟“ ”ها“ (ألست جي ڏينهن ذاتيءَ روحن کان اهو سوال پڇيو ۽ روحن ”ها“ چيو.) ۸. ٿو چيو ۹. مرشد ۱۰. حق جو حق، نج يا خالص سچ ۱۱. مان حق يا ايشور آهيان (”اهم برهم اسمي“ سنسڪرت ۾) ۱۲. سچل جو مرشد ۽ چاچو.

٦ـ * مُنجهہ حُضُور هاديءَ جي ١ ،

طالب! پاڻهون پَڌي وِهندين،

جڏهن چوائي مُرشد چوندين،

ڪَلمو ڪُفري ڪَهندين،

گُرُ ۽ گوبندُ صورت ساڳي،

راهَ اِنهيءَ ۾ رَهندين،

رنگ ريڱي اِي رنگ ٿِي،

سَچا! ٿاهَ اِنهيءَ ۾ ٿَهندين.

٧ـ لا اِنهيءَ٢ جو ڪَلمو موڪلي، مرشد پاڪ پڙهايو،

نابُودِيءَ جو نَشي اَندر، سَتگُر سير ڪرايو،

هَٿيو ڏيئي همت وارو، سارو بار کڻايو،

صِدقُ سَچل مان سَتِگُرُ تان،

جنهن جاليب جوش جڳايو.

---

١. مرشد جي حضور ۾ ٢. حق جي هستيءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن کي نہ مڃڻ ۽ رڳو سندس هستيءَ کي مڃڻ.

* سچل ٿو فرمائي تہ روحاني راهہ ۾ ڪفر ۽ اسلام جا فرق سڀ ميساري ڇڏڻا آهن.

٨- مرشد آکيو، عاشق تن کان، منڪر ٿي١ مشائخ٢
شيخي، پيري، ۽ بزرگي، آتش سڀ جلائي،
عشق آمانت خاص الله جي، دل کي ڏي فراخي٣،
سچا! سوز گداز٤ سوا سڀ، ٻيا سڀ چور طباخي٥.

٩- جُبه٦ صاحب جو جُبو، نه ڪرامتي!٧ ڪر ملامتي،
قرباني ڪَٽ سان، ڪُلفت٨ پيو ڪَٽ،
راسته٩ اوڙي چپ١٠، سچل سائين سنگرو.

١٠- صريح١١ چوان مان توکي طالب!
ڪجان صحيح گوياڻي١٢،
* "ڪُلَ شيءِ ناطق بالحق"١٣، ڪين سڀ سڃاڻي،
سنگر سچ سمجهائي سچل، واه! واه! اها واڻي.

---

١. انڪار ڪندڙ ٿي ٢. بزرگي يا مرشدي ۽ ڪان
٣. ڪشادگي ٤. سوز ۽ درد ٥. طعام جا شائق ٦. سورق، جاپ ٧. ڪرامت ڏيکارڻ ٨. تعصب، بغض، بياني ٩. ساڄي طرف ١٠. ڏاٻي طرف ١١. صاف ١٢. درست گفتار
١٣. سڀ شيون حق يا الله سان ڳالهائيندڙ آهن يا سندس پچار ڪندڙ آهن.
* شاه ۽ فرمائي ٿو:
جر ٿر لکه لدوار، وڻ ٽڻ واڻي هيڪڙي،
سڀيئي شيءِ ٿيا، سوريءَ سزاوار.

٢- جي تون اَدب آهين تان، پَنڊتاڻِن١ پَڙهي وِڌن٢،
ڪَلَ نه پيئَڙء ڪا، اصولي اَسرار٣ جي.

٣- ڪَلمي مُڙئي ڪين ڪيو، مورون٤ مسلمان،
نڪي اَحمد موڪليو، ڪو عَرب٦ کان اِيمان،
سچو سو سُبحان٧، پر آدمين ليکي آدمي.

٤- ڪَلمو پڙهان نه ڪافر ٿِيان، گهڙان نه اِلهيءَ گهيڙ،
جانڊي راهه رَسول٨ جي، تانڊي پايان نه پير،
جي مَن مان ڪڍان نه ميرُ٩،
ته حضور حاصل نه ٿئي.

٥- اوڏو عبادت نه وڃين، جي اڄ پڙهين ليڏهَن،
واحد١٠ وحي١١ موڪليو، اَحمد آکيو ايئن،
تان تون وڃين ڪيئن،
مُخالف١٢ مُصحف١٣ جي.

---

١. پڙهن ٢. (تون پڙهان ٿو) پڙهي ونين ٣. اصولڪو يا بنيادي راز ٤. هرگز، بلڪل ٥. حضرت محمد صلعم ٦. عربستان ٧. حق يا ايشور ٨. پيغمبر صاحب ٩. غير، ميراڻ ١٠. ڌڻي ١١. اِلهام، خدائي آواز ١٢. برخلاف ١٣. قرآن شريف.

٦- ماڻ ڪريان نا مُشرڪا ٿيان، ڪُڇان نا ڪافرُ،
الهيءَ وانئيءَ وڙُ٢، سمجهي ڪو سچوُ چوي.

٧- هيءَ نه وات هَواءِ٣ جي، آهه نڪا تقليد٤،
اهڃاڻ توحيد٥، آهي راهه رسول جي.

٨- اَوّل ڪُفر، پوءِ مجاز، پوءِ مذهب اسلامَ،
مُلا سمجهن ڪين ڪي، اُن محبوبن جي ماڻ٦،
* ڪَهڙو هي ڪلامَ، جيڪي اُڦُون٧ لڳو٨.

٩- مسڌمن ملڪ ۾، ماڻهو مُجهايا،
شيخي، پيري، بزرگي، بيحد پلايا،
ڪي نمازُن نوڙي پڙهن، ڪن مسجد وسايا،
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.

١٠- ٽوڙ رواج ۽ رسمون سارئون، مرد ٿِئين مَردانو،
پاڻ پيڪانو٩ موُل١٠ نه چاڻين، آهين يار يگانو١١،
ڪوهُ سچل کي پاڻهِ وارو، شَملو١٢ پڻ شَهانو١٣.

---

١. شرڪ ڪندڙ ٢. سخن يا گفتي جو پيچ ٣. حرص
٤. الذي پيروي ٥. ذاتيءَ جي هيڪڙائي ٦. ڳجهارت، پولي، رمز ٧. عيبن کان ٨. اکثر آجا ٿيا ٩. ذاتيءَ الڳ
١٠. مور، هرگز ١١. لاثاني، اُمت ١٢. دستار، ڪمربند
١٣. شاهاڻو.

* شاه صاحب جو سخن آهي :
سلج لڌهن سلوڪ، جو ناقصنا اڳيو.

 

جان جان طالب! مسجد منبرا١، ڪين ڪرين ڦيرانا،
* تان تان راهه قلندر واري، ڪين ملي مردانا،
ڇا ٿيو، ٿيون لطيفا٢ جاري، هي ٻي هنر ٻهانا،
ڪشف٣ قلوب٤ قبور٥ سڀئي، هي پڻ ڌوڙ ديوانا!
ليڪن نقش ڪمائين ڪيميا، ميڙين مال خزانا،
خوهه خضر جي٦، ڪار ڪيطاني، حفظ ڪرين٧ قرآنا٨،
مرد سچا سي محبت وارا، سوليءَ سير سمانا،
پاڄهون٩ راهه عشاقي١٠ سڃا!
پيا سڀ ڪوڙا ڪرانا١١.

١٢— سورج١٢ سارو آيو١٣ جو، اوٺين١٤ ڪين لڌو،
انڌي ساڻ انڌو، ٻئي پيا ڪنڌ ۾.

---

١. مسجد ۾ وعظ وارو ٿلهو ٢. ساههَ لاهڻ چاڙهڻ جا آستان ٣. ڳجهه ڳوڙهي ظاهر ڪرڻ ٤. دلين پڙهڻ جو علم ٥. دفن ٿيل شيون پروڙڻ ٦. سڃاڻ حضرت خضر جهڙو ٧. ياد يا ڪنٺ ڪن. ٨. قرآن شريف ٩. سواءِ ١٠. عاشقاڻي وات يا راهه ١١. طرف، رستا، ١٢. سورج، سج ١٣. ڪڪر ١٤. اي حيا شخص.

* سچل صاحب جو مطلب هي آهي ته ڏسجي ته جيسين ڏاڍيءَ جو طالب، مذهب يا ڌرم جي خيالات مان ٻاهر نه نڪتو آهي، تيسين هو طريقت جي وات وٺي نه سگهندو؟ حقيقت کي رسي نه سگهندو.

## ١١- محبت ۽ محبتي

لاهوتين جو گذر محبت جي ميدان مان آهي. هو حال (مستيءَ) جا صاحب آهن، ونن قال (گفتگو) نه آهي. سندن من ۾ مچ ٻريا پون، ٻر زبان خاموش اٿن. هنن کي نيڻن ۾ لڙڪ ا آهي، ساري رات، سوز جي سڏکن ۾ ٿي گذران. سامي، اوه جو سبق شايد نهائينءَ (آٿيءَ) کان سکيا آهن. هنن پنهنجي هستيءَ کي وساري ڇڏيو آهي. عشق جي امانت انسان کي ئي عطا ٿيل آهي. فرشتا به الاهيءَ اِي ٻها سوغات کان محروم آهن. جن محبت جي راهه ڇڏي، اِي ڪا راهه ورتي آهي، سي هرگز سچا صوفي نه ٿيندا. جن سان عشق غمزو لائو آهي، سي ٻيو ڪو به علم نٿا پڙهن، اکي اڳي کين خيال ۾ ٿا اُڙن. هو حق جا اعرا هٺندا، وڃيو سوريءَ تي سر ڏين. سچن کي عشق جي سوغات عطا ٿيل هئي، جا ڪن ٻئي وارن کي ملي. محبت جو پهرو (اسگاه) اي پاپان آهي، جنهن ۾ ڪانه ڪشتي (ٻيڙي) اهڙي هلي. هي قلزم (سمنڊ) ڪارو ڀار آهي، جنهن ۾ عاشق کي پنهنجي هستي سڙڻي آهي.

محبت جي ميدان مان، لاهوتيا لنگهن،
آديسي٢ ارمان ۾، گهوٗمانيا گهمن،
لنگهي هليا حال٣ کان، اَڪي قالُ٤ ڪهن٥،
ٻاقي نه ٻهر وجهن، مچ مچايو من ۾.

---

١. ۽ ٢. جوڳي ٣. روحاني مستي، وجد ٤. گفتار ٥. چون

٢- مَنجهه ڏَٺو مَن ۾، پاڪ نہ پُهر وڃڻ،
وَٽن ويڳاڻا ورہ ۾، اهڙين نَدِ نہ ڪَنِ،
سُڌڪا سيني سوز جا، پَڌي رات پرن،
ٻڌجي ٻَر ۾ باط کي، تا پرتڻا اَچائن،
* سکيو ساميڙن٢، عشق اِهو سپ آئيءِ٣ ڪان.

٣- عشق اِهو آئيءِ ڪان، سکيو ساميڙن،
عاشق مٿان آڳ٤، جي، اولاراه ڏٺن،
پيڙ٦ پاه عشق ۾، سَمُورن٧ سَڙن،
اَڇيو پون آزاه٨ ۾، سر جو سالڪ٩ نہ ڪن،
لائق لعل ٿين، ڪاڻي لهسي اُو سجي.

---

١. پريم وچان ٢. ساميين، جوڳين ٣. ڪنهن جي لهاليءَ
٤. آڳ ٥. لاهارا ٦. پڻوت ڪري پولڙ ٧. سمورن،
مڪمل ٨. مچ، پڻوت ٩. سالڪو.

* شاه صاحب جو قول آهي :- لهائيءَ کان ليڪهن،
سک منهنجا سوران.

لڳي ۽ اُنجاڻ ڪسان، خاصا خبردار٢،
عاشق سَڏائي خلق جي، ڪَٽن مَرد مِيار،
سچا ڏين ڌرم ڪان، ٻاهرڪا سي بيزار،
هَستيءَ٣ کي هوشيار، اوڏو اَچڻ ڪِين ڪري.

٥- آديون! آدم ناهيان، فڪر۴ نہ آ فلڪن٥،
خيالون اَچي اوچتي، خَلَلُ وڏو خلقن،
ناهي ميسرٌ٦ مَلڪن٧، اِها امانتَ عشق جي.

٦- ناهي مُيسرٌ مَلڪن، اِها امانت،
خاصَن٨ خيانت، وڏي اَچي عشق ۾.

٧- عشق محبت ٻاجهون جا ٽين، ٻي سڀ راه ڪِلاڙي،
ٻرگ ڪاڻ ڏين جي ڪن ٿا، طِلسم سڀ ٽلاڙي٩،
سچا هرگز سي نہ اِيندا، سچا صوفي صافي١٠.

١. حق ڪالبواه ٻي ڪنهن بہ هستيءَ کي نہ مڃڻ ۽ رڳو مقدس هستيءَ کي مڃڻ ٢. چڱيءَ طرح واقف ٣. خودي ۴. پرواه ٥. آسمان (ستن آسمان جي بہ پرواه نہ آهي) ٦. موجود، حاصل ٧. فرشتن کي ٨. اُن آزمودگارن، ڪوڙن ٩. حاصل ١٠. نج يا خالص صوفي.

٨- نه مان ڪَيَڙو ڪُڙڪو آسيهه ا،

نه ڪَيُم زُهد عِبادت،

نڪي مسجد مندر وڃڙس

نه ڪيُم تقوي طاعت٢،

سَچل جو نيو بخت سوايو،

جو ڪيُم عشق عِبادت٣.

٩- هي سب سير آهيءَ جو، پَرَڪا جنهن هستي،

ڦُلزُم٤ ڪارونياره ڪَڪوريل،

ڪَرُ٦ اڪا جنهن ڪَشتي٧،

مَنجهه دريا محبت واري،

حال سَڄين هيءَ هستي.

١٠- عشق جنين سان غَمزو لاتو، علم نه سي پڙهندا،

منجهه ڪُفر اسلام مَذاهب، عاشق مُور نه اڙندا،

ماري لعرو حق جو سچا، سوليءَ٨ سِرڙا٩ ڏيندا.

---

١. مالها ٢. عبادت ٣. عطا ٤. سمند ٥. اولاهو
٦. ضمير، ڪل ٧. ٻيڙي ٨. سوريءَ ٩. سر.

١١- عاشق پيئن زهر، هنن حبيبن جي،
* قاتل٢ جي هير اِي، قاتل٣ ڪن قبول٤،
اها تن رسوم٥، ڪڙي ڪاڙ٦ نه لڪي.

١٢- عاشقن آڙاه ۾، پيو اٽارو،
ڳالهائي٧ ۾ لائين ڳرپا، پرڻ ڳڙي جنن پارو،
ناطق٨ ڪو نيارو، جهلي روح٩ روي١٠ جو.

## ١٣- سلوڪ جو پيغام

ميوو هڪ ئي آهي، پر ڪي انکي "صوف" ٿا چون، ڪي "سيب". ڌرتيءَ جا ٽالا پا اسم ٻه جدا جدا زبان ۾ اَليڪ آهن، پر جهان جا ماڻهو انهن تان پاڻ ۾ وڙهن ٿا. سچل، سنڌ جي ماڻهن کي هيءَ هدايت ٿو ڪري:-

"پاڻ ۾ سلوڪ ۽ محبت سان هلو، ٻه ٻه پوءِ وقت گذرتي هت هٽا پوند و. ناسازي، اخلاقي اونده آهي، جنهن جو

١. قاتل زهر ٢. قاتل زهر ٣. سچا يا چڱا عاشق
٤. قبول ٥. دستور ٦. زهر جي پرواه ٧. جهوري
٨. ڳالهائيندڙ يعني انسان ٩. لاب ١٠. سچ، سچ وانگر پهڪندڙ محبوب يا جوڳيءَ.

* عاشق زهر پياڪ، ره لسي وهسن گهٽو. (شاهه)

وجهه وٺي، مغراي اوهان جو سمور و خزانو ميڙي هليا ويندا. خدا جا مرد اوهان کي اشارن ۾ اطلاع ٿا ڏين. هي وجهه آئو پاڻ ۾ ايڪتا جي الڪ وجهڻ جو. اتفاق مان خير نه ٿيندو ۽ اڄو لتيجو لاپودي آهي."

سچل جي وفات کان صرف پندرهن ورهيه پوء، انگريزن اچي سنڌ فتح ڪئي ۽ سنڌ جي ڌرتي کي الف ڪيو. سچل پنهنجي هموطنين کي اڳيئي آگاه ڪري ويو هو:

ميڙي ويندء مغراي، لاڙڪيء ۾ اير

١- ڪي ٿا چون "صوف"،
ڪي ٿا چون "سيب"،
* ان ۾ کوڙو عيب، قُلّ مڙاوني هيڪڙو.

---

١. صوف لاء پارسي لفظ.

* سچل عام ماڻهن جي عقل تي حيراني ٿو ظاهر ڪري. هرهڪ شيء جا مختلف نالا آهن، پر انهن تي سندن ڪواه تڪرار ڪوني. صرف ڏٺيء جي نالن تان ئي جنگ و جدل جاري آهي.

۲- وقت اِها ٿي وڃَ، دوئـي دُور ڪرڻ جي،
ڪُڍي مذاهب۱ مَنَ مان، ساجهر ساڻ سوڃَ،
هندو مومن سان مِلي، محبت جا ڪَر ميلَ۲،
متان ٿئي آويلَ۳، اولهه سج الهي.

۳- اولهه سج نه الهي، متان ٿئي آويرَ،
مڙئي وڃڻ مُڪاءِ، ٻارڪيءَ۴ ۽ ڍيرَ۵،
ڇڏي وڃڻ ڇپَرڻ٦، ٻوُلڻ۷ سندا ٻيرَ،
مرد نڌڻ تا مامرَ۸ ۽، مالڪي۹ مَتيرَ۱۰،
وَجهه آئي وِڃهه پاڻ ۽، هيڪڙائيءَ جي هيرَ،
ناسوُدي۱۱ ناخير۱۲، اپتُ۱۳ پوءِ نابوُد ڪر.

---

۱. مذهبي خيال ۲. گڏجاڻيون، رهاڻيون ۳. اوير، دير ۴. اولاد ۵. مال خزانا ٦. جهلڻ ۽ ۷. لاهڻ ۸. ٻوڙي، اڻارو ۹. مٺي يا دماغ وارا ۱۰ عاقل، ذهين ۱۱. نقصان ۱۲. برائي ۱۳. بعد.

## ١٣- سسئيءَ جا ڪشالا ۽ ورلاپ

جو طالب، سسئيءَ وانگر ڪمر ٿو ٻڌي، سوئي ھاڙھي وارو ھنڌ اکين سان ٿو ڏسي ۽ سورنءَ کي لوچي ٿو لھي. دنيا جو ريگستان، جنھن ڪامل رھبر کان سواءِ جھاڳڻ محال آھي. سسئيءَ کي پنھونءَ جي جلَ جلايو آھي ۽ عشق سندس اندر اُڌ ڪيو آھي. ھوءَ ھاڃ وندر جي ورن ۾ واڪا ڪندي ٿي ولي. سندس موٽڻ محال آھي. ھن پنڌ ۾ بيحد ڏقت ۽ تصديع (تڪليف) آھي. ڪاف (جبل) ۾ ڪيترا ڪشالا آھن. ھن سفر ۾ غم، گوندر ۽ سوز ئي سچا رھبر آھن. سسئيءَ کي جيسين پنھونءَ جو ديدار نصيب نہ ٿيو آھي، تيسين سندس ساھ نہ ٽڪو آھي. جيسين ھوءَ جَتُ اکين سان نہ ڏسندي، تيسين طلب کي ھٿان نہ ڇڏيندي. افسوس جو اڄ سسئيءَ جھڙا طالب ڏُرلڀ آھن. ورہ وارن جو ھيڻو قحط (ڏڪار) آھي. جنھن طالب ۾ سسئيءَ وارو سوز، جوش ۽ دلي استقامت (پختائي) آھي، سو ايست وڃيو محبوب سان ملي ھڪ ٿئي، ھن لاءِ پوءِ سڀئي طرف آمر ٿيو وڃن. جان ويھي پاڻ ٿو پروڙي تہ ڏسي ٿو تہ پاڻ ئي خود محبوب آھي. سسئي ۽ پنھون ھڪ آھن. وڇو پاھويون حجاب پُلائيندڙ آھي.

١- اٿي ڪَمَر ٻڌُا، اوچ٢ نہ لھين سورين،
ھاڙي٣ وارو ھَنڌُ، ڏسين اکڙين سان.

---

١. ٻڌ ٢. ڳول ٣. ھاڙھو جبل.

٢- ڏيھ ڏکيءَ جو ڏوُر، رھبر رَسُ رُڃَ ۾،
مون وِھاڻيءَ موُر، ھي تُرا ٿيليو٢ نه ٿئي.

٣- وڻي وره وسايان، ڪانگا! آچي لھ ڪَلَ،
جاني! لنھنجي جَلَ٣، منھنجو اندر اَڌَ ڪيو.

٤- ويئر لڪري قافلو، آديون آڏيءَ راس،
جتن سندي ڏاس، ڏسان شـــال اکين سان.

٥- ڪوڻ٤ ڪڏ ڪڏران،
ڪاڪيون!٥ ڪنڌيس ڪيچ ۾،
آريءَ٦ ٿئي اَرمان، مَن ڏسي حال حقير٦ جو.

٦- پُرڪ٨ پُھوُن جام ڪي، آڻي عشق ڪيو،
سچل سَڱُـــ ٿيو، ڪھڙن ھوائيان٩ سان.

٧- جان جان ملان نه ھوت،
تان تان، ماءُ! نه موُن مَران،
مادر!١٠ تائين موتَ، اھو اَئم آسرو.

---

١. رڃ بَرَ، بيابان ٢. لتاڙيو ٣. جلڻ ٤. گوليون، پاڻھيون
٥. اڏيون ٦. آري جام پُھونءَ ڪي ٧. ڪمھٽيءَ ٨. ڏوري
٩. محبوبن (ھوت پنھون) ١٠. اَمڙ!

٨- وِلدرا جي وَٽن ۾، ڪوي واڪا واڪاري،
جا مَحبتن ماري لڏهڻ جو موڙ مَس لٿي.

٩- باري عشق بلوچ جو، رڳو ٿي راحت،
ساريان سا ساعت، هيڪالد هيڙُس هوت سان.

١٠- ڪاڪ ڪمالا[٢] ڪيترا، ماڳُ[٣] متاهون،
چوريءَ کي هِت چَڙهان[٤]، چڙهي وِٺين چاهون؟
لوڪي ڪوي سڙان! ٿي دردمند دانهون،
لون اَچج آڳاهون[٥]، تا ته دوست! ٿي دم ڏيان.

١١- ڪاڪ ڪمالا ڪيترا، باري بَرَ بَيابان[٦]،
لانگهاءِ[٧] هِڪ لَڪَن جا، ايو ڪوهَن ۾ کَهدان[٨]،
اڱيان ڏِنَ ڪين ڪي، هلڻ هي حيوانَ،
آه آرياڻيءَ اَڳوانَ!
موُن کان ڏُونگر[٩] ڏُورئو نه ٿئي.

---

١. هڪ هند جو نالو ٢. جبل جا ڏاڪڙا ٣. مارڳ، راهه
٤. جبلن ۾ ٥. اوريان ٦. بيابان ٧. لڏڪهه ٨. مٿاصلا،
ڏکائيندڙ هند ٩. جبل.

١٢- باري پُره ٻلوچ جو، سارو سَعادَت سان،
ڪاڪيؤن! آهي ڪاڻ ۸، هيڪَن هِدايَتَ،
ڪندو ڪِفايَتَ، پاڻُو واٽــي٢ ٻنڌ ۸.

١٣- ڪاڻَ ڪمالا ڪيترا، ڏِنَس اَڙُون اَصدِيعَ٣،
اَچي ٻهچ لايَّ!٤ مؤن هن اماڻيءَ اي.

١٤- ڪمالي مون ڪَمُ، اُرڙي ڏکڻ مون اٿي،
سوز گُداز ۽ غَمُ، رَهبر ٿيندو راه ۸.

١٥- قَدر مڇهه ڪَمالَ٥، مون لان اَلڏو جيڏاڻون!
وِڌي وِڇ٦ وِصالَ٧، اِڪسان٨ يَڪايڪ٩ ڪون.

١٦- شال نه وِڇاڻ هوتَ! پيو سپ مون وسري،
مون کي تالين موتَ، هٿين١٠ آڪڙان ۸.

١٧- مهڪو اُلدر اَڏ ڪيو، فَنا هِن فِراق،
مَري آئي مُشتاقِ١١،
ڪاڪُر ڪُڙ١٢! ولهيءَ١٣ جي.

---

١. لوڪبختي ٢. پاڻمراد و ٣. ڪليف ۽ ڏاڪڙو ٤. پوان، محبوب! ٥. ڪمالي ٦. واڇو وڏو ٧. گڏجاڻيءَ ٨. هميشه لاء ٩. اوچتو ١٠. هڄين ١١. پريمي ١٢. ڪاڪ، پيار! ١٣. مسڪين.

١٨- مون ڪان ٿئي نه پنڌ، آڙي ڄام! اَڇيج ٿون،
هاڻي ڏي مون هٿ، پاڻ ٿي ڏاريا سڄڻان!

١٩- آريءَ جي اَچڻ جو، روز نهاريان راهُ،
آڻيندُس اَللهُ، مون سِرُ صدقي ڪيو.

٢٠- گهڻا ڏينهن ٿيا، سون ڏوريندي ڏونگر[٢]،
جي مون سڏ ڪيا، سي پڌي پاروچا! وَرِين[٣].

٢١- آري! اَچِين شال، اماڻيءَ جي اُجهڙي[٤]،
هي مون ڏسي حال، ڪَرِين غور[٥] غريب جو.

٢٢- ڪوهه[٦] ڪريان پنهور[٧] کي، هاروڙن[٨]! هنا هوتَ،
مو ٿا ٿانئين موت،
"ووه، ووه،[٩] هَڏِ نه وِسري،

٢٣- وڃي ڪيچ وطن ۾، ٿئين جانب جاءِ،
هو جي اوري ڪيچ[١٠] کون، سي مون آڪ لکهاءِ،
پنهنجو پاڻ پساءِ، ته ته دوست! ٿي دم ڏيان.

---

١. پنهنجي ٿي پرپر ٢. جبلن ۾ ٣. موٽين ٤. جهوڙي
٥ خيال ٦. ڇا ٧. پنهور شهر، جنهن ۾ سسئي رهندي هئي
٨. اي هاروڻ (هاريءَ جو جمع) ٩. هاءِ! هاءِ ١٠. پنهون
جو وطن.

٢٤- "پنهون! پنهون!" ئي ڪريان، آءٌ پڻ پنهون پاڻ،
آڏيون! تيس اڃاڻ، جو ڪين پَروڙيم پاڻ کي.

٢٥- جان پروڙيم پاڻ کي، تان پاڻ پنهون آهيان،
ڪهي[1] طرف ڪاهيان، جو طَرف مڙيئي اَم[2] ٿيا.

٢٦- لاهي ونجاريءَ ڪُسُ، جو ڪَري ساڻ پَنهي رهي،
ڪنهن چِن[3] ۽ چڏيو مر، سَندو گورن[4] ڪَسُ[5]،
ڏُولکو منجهان ڏَسُ، پَڪُڙم هوت پُنهوَنءَ جو.

٢٧- سرليون! سِڪ سَبِيلَ[6]، اندر منجهه عَجيب جي،
والو ڏِينهان ئي ڪريان، زاريون منجهان زيل[7]،
هَنَ ڪمينيءَ جي ڦيلَ[8]، ڪا هنئي هوليائُن مر؟

٢٨- والو ڏينهان رَتُ، اولاءِ[9] آهه اُن رڳي،
آيل! عشق عَليلَ[10] مر، حال نه پوي قَطُ[11]،
جَبَلُ سب جهاڳي وڃي، جيڏيون ڏسان جَتُ،
هن مٿيءَ جو مَتُ[12]، پوي مَلڪُوُن[13] پرين ۾.

---

١. ڪهڙي ٢. ختم ٣. ڪنهن به ساعت ٤. اُن
٥. رستو ٦. اڪيچار ٧. دل، سوز ٨. گفتار ٩. اکين
مان لڙو وهائڻ ١٠. بيماري، ڪمزور ١١. رخنو ١٢. رايو،
ارادو ١٣. ذڪر، ورد.

## ١٤ - نوري ۽ تماچي

١- تون سمو سلطان، آءٌ مي١ مهاڻي آهيان،
جي تون مهربان، ته کهڙي ڪاڻ٢ ڪُرم٣ جي.

٢- تون سمو ساٿين، آءٌ مي مهاڻي آهيان،
مون لڄ وَهائين، جو ٻاءِ لڳي آڇي٤.

٣- ٻاءِ لڳي آهيان، آڀاڻي،
سمي سُهاڻي، چار٥ جام ڪُڍي ڪيو.

٤- ٻيو مُنهن ليرا، ٻاڻي ٻوڏا جن هوا،
پَڌ ڏو ڏِن سِرو لي، سمي چاه منجهان چيرا٦،
ماڻڪ مولي منهن لي، هٿين اِن هيرا،
ڪانئ٧ سهيڙي ڪيرا٨، سُگهڙ٩ سمي جام جي.

---

١. ماڇياڻي ٢. کهڙي ٻرواه ٣. اسل ٤. اوهانجي
٥. مڇي ڦاسائڻ جي چار ٦. ريشمي ڪپڙا ٧. ڪاليون
٨. ڪلا ۽ ڪنڊا (مڇيون ٽنگڻ لاءِ) ٩. ڳٽوان، ڪلهي.

٥- جن تي پاليا پيٽَ، ڪُمِين١ ڪالُوَن سان،
سي لا ليل قليل سان، تيون ملاحن ميٽَ٢،
جام جواهر جي ڪري، تو انهن پار اميٽَ٣،
ڪئي لاڪيٽي ليٽَ، ميرڙ٤ جام مهاڻن ڏي.

٦- رنگ ڪاري روپُون٥، مڙئي مَلاحن جون،
ڪَنيو ڪاڻ ۾ اچن، ڏرا ۽ ڏوپُون٦،
بي حد جن بوپُون٧، ان لئي عطر اوتيا.

٧- پيهه ڏوڏا جن ڏاج، قوت جنين ڪُم ڪوُٽيون٨،
انهن جو احتياج، تو تماچي ڪيڏو ڪئي!

٨- تماچي ڪيڏو ڪئي، انهن جو احتياج،
مهمت ڪيو محتاج، ا. ڏ. ڪير تماچي ڪَندري!٩

٩- ڏون سمو سرتاج، آءٌ سي مهاڻي آهيان،
لائق پنهنجي لطف سان، اسان ڪان احتياج،
سي سڀڪو محتاج، ڪيئين١٠ سارو ڪيو.

---

١. ڪمين (واحد ڪمي = ڪميڻون) ٢. مڇيءَ جو قسم
٣. پالوت ٤. ميسر ٥. ڪاري رنگ جون شڪليون ٦. مڇيءَ
جا قسم ٧. بدبوءِون ٨. واحد ڪوُٽي جنهن سان ڪيروليون
وغيره لڪولنديون آهن، مڇيءَ جو قسم ٩. مهاڻي ١٠. پنڌ،
جنهن ۾ اوريءَ جي ذات وارا مڇيون ماريندا هوا.

١٠- تون لماچي جام، آءٌ مي مهاڻي آهيان،
ڏنو تو آرام، ڪينجهر پڌهي ڪمڌئين.

١١- نُوريءَ ڪيو ناز، ريجهائي اڄ راءِ کي،
اِتُّ ليٿُ جام نياز، اچيو اُنهيءَ جو ڪري.

١٢- مهاڻيءَ جا ماڻا، سَمي ئي سَهڻا آيا،
نيڻن جا ناڻا٢، نُوريءَ نذر تو ڪري.

١٣- اَڳُ نہ سُٺيا ڪَڏهين، ماڇي ٿيا مير،
مَڱڻهارن٣ ڪيون ٿِن جون، لماچيءَ تعمير٤،
جهونگا سي جهجهيرا٥، ماڇين٦ مان مَلاح٧ ٿيا.

١٤- لانڍيون لاٿ لَڏن، ڪينجهر سندي ڪَمڌئين،
ڪارهُون ٿيون ڪُڏن، سمي جي سُهاڳ لي.

---

١. جام لماچي ذات جو سموهو ٢. ڪروڙن پدمن جا ناڻا
٣. پيڙهيون ٤. تعمير ڪيون = جوڙيون ٥. مهاڻن جي ذات
٦. واحد ماڇي، مڇي ماريندڙ ٧. پيڙين وارا.

١٥- ايڙا ڇا جن لڱن لئي، ٻانهين ڪئين، ٻئيون،
ٻال لکيا جام جي، ڇيهن ڪان ڇٽيون
ان لانگوڙن لٽيون، تي موهو ن لعلون لاڏ سين.

١٦- جن مهان ڇوڙي باس، آئي عام خلق کي،
ان سان سمي جام جا، ايڏا ٿيا اخلاص،
عطر عنبير مشڪ جا، وڳين ذيل واس،
لکين ڪن لباس، زري ۽ زرباف جا.

١٧- مهاڻي ۽ موڪ، تماچي طويل ئيو،
مٿي ۾ گلاب جو، تو اوڻي عطر عرق،
ڪيائين ڪونه فرق، پاڻ گڏياڻين گاڏرين.

١٨- ڪڪي ۽ ماڻس ڪاڙهون، ڇيڙي ۽ پيس ڇڄ،
پاند ٻڌهين پالٺين، لڳو ٽئي اڄ،
سمو جام سهج، اڳو اُنهن سان ڪري.

---

١. ڳڙهون ٢. ٻانهين ۽ ڪنين ۾ ٣. نقصان، ڏولائن
٤. ايهن، محبتون ٥. وڳن يعني پوشاڪن کي ٦. ڪمخاب
٧. تاجدار، ڇت ڌڻي ٨. مهاڻن سان ٩. سهج.

۱۹- جام ڪنهن جارو، سرڪي ملاحن جو،
ڪُل ڪينجهر ڪنارو، مهاڻن معافي ٿيو.

۲۰- ٻيهوُدا اي آب، ڪينجهر متي ڪنڌين،
ٻاله لڳي جام جي، ٿيڙن جوڙ جواب،
ٻيا سڀ حرف حساب، ملاحن معاف ڪيا.

۲۱- لهوه جي طناب۱، اڄ ڪٺي ڪينجهر ڪنڌين،
ناد ڪجن ٿا نادري۲، ٻيا ٻي رود رباب۳،
جتي ڪِڪيءَ ڪوڙ هوا، ٿيا ليب ڪباب،
ڪُلن مهاڻا مست ليا، ماڇي اسي مهاب،
اُن ٿان سڀ حساب، ماڇيءَ ٿر ڪيا.

۲۲- ڏُٺ جنين ڏوڏا، ٿهرا ٻاٻوڙا لنين،
ٻينا وچن لن جا، ڳپ آڏو ڳوڏا،
سو هُن جي۴ ٻينگهن ه، لن لالُ ڏني اوڏا،
آهي آٽيو اوڏا، ٿو وِيڙه۵ وِهاري ڪاتِ۶ ه.

۲۳- ٻيونِ اگهاڙي جي ڳُهن، ان لڳيون سو سُٽيون۷،
ساڳ جڙاڪه۸ جُتيون، آي ڏنيون ٿماچيءَ لن ڪي.

---

۱. رسي، نوڙي ۲. راڄاتي ۳. ساز سرود ۴. راڪم
۵. سوره ٦. ٻره ۷. سٽڙا ۸. هيرن ۽ موتين جي جڙت.

٢٤- ٻلوءَ مون ڀالوءَ، اون راجا! اڄ وڌائين،
سما سُڀالوءَ، ڪامل! ڀيڻجي لوٽ ڪي.

٢٥- اَٽو لاڪوئين جـــي، ٻَکي١ جامُ جُلڏي،
مَنهن٢ ڀيڻُوَن مَسَندان٣، جهُڳي٤ ۽ جُهلي،
ماڻڪين ۽ موتين، چولي چولَ چُلي،
ڪيڏهن سڀ ڪُلي، جڏ اَصل ڪوَن اَهڙو هئو.

٢٦- جي جهاڳيوَن وَن٥ جهاڳَ٦،
ميڻوَن٧ ڪارڻ موَس جي،
سي اعلىٰ درجي آنديون، سَمي جي سهاڳ،
مَنڊپ مَهاڻ٨ وچ ۾، ڪَن رنگيليون راڳَ،
هُنا حال جنهين جا هوڙا، ان لي ٻَلي ڪيا ڀاڳ،
ڪيڏهن ٻن ڪمڏن جڳي، اڀي هَٿ اُنهن جي واڳ،
هيرا ۽ ياقوت ٻيا، اَڄ اُنهن وٽ اَجهاڳ،
ٻيا ٻيي لکين لاڳـ٩،
تنهن ڏليَن١٠ کي ڏيئي ڇڏيا.

---

١. جهوڙيءَ ٢. ڪکائين چٽ هيٺان ٣. راجائي آسن
٤. جهوڙيءَ ٥. جهاڳيندڙيون وان ٦. ڀاڙيءَ جا ٽلاءُ
٧. مهاڻيون ٨. وڏي ٻيڙي ٩. انعام، سوغاتون ١٠. مسڪينن

٢٧- چوليون جن چڪا، هيون اُڄ ٿيون لالين لاٽون٢،
جُتيون جڙائون٣، ٻاٻو وَٽن ٻيو ۾.

٢٨- لاڏ ڪيون لاڏ لُڏن، ڪيچهو سَندي ڪَنڌين،
ڪارڻون ٿيون ڪُڌن، سَمي جي سُهاڳ تي.

٢٩- جن والين٤ وَهَ وَهَل٥، ٻاڪِس آڌي تي ٻُجڙي،
اِن وِهاري وِٽِ ۾، ڪيا شاهه شُغل،
آهي چڙهيا پالڪين، آهي سڀ سَهل٦،
جِتي جهيڙن جهوُڙيون، ٿيا ماڙيون اِتِ محل،
سمو جام اَنگل، اَچي اِهن سان ڪَري.

٣٠- هُنا وَڏا جن لي وَيل٧، تي تُوت ملين ڪين ڪري،
سي ڪاصين خوراڪن لي، تان ڪن مُهاٺيون ميل٨،
ٻڙي جُهڙي ٻاڪ ۾، ڪن سلابين٩ سيل١٠،
ٻوهه لاٿا جام لُطف سان، زَٻُوان ٿُون١١ ڌيل١٢،
لن سي تيل ڦُليل، اَڄ عطر گاڏ١٣ اوليا.

---

١. گپ ٢. لالن سان مڙهيل ٣. جڙت واريون ٤ جن جي والن ۾ ٥. مڇيءَ جي وَهَ جي وهڪ ٦. سهنجو ٧. ڏکيا وقت ٨. لاڙو، ليمڪ ٩. سيلابن يا ٻلاون ۾ ١٠. سير ١١. مسڪينن لاءِ ١٢. ڏک ڏاڪڙا ١٣. عطر سان ڳنڍيل.

## ١٥- مومل جا ورلاپ

مومل کان راڻو رسي ويو آهي ۽ هوءَ هاڻ مهٽي هاب ٺي آهي. هوءَ سارو وقت ورلاپ پيئي ڪري. هينئر سندس ٻاڳي لوڏه ۽ زاري آهي. سندس اندر ۾ ميندڙي جـو مچ ٻرو ٻري. سـوڍو سندس سڀ سک سهڻج ساڻ ڪٽي هليو ويو آهي. ڪيس ني پاڻن ڀُلايو، نه ته راڻي جو ڪوبه قصور نه هو. مومل کي زهر جو پيالو پيڻو هو ۽ جدائيءَ جيڻ سندس انگ ۾ لڪيل هو. اهڙا ٻه انسان آهن، جي لنگن ڪان پاڻ انڌار ڪيو ڇڏن. ٻيو مردن جو ور نه آهي، جـو جوءِ پا جوءِ ڇڏين. راڻو صبر ۾ مومل کان ڪنارو ڪـري هليو ويو آهي. سندس صبر مومل کي شرم ۾ ٻوڙي ماريو آهي. راڻي نه پاڻ کي ايڏهن ۾ لڪايو آهي. مُندون سـوٽي آيون، پر هو ٻهڻجي مڇو ٻوڙيءَ وٽ نه موٽيو آهي. مومل کان هاڻ سرور و ناز ۽ انداز وسري ويو آهي. جي سـويو ونس موٽي اچي ته هوءَ جهڪر ”نالو“ ٺي ڪيس لمي ۽ چاه مان سندس ٻهر ڇمي. هوءَ سارو وقت ڪاڪ ڪنڌيءَ تي راڻي جي لاءِ ڪاڪ پيئي اڏائي.

مومل هزارين حيلن سان راڻي کي ٻاز آڻڻ جي ٽي ڪري، پر سندس گهوٽ ماڻـو ٽٽو ڇڏي. هاڻ هن ٻويءَ لاءِ جيئڻ عين عذاب آهي.

# ۱۵- مومل جا ورلاپ

۱- ڪيو مَهِٽي هابُ، مونکي تو ميان مينڌرا۱!
ڪر نه خانَ! خرابُ،
ڪامِلَ! ڪاڪ۲ ڪنڌين کي.

۲- هڪ جوءِ بي جوءِ۳، جِتي ڪين جُوانَ،
آهي پڻ انسانَ، جي اَڳِن۴ اان اِشاره ٿيا.

۳- ميان! آءُ ماري، ڏاڍي ڏنو ڏُهاڳَ جي،
مهٽي هاب مٿان ڪرين، ڪاڪ نه ڪج ڪاري،
ڪر سويا سَتاري۶، ڏوهين مون نه ڏاهج لون.

۴- چڱي ڳالهه چوانءِ، سا سُڻ، ميان مينڌرا!
آءُ تنهنجي آهيان، تون مُنهنجو آنءِ۷،
هيءَ اِندر تنهنجي انءِ، آهي وِڪاڻي، وَلها۸!

۵- راضي ٿي راڻا! معاف پڻ ٿي ڪر مَنداءُن۹،
مومل سان ماڻا، جانبَ! اڄ نه جهڳاتيا.

---

۱. اي راڻا مينڌرا ۲. ندي، جنهنجي ڪنڌيءَ تي مومل جو ڪاڪ محل هو ۳. مڪان، منزل ۴. اڳين ۵. ڦوٻان ۶. پرده پوشي ۷. آهين ۸. پيارا! ۹. مدائون، براءِون.

٦- آءُ سوڍا ڪر سَنڀُ، لاهي مولان مهڻو،
محبت سندو تو ٻوڙي، مون مَن اندر مَچُ،
الله ڪارڻ اَچُ، ماڳُ وسائج، ميندرا!

٧- راڻا! تنهنجي رنج، مون لوڪين لڄايو١،
پاڳين٢ پُلايو، ڏوهه نه، ڏاها! تو سندو.

٨- ڪاليءَ رئيءَ کهي ڇڏايو،
راڻا تنهنجي رَنجَ،
سُڪون٣ سڀ سَهنجَ، سوڍو ساڻُ ڪٺي ويو.

٩- اَڇين لسان آڳيان، نانَو٤ تني لِمايان،
چاهون٥ مان چُمان، ٻوان! تنهنجا ٻيرڙا.

١٠- مرد نه اون ميندرا! سوڍا سَگُ سُڃاڻُ،
کوهه٦ اڇائين ٻاڻُ، ناحق وهنو لڏهن ۾!

---

١. لوڪن ۾ لڄي ڪيو ٢. پاڳين، لاڏيو ٣. سک ٤. مومل جي ٻالهيءَ جو نالو، ٻالهي ٥. چاه وچان ٦. چو.

۱۱- آءٌ راڻا! رڪُ راڙُ، نَدَر هِن اماڻيءَ سان،
اوکي ڪرڻان ڪيترو، لاميارا لَتا! لاڙُ،
جوڻي ڪَڻَڙُم لاڙُ، انهن مهڻن هاڻ ڪري ڇڏيو.

۱۲- ڏُک نه ڏٺو هو، تو مولکي ميان ميندرا!
لاميارا پنهنجي لنگ کي، او لپبه اپٽو هو،
زهر پيالو پُر ڪري، مولکي پيٽو هو،
جيءَ نه جيٽو هو، مولکي هِن مهٽين وري.

۱۳- منهن نه مٽج ميندرا! اون راڻو آءٌ راڻي
سوڍا! سُڃاڻي، ڪدوز۲ وڃائج ڪاڄ جا.

۱۴- مرد تني اون ميندرا! سوڍا! سَگهُ سُڃاڻ،
ڪره لڄائين پاڻ، ناحق ونئو نيڻهن ۾!

۱۵- راڻا! رنج نه ڪر، معافي مومل ڏي ڪٽي،
سوڍا او صبر، ڀَڳَڙَا! پوڙي ماريو.

۱۶- ڪاڪ نه ڪَر ڪاڙي، سوڍا! لَهُ سماءَ،
هيڪر هيڏي آءٌ، مُندوُن موٽي آئون.

---

۱. نام ڪنيا موڙس! ۲. ڪدول گل.

۱۷- مونکي مرڪ اسر لنهنجو، سوڍا سياڻا،
وَسائيج وِلهي۱ جا، پيڪ۲ اهي پاڻا۳،
پري ڪري پاڻا۴، مؤلکي ماريءَ ميندرا!

۱۸- آءٌ راڻا! ولک لاءِ۵،
موٽي ڪاڪ، ڪندين ڪي،
ااميا! ااڻ خداءِ جي، پير وَرِي هيت پاءِ،
سوڍا سندءِ ساءِ۶، آءٌ ويني ڪالڪ اُڏايان.

۱۹- سوڍل۷ سڪاني، آءٌ پڻ اَديون! آهيان،
والو ڏينهان مُٺيءَ ڪي، واسِ اِها والي،
ڪندا اُها ڪاني،
جسو ڪارِاهِ لَهندي ڪاڪ ڪان.

۲۰- ڪين کُهنايائين کهوٽ سان،
هيلا ڪَيئين هزار،
ماڻو چڏيو نه ميندري، ماهيءَ مٽيادار۸،
مومل ااهِ ميار، سوڍي سڳُ، چڙي چڏيو.

---

۱. مسڪين عورت ۲. سچا ۳. آستان ۴. پاڻ ڪان
۵. رو الڏدار اباءِ ۶. لنهنجي سڪ ۾ ۷. سوڍا راجپوتن جي
هڪ ذات آهي ۸. سهڻي جوان.

٢١- ڏي ڪو رنگ وري،
ڪامل! ڪاڪِ ڪنڌن ڪي،
منهن ڏيکارج ميندرا! وڃان نا نه مَري،
بخشج ذَوقَ١ ذَري، مَهڻي هاب متان ڪرين.

٢٢- هي جو نيٺو هو، سو اکر مٽيندو ڪوڪو،
هيرو زهر٢ زبان سان، هِن ڳالهين ڪيٺو٣ هو،
نا تہ پاڻئون پهٺو هو٤، مون کي ذليو زمين٥ جي.

٢٣- هيءَ ڏوهارِ ڏاهِ٦، لون پرليو٧ ساري پَتَ٨ جو،
ڪامل لِکو ڪاڪِ لي، چڙهي ڪرهلُ٩ ڪاهِ،
ڪاڻيون١٠ ڪنڌئون ڪاڪ جون،
بي لڳي باغن باهِ،
اهو مون تَون مهڻو لاهِ،
ڪا مَهر پوئي ميندرا!

---

١. محبت ٢. هيرو آهن ۽ زهر جو ڪم ڪندو آهي
٣. ڪانٽو ٤. اجهي وڃڻو هو ٥. زمين هيٺان ٦. پاڻهي،
داسي ٧. محبوب، لاڏلو ٨. ملڪ جو نالو ٩. ڪرهو،
اٺ ١٠. جايون ويٺون.

## ١٦- سورٺ وَر ۽ مڱڻهار

١- سخي١ "سُر سورٺ" ۾، سِرَ جي اَچي صدا٢،
ٻي نہ منجهہ مدعا٣، هو سَدا سُوالي سِرَ جو.

٢- آهي سدائين "سورٺ" جي، سُرَ ۾ سِرَ جو سوالُ،
تَنهُن نہ اُنواري هَڏهين٤، مايا مَڏهون مالُ،
وَحدَت جو وِصالُ٥، سدا "سورٺ سُرَ" ۾.

٣- سُرَ سَنوارِيو سِرَ کي، سِرَ سَنواريو سُرُ،
جو آهي سورٺ وَرُ٦، سو ڏيڻ کان ڪٿي ڏري!

٤- اَصل آليراءِ٧ جو، سورٺ وَرَ سان واڳ،
دُعا رکي دل ۾، مَنَ ۾ رَکيئين مِيرُ٨،
ڪيدو٩ رکي ڪونہ ڪنهن، گُرلاري١٠ گُميرُ١١،
غازي١٢ ناهي غيرُ، هر ڪنهن سان هِڪ جهڙو.

---

١. سخي راجا کي ٢. آواز، طلب ٣. مراد، مطلب
٤. هرگز ٥. هڪ ٿيڻ واري ڳنڍجاڻي ٦. سورٺ جو پتار
(راءِ ڏياچ) ٧. راجا آليراءِ جنهن ٻيجل کي ڏياچ جي سر
وٺڻ لاءِ موڪليو هو. ٨. ٻاجهائي ٩. حسد ١٠. گرلار جو راجا
١١. ڳهوان ١٢. سچي سورهہ يعني راءِ ڏياچ کي.

٥- پيچل ننڍو ن ليکــ١ مان، تهِدل ڪيون تيار،
اَصل هيو نہ اهڙو، مَڱڻو مَڱڻهار،
لَنگهوا لائق هو مکو، لِکــ٢ ڪَيس لاچار،
هامَ هَڻي هوشيار، هليو ساز سُرود سان.

٦- هليو ساز سُرودَ سان، ڪري الله تـوهار،
چونيءَ چاڙهي چنگَ کي، نورَئين ننڍ اَنوار،
عرض ڪيائين آڳي٣ ڪي، "سوٻ ڏئين سَتار"،
"ڏاتار! مون ڏڪار، ڏولي٤ راءِ ڏياچ جي!"

٧- ٽاهي ٽاڻُ٥ سُرودَ جو، ڪَنڌئين وڏو ڪوٽَ٦،
ننوارياڻين ننڌُڙي، اُنهي ٻـهر اوٽَ،
چارڻ جي چنگ جي، چڱي لڳي چوٽَ،
گُهر ڪٽي ٻوءِ گهوٽَ، ٻِڌي٧ ٻانَ٨ ٻواڙ٩ ڪان.

٨- اوڪن اَکـ١٠ ااڪالي، ڪير سالڪ ڪي سمجهن،
راجا ڪي رمزن، چارڻ جي چوڻو ڪيو.

---

١. ميراثي ٢. لکئي، ڏئدٻر ٣. رب ٤. هتي مهل
٥. سر موجب ننڍون ملائي ٦. قلعو ٧. ٻڌيءَ ٨. مڱڻهار
٩. يعني راءِ ڏياچ (سنڌ جي آڙ ۾ عزت وچان ڪم ايندو
آهي) ١٠. چاڙ.

٩- ڳڙه اَندرا ڳالھ، جاچڪ٢ منجهان جوش،
سُڻي رڻ رُود٣ جي، ڳولاريءَ جي گوش،
هاڙُڪ٤ منجهان هوش، لهَمُڻ٥ نڪري ويو.

١٠- جاچڪ منجهان جوش، ڳڙه اَندر ڳالھ،
انگهي جو لاتو، سو سرُّ٦ نه ڪنهن سڻهي ڪيو.

١١- ”آهيان سواليءَ سر جو، گهوٽ ! گهرجي راڄ،
مڱڻو نا محتاج، مالڪ مولي مال جو.“

١٢- ”راڄ نه گهرجي، راهه! ڪيم سِرَ سوالُ،
اهو هڪ حلالُ، ٻيا سڀ مون حرام ٿيا.“

١٣- سورَٺ منهان منگتي، گهوران٧ آئي گهوري،
”ٻُڌا مون سَبيلَ٨ وٺُ، لارازيءَ لوري،
مٿو وچ لــ مَنگتا! مَجوُلاءِ موري،
لائق نه هڪ توري٩، سورٺ تنهنجي سورن!“

١. قلعي ۾ ٢. ميراثيءَ ٣. رباب ٤. حاذق، ماهر
٥. [illegible] ٦. ڳجهه، راز ٧. گهوروُن ٨. ڳپ، آڻ ميا ٩. هڪڙي
احسان جي به لائق نه آهيان.

١٤- چارڻ١ ويٺو چاهه مان، چاڙهي چنگ٢ چوري،
سورٺ پنهنجو حال ٿي، عطائيءَ٣ اوري،
پاسُ٤ نه ڪري ماڻ، ويٺو سازن کي سوري،
”ڪنڌ ڏيءُ وٺ ڪوري٥“ ڏکيءَ جي ڏاچ جو.

١٥- ”سدا سوالي سر جو، آهه مڱڻو مهمان،
مڱڻي موٽائڻ جو، شاهن ناهي شان،
راجا! پنهنجي روح ۾، آڻج نه ارمان،
مايا ڄاڻج چاڪ ۾، وهم سڀ گمان،“
ڪِرلاويءَ ڪيان، مليو مڱڻهار ڪسان.

١٦- ڪوٽان٦ جاچڪ جان، ڪَڍيِ منگتي٧ مُهڙ٨،
گهر گهر ڳُڏي گهوٽ جي، روُڏ سنڌي رڙ،
اوڪن لڳي پَڙ٩، ڳُڏي ٻجهَل ٻوليون.

١٧- مٿي ري منگتي، موٽڻ آهه مهڻو،
لکهي آهه لهڻو، سڀل سر سردار جو.

١٨- سالڪ ساز سُروُد جي، سُرَ سان سِرُ ڪيو،
ليزي لي ليو، مٿو لڏهن مهمير١٠ جو.

١. مڱڻهار، ڳائڻو ٢. ساز ٣. ذات مليل فقير ٤. مڱڻهار
٥. ڪهي ٦. ڪوٽ يا قلعي مان ٧. مڱڻهار ٨. منهن
٩. چڙ، افسوس ١٠. اعليٰ سردار (مه=وڏو، مير=سردار).

٢- ٿيا ٻدوهار ٻري، آءٌ ڪِن کي ڏوريان،
اُهي ٻاجهُون مارُئي، ٿي مِيان! هِت مري،
ليئي قـــبـــر ڪري، ڪو اوڏو آباڻن کي.

٣- ڪڏهن ڏيهه ڏِٺمِ، ٿي ساعت ساعت سومرا!
ٻارڙو ڪالهه ملير ۾، ٻر ٻري اڄ ٻِيامِ،
آهي ڪين اُهن ريءُ، اَکَڙِيُن کي آرامِ،
سدا واڻ سِڪندي، ساڻيهه[1] سوڙ ٿيامِ،
سي ٻڻ ڪيئن[2] وِيامِ، جن سان ڳَڙهيمُ[3] ڳالهڙيون؟

٤- هوءَ ڏاڏاڻو ڏيهه، مُونهُون[4] مُور نه وسري،
ڏاڏو اَگِهه[5] ڏيکار سو، سومرا! ساڻيهه[6]،
ريءَ ٻدوهارن ٻو ڏيهه، ماڪُـــ مڙاوٽي ٻاليان.

٥- جيڪُس[7] سَدڪهارَن[8]، اِهو ڏيهه وٽي واڙ،
وري هيج[9] وَرَن، جي سالگيُن[10] ڪو سالگ ٻيوا[11].

---

١. ساڻيهه، ٻالڻ ٢. ڪيئن، ڪهڙي طرف ٣. سليم
٤. مولڪان ٥. ڏٺيءَ جي واسطي ٦. وطن ٧. شايد ٨. مالدارن
( مارئيءَ جي مائٽن ) ٩. شوق مان موٽن ١٠. ميڊهن جي
سالگي گهمڊڙن ١١. ميڊهن جو مولهو يا سالگو ٿيو.

۶- عمر! رَبَّ رَکي، پردي سان پناه ۾،
هُتان شال نَکي، عمر! اَباڻن جي.

۷- پردي مڇهه پناه، مولکي رب! رکيم،
اَکَنڊا ۱ هِن اَرواح۲، آهي اَباڻن جي.

۸- سارِيَم ۳ سي سنگهارَ، جَنمُ۴ لنگهايم جن سان،
اُٿي وِٺي گهُمندي، اَنَ۵ اڻين جي لار۶،
اندر ۾ اهاريان، پکڙا ۽ پدوهار،
سکهي لهندم سارَ، اَچي آسَر وَندا۷ جي.

۹- مُنهنجي مَن، ميان! ڳالهڙون مارُوَڙن جون،
ڏُمڻ۸ ڏاڏاڻين ڏيه جو، ڪيتين۹ گڏ ڪيان۱۰،
ڪاڏي ساعت، سومرا!
جهالڪين۱۱ ريءَ جيان،
وڃي تن نيان، سنگت سنگهارن جي.

---

۱. اَکير ۲. دل، روح ۳. ياد ڪيم ۴. زندگي ۵. ان کي ۶. اُلهنڊي سار ۷. سڪايل، آسائتي ۸. جهنگ جو اُن ۽ ميوو ۹. کيمت سان (مارئي کيمت سان مگهيل هئي) ۱۰. کان ۱۱. جهنگ جي رهاڪن (مارئيءَ جي مائٽن کي جهالڪي، سانگي، مارُو، سنگهار وغيره سڏيو ويو آهي).

١٠- وڃها جڏ ١ هُيامِ، ماروڙا مليو م،
ڳجهي ڳالهہ لڌهين، ان ڪَنين ڪين وِڏامِ،
هاڻي ڪيئن ڪندامِ، ٿوهڙا٢ ٿــو رهيا.

١١- ريگستاني٣ راڄ ڏانهن، قاصد آئُــم ڪونَ،
خيال نہ هيڏانهن هون، مارن موڪي مٺو ڪيو.

١٢- ريگستاني راڄ جي، آءٌ ڳالهہ ڪريان ڪيهي،
ڪَن پهاڙوُن پاڻ م، سي واريءَ لي وهي،
"ايڏي مارُئي مارُئين، پَکين شل پهي،"
اکڙ٤ مٺن ميلاپ جي،
آءٌ جهانگين کي جيهي٥،
مهڙي اَنَ ليهي٦، آءٌ سِڪ سنگهارن جي.

١٣- عمر! مون ڏي آيا، اُباڻون عتابَ،
"ڪٿين٧ محلين، مارئي! ٿي قور ماہ٨ ڪبابَ"،
جهوريس٩ هن جوابَ، عمر! اُباڻن جي.

---

١. جڏهين ٢. ٿو جا رهاڪو ٣. رڻ پٽ جي ٤. اڪير ٥. جهڙي ٦. انهڙي ٧. ڪاٽين ٨. گوشت جا ٽڪر ٩. موکي جهوري وڌو.

١٤- عمر! آباڻن ريءَ، آءٌ نا ڪوجهي آهيان،
لوئي هڏ نہ لاهيان، اباڻي جا ڏيهن جي.

١٥- ڪانئي پلڪ پوي، عمر! آباڻن نہ ڏيان،
ذري منجهہ ذري، هُوا پڇندڙ حال جا.

١٦- اَڄ پڻ ڏيم اداس، مَٽُو مارُوڙن ري،
راڄا! منهنجي روح کي، آءُ پنوهارن پياس،
آءٌ آهيان اُنهن جهڙي، لوئي جن لباس،
موڪل ڏي، ميان سومرا! وڃان ڏنهين پاس[١]،
خاوند اَکَيرِ[٢] خلاص[٣]، ڪَر بندياڻي بند مان.

١٧- جهالڪي جهڙ پياڪ[٤]، لاهن شوبس هيروان[٥]،
ڳاڙهيوُن ڪاريُون لوئيون، پنوهارن پوشاڪ،
لاهج لوئيڙن[٦] تان، الله اکيِن اولاڪ[٧]،
وڪن هَڏهن[٨] ڪانڪا، عمر! پيءِ املاڪ[٩]
ڪارڻ پرور پاڪ[١٠]، مونکي مٽڙين ماروئڙين[١١].

---

١. ڏن وٽ ٢. ڏاڍيءَ جي واسطي ٣. آزاد ٤. لسي پيئندڙ ٥. شوبس لي هريل ٦. لوئي پهريندڙن ٧. چمتائون ٨. هرگز ٩. ملڪيت ١٠. پاڪ ڏاڍيءَ لڳ ١١. مارن سان ملائين.

١٨- سَنگهارن جي سِڪ، آهي منهنجي مَنَ،
شل سِکهوڻي، سومرا! ڏِسان ڏوٿيئڙَن١،
راتو ڏينهان ڪاڙ ٿئي، جهِڄان٢ جهانگيئڙن،
ٻاٽهي ٻروهارن، اڄ ٿا مولکي ياد ڪيو.

١٩- مارُن جون ٿاروُن٣، تَنوارين مون تَنِ،
ٻاري ڏيان ٻَنِ، سالوُن٤ لنهيجون سومرا!

٢٠- سَنگهارن ٿي سومرا! تَو سَرو٥ هيءَ ٻڌي،
عادت ظلم زور جي، ويڙهي هميرا٦ وڌي،
تِيَس گُهو٧ گهَٽي، رعيت جي راڄائڻ جي.

٢١- اَڄ جوڙي وينا جهنگ ۾، جهانگي جهوُپڙاون،
ڏي نہ ڏوٿيئڙن کي، تون لائق! لوپڙاون٨،
راڄا! روُپڙاون٩، گهوِين١٠ رکن ڪيڏڪي.

---

١. ڏٿ چوپائي ڌڻن   ٢. ڪارائي ۾ ڪِـوان   ٣. ننڍون
(يادگيريون)   ٤. ريشمي شالون   ٥. سر متان   ٦. امير
(عمر سومرو) ٧. چڪ، ڪشش ٨. ڪلنڪ، داغ ٩. سنڌڙيون
١٠. گهرن ۾.

٢٢- ساريم اَڄ سنگهار، جن ڏنـي مون ڏينهن ٿيا،
سي لَڪ لنگهي پيهي ويا، پاڻُـرا منجهه پنوهار،
هَٿي ويئا ٻَڪڙا، هُـــت سُک نه اَڄـــڙ وار٢،
جن جي ساهَ سنڀارَ٣، سي اَڄ پنوهارَ پري ٿيا.

٢٣- جي پيڪن پوءِ٤ پيام، سي تـا لڏيا ڏينهڙا،
هيٺن نه پاڻِـڙ ڪا هُيَم، تاڪي هيٺن ڪَندام،
پَرَ وڃي ٿَرِ ٿيام، سي سُڌه لهندڙ، سومرا!

٢٤- عمر اُباڻي پارَ جي، فاني٦ ڪَيَس فِراق،
جي هُتا ريجاڻين رَهاڪَ٧،
تن ٿَـرِ وڃي ٿاڻا ڪيا.

٢٥- واڇهائـــيءِ لٿه وِجهُلان٨، سنديءِ اُباڻن،
اُهـي هميشه هُتن،
جي سُڌ لهن سڀ حال جي.

---

١. ٿر جو ڏاڪڻو پاڳو ٢. ٻڪرار ٣. جان کي سار آهي
٤. پيڪن ڇڏڻ کان پوءِ ٥. پروڙ ٦. ليست و نابود
٧. ريجاڻن جا رهاڪو (ريج واري زمين کـــي ريجاڻو چئجو
آهي.) ٨. ڳاراٽي پر ڳوان.

٢٦- ماروئڙا! ماڻيدي، آءٌ اوهان ريءَ آهيان!
سُکيا اُٺين١ ساٿيهه ۾، هِت بَندِ رهي ٻانڌي،
هت قسمت قيد اُماڻ جي، هيءَ اُچانڪ آندي،
آهيان اوهان جي ڳالهه ڪُون،
ويل٢ نه ڪنهن واندي،
چڱي نه چاندي٣،
ايندهس اوتي وٺي لوهه ڏي.

٢٧- قاصد اَچ ڪوئي، مَن اَچي ماروئڙن ڏاهُن،
تنهن سان چوان حالڙو، سارو سيوئي،
"اِيڏاهن آندي آهه مُون، لاڪيڻي اوئي،
"سا وٺي وينديس ٻاڪ سان،
اَنـم عهد٤ اِهوئي،
"سولين سان روئي،
سِڪُون لاهيندِيس لوهه ۾٥."

---

١. اوهين ٢. ساعت ٣. چانديءَ جهڙي اوجل نه
٤. اقرار ٥. وطن.

٢٨- ڌارن کؤن ڌارا، جي مؤن ڏيهن گذاريا،
سي هُئا قيامت جهڙا، ميان سومرا سردار!
الله ڪري اوڏڙا، سچو مَن سنگهار،
ته ڪرائون وڃي ڳالهڙيون،
هيڙي٢ جون هڪوار،
ٻار ٻري ٿيم ٻروهار، ڏيان ڏورايا ڪن کي!

٢٩- ريگستانين٣ رنگ، جي اون ٻڌين سومرا!
ته ميان! مارُوئڙن تئون، ظالم! لاهين زنگ٤،
جوه٥ ناڪؤن٦ لنهنجي تاب کؤن،
جهالڪي واسِن جهنگ،
ناميا!٧ هي اون لنگ٨، نيئي رساٽين٩ راڄ م.

٣٠- ڏجؤن ريگستان، جت وطن وڙهيچن١٠ جو،
راحم١١ ٿي رکيج اون، لس ماروئڙن جو مانُ،
جهؤن جهالڪيئڙن لي، ڪر عمر! اون احسانُ،
ته سارو جڳُ جهانُ،
متُ تعريفان١٢ اُنهجيون ڪري.

---

١. جدا ٢. دل، اندر ٣. رڻ جي رهاڪن ٤. ڪٽ، ولر
٥. جو ته ٦. تڏهن کان ٧. اي ناميارا ٨. لڄ (يعني مارئي)
٩. هلي پهچائين ١٠. وڙهن ۽ وهندڙن ١١. رحيم، مهربان
١٢. تعريفون، ساراهون.

# ١٨- هير رانجهو

رانجهو، تخت هزار جو مالڪ، هيرَ جي محبت ۾ گرفتار ٿي، جوڳي ٿيو آهي. هو دنيا جي ڊوڙ کان بيزار ٿي، ٻنهي جهانن کي ترڪ ڪري، جوڳياڻي ويس ۾ رڻ ۾ پيو رلي. رانجهو هميشه ڪنبل ڪلهن ۾ وجهي، راويءَ طرف هليو آهي. سندس مرليءَ لکن هزارن کي مست ڪيو آهي ۽ ليلن ۽ ڪردار ڪارنهون کي لوڙايو آهي. هير جي سڳند ڪيڙي اورانگ سان ٿيل آهي، ۽ سندس پيار رانجهوءَ سان آهي، جو پنهنجو تخت ڇڏي آيو آهي، سندس محبت ۾ سندس ٿي ديس جهنگ سيال ۾ حيران ۽ سرگردان ٿيو پيو گهمي. انسان به دراصل تخت هزار جو مالڪ آهي، پر مايا روپي هيرَ جي عشق ۾ هميشه اڇي ڪنگال ٿيو آهي. انسان هير به آهي، رانجهو به. جنهن عاشق جي ڪن تي ”اَلستي آواز“ جو پڙلاءُ ٿو پوي، سو حقيقي محبوب (ايشور) جي عشق ۾، دنيا کي ترڪ ڪيو ڇڏي، ۽ جوڳياڻو ويس ڪيو اختيار ڪري. سچل هتي اها ڳالهه تمثيل سمجهائي آهي.

١- جن کي آدينون اوچتي، ڪانيو ڪاريهوران،
لن جي خاص خَمر، جاچيو جوڳيڙن٢ کان.

٢- پرَ مان پاهر اڪري، ڪاري٣ ڪميا ڪئي،
ڏرُ٤ آهيءَ جي ڏرو٥، جنهين ڏرَ ۽ ڏيه ۾٦.

---

١. واسينگ ٢. جوڳين ٣. ڪاري واسينگ ٤. ٻج
٥. خوف کان ٦. جنهنڪي دنيا ۾ ڪو خوف نه آهي.

٣- چڙهي ملڪيت مال، رانجهو رڻ چڙهي هليو،
قسمت ڪيس ڪنگال، ا، ا، حاڪم هو هزار جو.

٤- ”مالڪ هئس هزار جو، رانجهو آهه راجا،
ڪائي١ مولکي قلب ۾، ڪُرب هَنئي ڪا جا٢،
ڏُکن جا ڏاچا٣، لکيا هيم لوح٤ ۾.“

٥- شاهي هيم شان، دلبر! منهنجي ديس ۾،
سچل آيس اوچتي، ڪٺي سورن جو سامان،
جا منجهارون چالي آيس، اهو آهم ارمان،
حيرت ۾ حيران، مونکي هيرَ٥ هٿي ڪيو.

٦- جوڳيا ويس٦ پَرڪي، لاٿم سڀ لباس،
هَٿ هَنيئون ساڻتا، لِپَٽ ڪيم ناس،
ڪُيم ليڌهن لِواس، دنيا جي سڀ ڏوڌ٧ ڪان.

---

١. ليڪ ٢. اهڙي ڪا ٣. ڏاڄ، الهام ٤. لوح محفوظ (تقدير جي تختي) ٥. هيرو، رانجهو جي معشوق (حقيقي محبوب) ٦. جوڳيا ڪپڙا ٧. ڪارهن، ڏولهي.

٧- شاه هَزاري هوس کي، محبت کيو ميهارُ،
عاشقن کي عاُوا، کھڙو آه قريب کان.

٨- نُورنگ٢ اندور، کيڙو وجهان کوڻ،
منهنجو رانجهو روح، سدا وسي، سرليون!

٩- آاستي آواز٣ کو، مُنهنجي کن پيو،
هردي اندر هيرُ جي، آهي کولي ايو،
مُرلي مست کيو، جوڳيڙن جي، جيڏاون!

١٠- کُنڊل کَنن ۾ وجهي، خان٤ چڙي خالي٥،
جوڳيسر جالي، واري٦ طرف رَوِي٧ هليو.

١١- جوڳي آيو جوء ۾، مرڪڻ٨ مطدار،
مُرلي مستانا کيا، جنهن جي لَکَ هزار،
کاريهر کودار٩، ليلا١٠ ناتھ لَواليا.

---

حيا، حجاب ٢. کيڙو اورنگ، جنهن سان هير جو مڱڻو
ٿيو هو ٣. ازلي آلاپ ٤. امير ٥. اميري ٦. راوي ندي
٧. ليجوارو جوڳي ٨. مرڪندڙ ٩. مطدار واسهنک ١٠. ليلا نانک

١٢- هُتي ڪير هُياس، هتي آهيان ڪير،
سالم آهيو سير، سچل سڀ ڪرايو.

١٣- مُنڊڙا ١ مڙهي، جوڳي آيو جوءِ ۾،
پڙهيو سو پڙهي، مَنڊڙا ٢ محبوبن لئي.

١٤- لُٻيون ٣ لَن لَٽي ٤، جوڳي آيو جوءِ ۾،
ڪنهين قُرب ڪَٽي ٥، راڄوءَ روليو ٦ رڃَ ۾.

١٥- مُرليءَ اِي لذت مرد جي، ڪيا ڪارڻيِ ڪَرَ،
پسَر چڙهي باهر آيا، لِيلا اڪري اُنَ ٧،
زهري منجهه زهر، جوڳيڙي جهڻي وَلا ٨.

١٦- حاڪم اخت هَزار جو، قسمت ڪيو ڪنگال،
مسڪينءَ جو مرد ڪي، خطرو اڪو خيال،
محبت مستانو ڪري، هوڙو ڪَيڙس حال،
اُٺي جهنگ سيال ٩، ڇُٻَ لا لَخت هَزار جي.

---

١. ڪنديل ٢. منتر، جادو ٣. لمبا ٤. جسم سان جڙي
٥. عشق جي راهه ٦. رلايو ٧. ليلا او = زبردست ليلا الانگ
٨. ورلا ٩. جهنگ سيال، هير جو وطن.

١٧- مالڪ اُهيءَ مُلڪ جو، رانجهن مان راجو،
اُلفت ۽ ڪان عطا ٿيم، ڏُکن جو ڏاجو،
عشق ڪيم آجو، دليا جي ڪُل دوُد ڪان.

١٨- اَچڻ مؤن اَوکو هُيو، هاريؤن! آلدم هيِرَ،
ڀهنڀي لکي ڀاڻ ڪي، ڀارڻ ڀيٺي اَلڊير.
ڪال هلي لڊيِرِ٢، قسمت قيد الماءِ٣ سان.

١٩- رانجهوُ هيس راڄا٤، مالڪ ڀهنڀي مُلڪ جو،
اَديؤن! عشق آلدو ڪيو، ڀِيِءِڙم ڪيِن سماءُ،
گهوُرن٥ ڪيُم گهاءُ٦، هِتي اَچي هيِرَ جي.

٢٠- راويءَ طرف٧ رَوِءِو٨، جوڀيسَر جوان،
هيڪر هيِرَ اَڪيِر٩، مَردُ ٿيو مستان،
سؤرن جو سامان، سڀل ساڻ کڻي هليو.

---

١. محبت ٢. حيلو ٣. اَلڊير (داڻي ڀاڻيءَ جو قيد يعني
اصيب) ٤. راڄا ٥. اظرن ٦. زخم ٧. راوي اُلديءَ طرف
٨. هليو، ويو ٩. هير جي اَکيُر .

# ١٩- سهڻي سِير ۾

ساهڙ جي سڪ ۾ سهڻي سِير ۾ گهڙي آهي. هاڻي ميهار کي واهر لاءِ سڏڙا پيئي ڪري. اهي قرب جا وانگ آهن، ڏ. ڏ. ڪارونڀار ڪير لري! جنهن دلي سان سهڻيءَ جي دل هئي، تنهن ئي جل ۾ سنڌس اَجل آندو. ڪچو گهڙو ڪنهن ۽ پاڻيءَ ۾ وفا نه ڪندو. اوڙي مٿس دلڪش وانگ آيل هجن. اُڀا چمڪ ۽ ڪل، آب ۾ ڦڏا ٿيو وڃن، ۽ ٻاڪ ٻرڙا ٿيو پوي. جڏهن مَاهر اارو ۽ سپاهه هوالدي منجهيو پون، لتي سهڻي، ڏڪيءَ جي آسري، ڪُٺن ۾ ڪاهي ٿي پوي. پوڻيءَ ڪنڌيءَ لي وڃڻ ميهار جي محبت ۽ سنڌس مينهن جي چڙن جي چولڪار سنڌس چمت چرپر ڪري ڇڏيو آهي. جيئن سهڻيءَ جي دل دلي سان هئي، ائين ساهڙ ساڻس سچو نه هو. جڏهن دلو ساڻس ڪچو ٿيو، تڏهن ساهڙ اڃي ڪيئن سير ۾ پوي. هي مِٽيءَ جو محل (جسم) هڪ ڏينهن ڀي خاڪ سان ملڻو آهي. جيئن انسان جي اَن ســان اُلفت آهي، ائين هو محبوب حقيقيءَ کان پري آهي. جڏهن هو، پنهنجو وجود (هستي) وساري ٿو، تڏهن ئي ڪيس اَبدي وصال نصيب ٿو ٿئي.

١- ميهر کي مهر ڪا، ٻُڏندي مَن[١] مٺي ا،
سُهڻيءَ جا سَٽي، سَڏڙا وڃان سير جي.

٢- ميهر کي مهر ڪا، پوندي مٺي مَــن،
پنهنجو قرب ڪِن، ڏ. ڏ. ڪارونڀار[٢] ڪير لري!

---

١. مَن ۾ ٢. سمنڊ.

٣- ڪچو اَ سچو ڪين ٿئي، اوڙي اُڇن رنگ١،
سچي سندي سَنگ، ڪَچا سچا ٿي ويا.

٤- * ڏِلي سان هُٿي ڏِل، دادليءَ٢ دلبر جي،
الهيءَ ڏنس اوچتي، جَـل اندر آجل٣،
ڪَلَ نه هئي ڪُنبار کي، ته خاڪيءَ٤ منجهه خلل،
مِٽيءَ جو محل، ٻُـوڙا پاڻيءَ ۾ ٿيو.

٥- نه ڪا ڪندي، نه ڪو ڪَپڙو٥، اڪا وچون واهَ،
مُنجهيا موجن ۾ اَســي، سياٽا سيڪاهَ٦،
سهڻي گهڙي سير ۾، ڪري ڪاهون ڪاهَ،
پاڻيءَ ۾ پڌاهَ، ٻَـوڙو٧ ڏنس ٻاٽ ڪٽي.

٦- ڇَڙن٨ جي ڇوڪلاڻ، منهنجو جِنَ ڇراو ڪيو،
واليان ڏيهان لَنَ ۾، لِن جي الم لاڻ،
ميهُن ۾ ميهار، سندي سِڪ سرلو ۾.

---

١. ڪچي دلي ڏانهن اشارو ٢. محبوبڙيءَ ٣. موت
٤. مٽيءَ مان ٺهيل (دلو) ٥. ڪنارو ٦. سيڪاهَ لي اونڌڙ
٧. ڏڪيءَ ٨. ڳهڻن (ميهن کي ٻڌل).

* تمثيل:- اسانجو جسم، ته مٽيءَ جو محل آهي، جو هڪ ڏينهن ڊهي لي ويندو. اسانجو سينگار عارضي آهي.

٧- اَچي وڃي وچ مان، وڃان ڪِين وري١،
ڏسي ڏکا وانسي، گھوري٢ گِھيڙ گھڙي،
ٻڏو ٿي ٻري، تارُو اٿڙي٣ جِتن تار ۾.

٨- جيسين دل ڍاي سان، ساهڙ ڪِين سڃو،
ڪَچو٤ ٿيس ڪَچو٥، تا ساهڙ ٻُڪُس٦ سيِرَ ۾.

٩- ميهُن جي مٿان، گھوريو وڃان گھوٽ جي،
ڏُهان ڏُهن٧ ۾ وڃي، وڇڻ٨ جي وِچان،
لاهيان ساهڙ جي وڃي، اَچن٩ سان اَچان١٠،
لُڇان ڪِيَن ڪُڇان، ملڪ لاءِ ميهار جي.

١٠- هَٿڙي هَٿڙي هيڃ١١ ٿي، هَٿڙي ٿي هيٺي،
واهڙ١٢ ۽ وڀُون ۾، ٿي واڳُن وَهيٺي١٣،
سيرَ اندر سُهٽي، وياري ۽ وَس ڪيا.

---

١. موٽي ٢. قربان ويندڙ (ساهڙ تان) ٣. ٻاهڙيءَ اي ٻوڙيندڙ ڪارو جيمس ٤. ڪچو دلو ٥. بي وفا ٦. ٻُڏس ٧. ڪيو ڏهندڙن ٨. تماشام ٩. ڪيو ۽ ڏڌ ١٠. اُڇون ١١. لسٽيءَ بي جان ١٢. درياهه ١٣. واڳھن جي حوالي.

١١- هَڻي هَڻي هيڄ ٿي، هَٿَ اُيس هيڻا،
سِپارِياڻيُن١ سَچُو چوي، لاڪي٢ ڪي لِيڙا٣،
ٻُڌنديءَ ٻيڻا٤، ساهُ ڪيا سِرَ ۾.

١٢- هَٿُ نه مِلي هَٿَ کي، سالِم سيڻاهين٥،
ڏَڏَڪا ڏُم درياهه جا، ڪَپَر٦ ٻيا ڪيڻين،
موج ٻَسي مهراڻ جي، مَٿيُون ٿيون مُنجهن،
ٻَراڻِءَ٧ ڪِٽن ٻُڏن، هَڏَڙ ٻَتَڙ٨ هوت کي.

١٣- اَسان ٻِراڻِ وِچ ۾، ڏُور وُهي درياءُ،
چولي چَوران٩ ٿي ڪري، ٻيو وِڇُڙي١٠ واءُ١١،
سُڻي آهان١٢ آءُ، ميان! هِنَ مُشتاق جون.

١٤- اَسان ٻِوڙَن وِچ ۾، جَڙُ١٣ وُهي جاري،
هِڪُ ڪَڙڪو ڪُنَ جو ٻوي، ٻيو وِير ڏئي واري،
هُيءَ سا جَنَ جا ساري١٤، سادَهلي١٥ ڪين دَرياهَ کون.

---

١. سپرد ڪياڻين ٢. هڪ درويش يا پير جو نالو ٣. ليڙا، ليڙون ٤. ٻيڻا انعام ٥. ماهر سيڻاه وارن جو ٦. ڪنارا ٧. ٻرانءَ ڪنديءَ تي ٨. سڪڻ هٿن سان، ٻيا سيڻاه يا لنبيءَ جي ٩. ٻوڙٻوڙان (چر جو جمع) ١٠. چڙيو ٻيو ١١. واچوڙو ١٢. آهون، صدائون ١٣. جل، پاڻي ١٤. جدهڪي ٻرانءَ ياد ڪيو ١٥. دلي.

## ٢٠ ڪانگل قريب جو

١- گهڻا ڏٺم نگاهه، ڇا هون١ ڪانگ قريب جا.
ڪي دم آئو دوست جي، پاڻي ڪري پگاهه٣،
لاڪي تن نگاهه٤،
مٿان جهوريءَ٥ مڇ جهڄي مران.

٢- واسِ ڪري وائي، اڄ ڻ ڪانگ قريب جو،
ڪي جو ڇپائين ڇهڊ سڀن، لنهن اڄ٦ آڏايي لائي،
اندر ڪي آئي، جڳ جَر جيري سندي.

٣- اڄ لاٿيون ڪانگ لتيون٧،
سي ڪي سڻو، سرتيون!
جو ڪَهڻ٨ سان ڪُهيو وڃي،
واڙهي مڇه، وليوَن٩،
سندئون واڙ وليوُن١٠، تو ڪا ڪري ڀڙاون.

٤- ڀَڪيءَ سندا پرَ، ڪريان مُرصع مولتين١١،
جو آڻيو عجيبن ڏاهن، ڏني خوب خبر،
پيرو! سو مون پرَ١٢، وائوُن و ڀنو شال ڪري.

---

١. ڇاڪاڻ ٢. دلبر ٣. گداريءَ ٤. منهنجي لن کي آلمه ڏي ٥. ڀاراٽي ٦. اوچ ٧. لنبيون ٨. ڇوڙ ٩. وليو ١٠. ٻڇهه جا ذرا ١١. موتين سان مڙهيل ١٢. منهنجي پر ۾.

٥- ڏاهي چڙهي ڏارا ٿي، ڪا جا لَتِڙي لاسِ،
ڏُکُ ڏٺائين سَڀ ڪي، واڻي آڻي واتِ،
پيئڻ ۾ هيڻياسِ٢، آٽ واڙون٣ آهين.

٦- صَدقي ساهُ ڪريان، هن ڪالڳي ٿان، ڪاڪيئُون٤!
جي ڏِٺي سَنيها سڄڻان، سي ساڻيءِ٥ ساهَ ڏريان،
پَلڙي پير پَرڻان، اُهيءَ ويل اوڏهين.

٧- پِرِيان جا پيغامَ، تو ڏٺي مڙٿي ماڻ٦ ۾،
سَوين مڃڻ، سلامَ، جو ڏاهو ڏاهپ سان ڏٺي.

٨- عطر ڪٿوري اوٺيان، پيا ماٺڪ او مٿاڻ،
سَنيها سُپاڻ٧، آڻي ڏج عجيب جا.

٩- سِکهو اُڏامي آڻ، پکيڙا پرين جا!
ساٺ جواهر جَڙاءِ٨، کَنڀ ڪراڻان تو سدا.

---

١. ڏاريءَ ٢. افسوس، ماتم ٣. انت واري آسٽان تي وڻليون ٤. اڏيون ٥. ساڃهي ٦. ڳجهارت ٧. سڀان ٨. جڙت.

١٠- ڪانگا! ڇو ڪيئن، سَرهائي ڏنيءَ سُپرانءَ؟
حال اَسان هيٺ هَهڙا، ڪي هُت پيي هُوا هيڻن؟
جهامَرا ڏني جهُڙ جيڻن، ليڻن ٿيي اُوتَ٢ اکين مان.

١١- زاغ٣ زبالؤن٤، ڪيڏي اِهائي وائي،
ٻوڻان سڌي ٻارَ جي، آهه ٿوکي واڏائي،
ٻُڌي حقيقت حال جي، هُتِ ساڄن سَڀائي،
تہ "ڪيي عاشق خوش اساڄو،
ڪَل ڏجانءِ ڪائي،"
مونسان بيحد ٻَلائي، ڪئي ٻوڻِ ٻارُون ٻڌهجي٥.

١٢- ڏارَ چڙهيو ڏاهو، ٿــو ڏِٺم دِلاسا دل کي،
صبح ســاباهو، اَڳــڙ آهه عَجيبَ جو.

١٣- چڙهيو لَٿيءَ لامَ٦، ٿو ٻوليئُن ٻاجهاريُون ڪري،
ڏِني سَنيها سڄڻان، ٿِـڙيـو مٿي ٿــامَ٧،
ماڙيُون ماري٨ مامَ، ٿو ڏِني اِڪائي اوڪَ ڪان.

---

١. وسڪار ٢. وسڪار ٣. ڪانؤ ٤. زبان مان ٥. ٻڌهجي ٻاران ٻا طوفان ٦. لٿيءَ جي ٿاريءَ تي ٧. ٿاري ٨. ماڙيون ٽپي.

۱۴- پرين جا پيغامَ، تو ڏني مڙيئي مامَ،
سوين مڇهن سلامَ، جو ڏاهو ڏاهپ سان ڏئي.

۱۵- آئي ڪانگ ڏاوس، ڪو عريضو عجيب جو،
پيرو! سڀ پڙوس، ڳاڙهيندي ڳوڙهن سين.

۱۶- پکي سوني پَرَ، اچ اڏامو اوڏهين،
رسيو وڃي اُنهين، پانديا مڇهن پَهَرَ۲،
خاص وٺي خبرَ، موٽيو ماڳين۳ پانهنجي.

۱۷- ساري ڳالهه سچي،
اچي ڪانگي ڪئي قرب جي،
رهي۴ دل رچي۵، انهن نازڪ نيڻن سين.

۱۸- ڏنا ڪَرَ آئي، سدا سِڪ سنيهڙا،
هيڏڙو مون هائي، آهي سچل سوا۶ ء.

۱۹- ڪانگا! ڪنايت۷، ساري سالڄ ساه سين،
اِها امانت، پئي ڪنهن عامَ نه آڇيان.

---

۱. قاصد ۲. پهر ء، جلد ئي ۳. پنهنجي ماڳ ۾ ئي
۴. پرچائي ۵. خوش ڪئي ۶. ضعف، خيال ۷. لکيت، عبارت.

## ٢١- معرفت ۽ ظاهري علم

١- اَلِف سُڃاڻي اَحديّت١ وارو،
ٻي لِي٢ ڪين اُڙيا سين،
شَرح مُلا٣ ڪَنز٤، قدوري٥،
ڪافيا٦ ڪين پڙهيا سين،
غَير خيالن کُنبَ ڏئي٧،
ٻوءِ لااَحَد منجهه لَڙيا سين.

٢- هن زماني جا بزرگ، بيشڪ، ڇهه ئي لَطيفا٨ لائن،
ڪَسب ڪَرَن٩ دم ٻند ڪرڻ١٠ جو،
ته ٿا ٻاڻ سَنڀالن،
اِهي ڪَن فرُوعي١١ آهن، لاحق وقت وڃائن،
ريءَ ٿيڻ ڪم سهل سائين، پاڻُ نه پنهنجو پائن.

---

١. ذاتءِ جي هيڪڙائي وحدت، وحدانيت ٢. الف ٻي جي اکرن ۾ ٣. جاميءَ جو نحوي ڪتاب ٤ کان ٦ مذهبي ڪتابن جا نالا ٧. ڪنارو ڪري ٨. دم لاهڻ چاڙهڻ جا آستان ٩. اِستعمال ڪن ١٠. سماڌي يا ساهه چاڙهڻ ١١. خسيس، معمولي.

٣- ٻُزرگ شيخ مشائخ١، يارو! نا مَخدوم٢ ٿياسين،
نڪي قاضي، نڪي مُلا، مُعَلم٣، پير پَڙهياسين،
نڪي ناهه نڳيءَ جا ناهي، رنگ رساءِ٤ وڪياسين،
سچا ٻاجهون٥ عشق الله جي،
ڪوئي هُنر نه سِکياسين.

٤- خيال ٻُزرگي رهي ڇڏ٦ اون،
مَنگُڻ٧ نه اون مخدومي،
نڪي پير مشائخ ٿيج اون، نڪي ٿيج اجومي٨،
دانا ڳاهي دعوت وارا، آئي عِلم رسُومي٩،
سچو ڪٿي ڪوڙهي پيدا١٠، هو لدوم جهه معدُومي١١.

٥- ڪي ڪَمائن وِرد وَظائف١٢، ڪي ٿيا اَڪلائي١٣،
ڪي وڃي ٻيا زُهد١٤ عبادت، ڪي ٿيا دِعوائي١٥،
گوشه نِشيني١٦ ڪِن ڪي پاڻهي، ڪِن وٺي رُجعائي١٧،
ڪِن جي منزل پِٽ پارائو، ڪي ڪامل ڪرامائي،
ڪيئي ڪَشف١٨ اَندر ڦاڙا،
دانا١٩ ڪي دَرجائي٢٠.
سچا لکن مان ڪوئي ڪنهن،
عشق واري اُٻائي٢١.

---

١. وڏا شيخ يا پير ٢. جنهن جي خدمت يا پوڄا ٿئي، پير ٣. علم سيکاريندڙ اُستاد ٤. پاهرين رنگ ۽ ڍنگ ٥. سواءِ ٦. لاهي ڇڏ ٧. طلب ٨. جوڳي ٩. دستوُري يا معمولي علم ١٠. ظاهر ١١. گمنامي، لپيتي ١٢، ١٣، ١٤. (معنائون اڳيئي ڏنل آهن) ١٥. روح کي دعوت ڏيئي گهرائيندڙ ١٦. اڪيلائي ١٧. ماڻهن جي اچ وڃ يا رجوع ٿيڻ ١٨. غيب پڙهڻ جو علم ١٩. دانا، عاقل ٢٠. درجي وارا ٢١ عشق سان حق کي ثابت ڪرڻ.

٦- قاضي! سڀ ڇوان مان اوکي، ڇڏ مسائل مُصَلا١،
آءٌ ۽ پيئُون پڪَ پراڻي، سوُر ۽ ٿيج اون مُلا،
سچل حق ۽ حاصل آن، جي الهيءَ کون پُـلا.

٧- حَبس ڪَرَن٢ دَمُ سارُا سڀئي،
تا اِين لَطِيفا جاري،
عالَم٣ ڏسي عبرت آڻي، زاري٤ انهن ڪان زاري،
"واه! وَليءِ٥!" پُڪارن ماڻهو،
"آه ڪو مرد بُخاري!٦"
سڀ پڇو ۽ سچا سڀئي سچا،
پر آي ڪَنڌي جن خواري.

---

١. ديني مسئلا ۽ نماز لاءِ ڪپڙو ٢. بند ڪن ٣. جهان
٤. توبه ٥. ڪامل درويش ٦. بخارا جو، ولايت جو والي،
عشق جي اُپش ۾ لال ٿيل.

٢- روجهون رڃاڻن لئي، لڳي آس وڃون،
ٻوليون جهڙ يارانِ١ جون، ڀاڙين ڀيون،
رڻ ۾ سي رهيون، جن پڌ نه ڪيو ڀاڙ جو.

٣- راهي ٽيون رڻ راه ڏي، لاهي اوسَت٢ اڄ،
ڀاڙي مان پُڇ، روجهن ڪيا رڃ لئي٣.

٤- روجهون رڻ ياد ڪري، ايون رس رُڻن،
هر ڪنهن وال ھُڻن، اھڙن اوراڻ٤ ۾.

٥- ھِنڙو چڙي ھُس، ٽيون رواليون روجهيون،
ڏکيا اوسَر ڏينهڙا٥، سچل گهارن ھيء،
اَئي ٻهو چيء، وطن لئه وسري.

٦- ماڙِ٦ ميڙهن پيانِ، روجهون موٽي آيون،
اوسَر سدا ڏينهڙا، وسري سڀ ويان،
ٽاڪا٧ ٽر ٽيانِ، ڦُٽيون٨ ڦوڙاڙون٩ ڳڏيون.

---

١. ميڙهن ٢. اسات ٣. ڀوَني ٤. روڃن ٥. سوکڙا يا ڏکن جا ڏينهن ٦. ماڙيءَ ۾ ٧. ٽڪاٽا ٨. ڦٽيليون
٩. ڦوڙائي يا جدائيءَ جون ماريل.

٧- مُندڻ ١ ميڙهن اُتانِ ٢، روجهڙن رڻ ڦٽو ڪيو،
ڏولائي جا ڏينهڙا، گهڻا گهرِ ڏنانِ،
سڄا ڀِـن ارمان، اڪٽي منجهه لهي ويو.

٨- روهن ٣ اندر روجهڙيُون، ڪيون ڏکيون ڏولاوَن،
سڄل سي ساوَنِ، سُکيُون ڪيون سُکڙيس ۾.

٩- ”مندائتا موٽيا“، روئي چون روجهڙيُون،
”ڪميڻيُون ڪوجهڙيُون، قادر! لڌهجون آهيون.“

١٠- پاندوڙيُون ٤ ڀهاڙ جون، ڍِڳين ٥ ڪوه ٦ رهن،
لوڇي ٧ سي لهن، جِن سڄو پَڌو سنڌرو.

١١- آسروند آهينِ، روجهڙيُون راڻيون رڃن ۾،
اُڀيون پيڙون آپ کي، ٿيون واڙيُون واجهائينِ،
رڙيون ڪري رڃن ۾، ٿيون ٻُولڊون ٻَساٽينِ،
اُهن ڪُنڌَ ڪاهينِ، جڏهن ڪُنڌَ وَسنِ ميهڙا.

١٢- ماڻُـو مُٿاهان پنڌڙا، پاندوڙيون ڀُـرنِ ٨،
سانگن ٩ مٿي سَرڙا، چوڙو سي چرنِ،
وڙي ٿيون ڪَرنِ، سڄل سي ساٿيه لي.

---

١. مندن لئي ٢. سندن لاءِ وسيا ٣. ڀهاڙن ٤. پنڌ ڪندڙ، گهمندڙ ٥. رڃن ۾ ٦. ڇو ٧. ڳولي ٨. هلن ٩. ميهن وارن هنڌن.

١٣- چنڊي رڻ راهي ٿي، روهن مٿي روجهه،
ٻيلي ١ ٻيٽي ٻوجهه، چوڙ جي لنهن چيت ۾.

١٤- ڪٿي ڪوت٢ ڀهاڙ جي، هليون مڄهان هيج٣،
رسي مٿي رڃ، پاند وڙان پيا ڪيا٤.

١٥- جڏهن ٿيا آبره٥، لڏهن روجهن ڳاٽ مٿي ڪيا،
مولاڻي وڇڙيون ميڙيون٦، جن ٿي گڏاريا اوسر٧،
ڀهاڙيءَ جي پاند٨ ۾، گڏجي ڪن گذر،
ٿيون سيئي سر٩، لنگهيون ڏکيا ڏينهڙا.

١٦- روجهن زاروزار، آيو رنو رڻ ۾،
رڙيون سٽي رُليون١٠ جون، سعيو ڪيو سٽار١١،
ساري ساز سرود سان، سارنگ لڏين سار،
روجهن ساڻ رهاڻ لاءِ، ڪيڏانهن ڪٿي ڪيڪار،
ٿهي هليون ٿيلن١٢ ٿي، سٽي گوڙ گجڪار،
وسي وس وڏي١٣ ڪٿي، ڪسڻ جي وسڪار،
لانگهيون لاٽون١٤ لار ٿيون، ٿرايون١٥ ڪلهار،
سچي لڏڙي سار، سگهي لسن سڪ وارئين.

---

١. ٻيلي يا جهنگ ۾ ٢. پور، ڪنار ٣. شوق، خوشيءَ ٤. پاٽي ڀيتا ٥. ڪڪر ٦. وڇڙيل ملايون ٧. اُج يا ڏکن جا ڏينهن ٨. دامن ٩. ڪلاءُ ١٠. رلي ويون ١١. ٻردو ورڪند ڙ (ڏٽي) ١٢. لطارن ١٣. زبردست مينهن ١٤. ڪارون ڪار، ٿمڪار ١٥. هيٺاهيون زمينون.

١٧- ڦـــوڙائي جون ڦَٽيؤن، ڦوڪيون ٿيون ڦولهين،
اُبـــر سندي آسري، ٽَڪر ٿيون ٽولهين،
ڳوليو ٿيؤن ڳولهين، لَـــرائـــؤن آڻو پوائؤن[1].

١٨- ”مُندائتا مونيا“، روجهڙن چون روئي،
قسمت قيدالماهه[2] کي، ڪونَ جهَلي ڪوئي،
”سائين سکھوئي، ڪندو ڪَس وِلهن[3] لي.“

١٩- جي رِڻَ چڙهيون روجهڙاون،
ڪيؤن ڏولاڙن ڏُکيؤن،
جبان سندي جهولڻين[4]، اُبـِره هُيون بُکيؤن،
ٿيون هاڻي سڀ سُکيون، جو مُندين آئِي ميهڙا.

٢٠- * سچؤ رک سماڻ، تو ماڻهو روجهن سان کڏين!
هاڻي صبر مدجهه ٿي آءُ، ڪماٽي پوري ڪري.

---

١. پاڻيءَ سان پوڻو ر ٢. القدار (پاڻيءَ جو قيد) ٣. مسڪين
٤. جبل جي جهولين يا پهاڪاهن ۾ ٥. بيزار.
* سهل روجهڙن جو بيان ائين ڪيو آهي، جڏهن ڏکن ۾ ورال انسان جو ڪجهه، يا اڄاڻ طالبن جو، جي حقيقي بارش لاءِ وجهلندا هجن. هو جڏهن روجهڙن کي ماڻهن سان هڪ ڪري ويو آهي.

## ٢٣- اکيون

عاشق جون اکيون هميشه آگم لاهو پيئيون آهن ۽ روئڻ کان نه ٿيون رهن. انهن ۾ هميشه برسات جا بار ۽ اوهيرن جا اثر آهن. ميهن جي مدد هردم مٿن پيئي آهي. گوندر ۽ غم ۾ ورتل ڏکيهان مبتلا آهن. محبت لاءِ، پسڻ به پيئون، وسڻ به پيئون. اکڙين کي سواءِ آشڪاريءَ جي ٻي ڪا به راھه رهاڻ نه آهي. عاشقن، چشمن ۾ جاليءَ جي جاءِ جوڙي آهي. شل ٻولن ٻاڻ اچي کين ٻوچائي. معشوق جي اکڻن جي چمڪار، سندن ساه سوگهو ڪيو آهي. هو وانڍن لي وڃي، هروقت زاروزار پيا روئن. جن اکين کي ٻوڻ پسڻ جي پياس آهي، سي هرگز وصال نه ٿيون ڪن. ڏسنديون به پيئون روئن، نه ڏسنديون به پيئون روئن. ڏسڻ، وسڻ ۽ روئڻ سندن عادت آهي. جن اکين کي ليکهن لڳل آهي، سي شل دائم سرهيون هجن.

”سر آسا“ ۾ شاه صاحب به اکين جي عجيب عادتن جو ذڪر ڪيو آهي. ”سر سارنگ“ ۾ ميهن ۽ ليکهن کي هڪ ئي رنگ ڏنو اٿس.

١- روئڻ کان نه رهن، آئل! اهي اکيون،
سيڪهن والَ وَهن ۽ آئن اثر اوهيرن [١] جا.

٢- اهڃو نه لاهين، بارَ مٿين برسات جا،
اکين کي آهين، اثر اوهيرن جا.

---

١. ميهن جي وسڪارن.

٣- بادل وارا بـار، چمن تــي چڙهيا،
رُٺن زار وزار، اَٺـن اَٺــو اوهيَرن جا.

٤- آئي ني مُند ميهَن، آهي اَکڙن کي،
رُٺا راتو ڏينهَن، اَٺن اَٺــو اوهيَرن جا.

٥- آهِ اِهائي لــاس، آکــرا اَکڙيــن کي،
ڏينهن اَٺوَن راس٢، اَٺن اَٺو اوهيَرن جا.

٦- آڳم اَکــڙيــن کــي، ســدائــين آهين،
سي کيئن اوڄائين٣، جن کي اَٺو اوهيَرن جا.

٧- اکين کي آڳــم، آهن سدائين، سرتيون!
ڳوڙهڙ ڳلڙون غم، اَٺن اَٺو اوهيَرن جا.

٨- لاڙو پوڻ پَسَن، اَٺـوَن آڳم اَکين هيڙيا،
سي ڪان کيئن نه وَسَن، جن کي اَٺو اوهيَرن جا.

٩- ڏسن ۽ رُئَن، اِها عــادت اکين کي،
سي سڙهيون شال هُئَن، جن کي اَٺو اوهيَرن جا.

---

١. جهڙ ٢. ڏينهن ۽ رات ٣. سڪن، خشڪ ٿين.

١٠- آهي ريڇڙا، ونٺا، آئل! اَکڙين کي،
هُٺيءَ٢ اِن هٿڙا٣، جن کي اُٺو اوهيرن جا.

١١- ڪيم مَهينا لاه، آهه، پتلا! پُلي آهيان،
اَچي اَکڙيُون ڪٺي، سڄڻ کي سَرچاه،
جاني! جوڙيم جاه، تو لکي٤ اَکڙين ۾.

١٢- چشمن جيءَ چمڪار، ساهُ منهنجو سوگهو ڪيو،
واهي وانئڙين لي، وِنان زارو زار،
هوت اَچج! هيڪاره٥، اَکڙيا آسرو اڌ جي.

## ٢٤- گوندر ۾ ڏک

ان ماڻهن جي مجلس تي گهوري، جي گوندر کان ڪنارو ڪن. جنجي، صحبت، سُکن سان آهي، ان کان هوت پري آهي. جن وٽ گوندر آهي، ان وٽ جوش آهي. گوندر وارن وٽان تي ورھ جو واس نو ملي. سندن مدهن مشعل ۾ ڇهرا مهتابي آهن. ورھ وارا اميهن جا اوات آهن. جيڪي ڏيهن گوندر ۾ گذرن، سي تي ڏيهن سُکر آهن.

---

١. ولدر ٢. پل هڻجي ٣. ان جو هٿڙا ٤. او لاه
٥. هڪواريءَ

ڏکن مان ٿي سک ٿا ملن. ڏکن ۾ سڄڻ اُچي وهيو ٿو ڏئي. عالم ڇا سک سهانگا آهن. ورهه وارا ڏک مهانگا آهن. گولڊر جهڙو ٽوڪ جهان ۾ ڪولهي. افسوس جو داڻا ۾ گولڊر وارو ملڻ مشڪل آهي. گولڊر ٿي ٻوڻ کي واجهو ٿو اٿي. اُنجو ملهه آڀار آهي. ڪنهن وڏي ڀاڳ سان اِها نعمت حاصل ٿي ٿئي. اُنکي حاصل ڪرڻ لاءِ سِرُ سَميت ۾ ڏجي ته به ٿورو آهي. ساري لوڪ کي سکن ٿي ٻوڻن ڪان ٻري ڪيو آهي. ڏک ٿي اسانکي هوت جي هيج ۾ وڃيو وهارن. اِنهيءَ ڪري ٿي عاشقن اُنهن جي مرحبا ڪئي آهي.

١- جي گوُلڊَرَ ١ گوُش ٢ ڪَنِ ٣،
ڪُهه ٻَوَن ٣ سي سواليون،
* جِن سڪم ساڻُ سُکَنِ،
سي ٻاٽُون هوت ٻري ڪيوُن.

٢- گوُلڊر گهمڙي جي لهان، ٿان سُکَ سَوڻ ساڙيان،
آءٌ ٻڻ ڪيئن ٻاڙيان، ڏک سکن سان، سرايون!

---

١. غم يا ڏک ٢ ڏاڍهن ٢ ڌيان ٣ ڏين ٣. ٻن ٻو ن.
* جنجي صحبت سکن سان آهي، تنکي محبوب ٻاڪان ٻري ڪيو.

٣- جئين ڳوڙهر گوش، آءٌ گهٽو اِن نهاريان،
جالَ ١ آئون ء جوش، سدا آهي، سوڻهون!

٤- ڳوڙهر ڏيئي ڳلا، جان اون جئين ٢ چنڊڙا ٣!
سوڻي عهد يار، جوئي ڪَپُو ء ناوان ء سان.

٥- ڳوڙهر جن ڳلاريون، ڪالُون ٤ سي اهان،
هڪڙي راس وَهان، وڃي وِرهَ وارئين ٥.

٦- ڳوڙهر جن ڳلاريون، آءٌ پَکي اِن پيهي ٦،
وُڏائـِن ويهي، وٺان واسُ وره جو.

٧- ڳوڙهر جن ڳلاريون، آءٌ اِنئين گهوري ٧،
سدا مُون جهوري، آهي وِره وارئين ٨.

٨- ڳوڙهر جن ڳلاريون، مُنهن اِنئين مَشعل ٩،
ڪا مُون پَوي ڪَل، آئون جي اَفسوس جي.

٩- ڳوڙهر جن ڳلاريون، مُنهن اِنئين مهتاب ١٠،
سديئون ايئهن اواب، آهن وِره واريون.

---

١. گهٽو ٢. جيسين اون جيتري هجين ٣. اي چنڊ!
٤. ڪتان ٥. وِره وارين وٽ ٦. اُن جي پکي ء پيهي
٧. اُن تان قربان ٨. وِره وارن جي ٩. شمع (مثل پهڪندڙ)
١٠. چنڊ.

١٠- جنين گولڊر گوش، آءٌ لهاريان اُن کي،
جهجهو تن ۾ جوش، سچل آهه ساڻيهه١ جو.

١١- چڱو گولڊر غمُ، جي مون، پڇو جيڏيون!
منجهه ڪمالي ڪمُ، آهي ورهه وارئين.

١٢- مٺان وساريِن، "وهه! وهه!" ڪو ونڊر٢ ۾
جي گولڊر گذارين، سي تو چڱا ڏٺڙا.

١٣- ڏکن منجهان سُکَ، مون تان لَٿا جيڏيون!
ڏورينديءَ کي ڏُکَ، سوُنهان ٿيڙا سڄڻان.

١٤- هي سَهانگا سُکَ، جي ساري عالمَ٣ آنيا،
ڏوُر مَهانگا ڏکَ، جي وَرتا ورهه وارئين.

١٥- ڏکيوُن پڇن ڏُکَ، سُکيوُن پڇن سُکڙا،
هن کي حاصل جو ٿيو، جيڪي منجهان جُکَ٤،
نيهن وارن جي اُکَ٥ لڳي لوريءَ وارئين٦.

---

١. اصلي وطن يعني عرش ٢. جبل ۽ اٿن جو ااڙو، جو شاهه سڀنيءَ وارن سون ۾ آندو آهي. ٣. جهان ٤. درد، عذاب ٥. نوڪ ٦. درد وارين کي.

١٦- ڳوُندر ڪيئن گهوريان١،
جڏهن ڪَيس سيڻدي سَڄڻين٢،
جان اُڪَ٣ ٻيٺي لوريان،
تان ڏُکَ موچارا سُکَــ، ڪوُن.

١٧- جي سارو پُڇان لوڪَ، تان ڳوُندر وارو نه لَهان،
هھڙو ٻلو ٿوڪ٤، ڪَنهين ٻاڳَـــ٥ ٻوائيو.

١٨- آنڱَ واراڻُون آئيوُن، ٿيوُن آنـــڱ اجاريِن،
جي ڳوُندر گڏاريِن، آنڱ ان آڏوڪـــ٦ ٿيو.

١٩- سيڻدئوُن٧ جي سُکَن، لڌين ڳوُندر گهوريا٨،
ڏِنم ڪاڻِ ڏُکَنِ، هي سِرُ سارو سَٽِ٩ ۾.

٢٠- سارو لوڪ سُکَنِ، پـــوءِ وهايو١٠ ٻرِين ۽ ڪوُن،
* ڏِسو واهُ! ڏُکَنِ، هوتُ وِهاڻو هٿَنِ ۾.

---

١. سهسايان ٢. سڄڻن سان واقف ڪيس ٣. ٻاسا، ٽارازي ۽ جا ٻڙ ٤. چيز، مڻيو ٥. ڪنهن ٻاڳ سان ٦. مشڪل ٧. واقف ٨. لوڪ ڪيا ٩. عيوض يا سودي ۾ ١٠. ٻري ڪيو.

* شاه صاحب به ساڳيو خيال ظاهر ڪيو آهي –
ڏکـــ، سکن جي سوُلهن، گهوريا سکـــ، ڏکن ري،
جنين جي ودُلهن، سچ آيو مان ڳري.

## ٣٥- پرينءَ جو پنڌ ۽ مارگ

پرينءَ جو مارگ نهايت مٺو آهي. جي انهيءَ مارگ تي چڙهي مرن ٿا، تنهنجو طالع (نصيب) وڏو آهي. جي هن راهه تي فدا ٿا ٿين، تنهن کي حقيقي محبوب واجهه آهي. اُهين جي موت جو ارمان جانيءَ کي به نه ٿئي، جو سو مشتاق سندس لالي تي ئي پنهنجي جان نثار ٿا ڪن. اي عاشق! هي پنڌ اوکو نسي، پير پٺتي نه پاءِ. تون مارگ ۾ ئي مري، سرخرو ٿيءُ. جي تون فدا ٿيين نه، هوس تنهنجي هنج ۾ هوندو. "ڪيچ" ڏانهن پنڌ ڪندي، جبلن ۾ اکين مان آرو نه هار. پرينءَ جو پنڌ عجيب آهي. سندس درسن مٿان، سر گهوري گهماءِ. پرينءَ کي تون فڪر (خيال) سان ئي پائي سگهندين. هي پنڌ پيرن جو نه آهي، پر سِرَ ۽ سِيءَ جو. هن پنڌ ۾ "مان" يا خودي نٿي هلي. اُهوئي طالب هن سفر ۾ هلي سگهندو، جنهن "مان" کي ترڪ ڪيو آهي. هن پنڌ ۾ "خيال" گهرجي، نه جسماني جنجال. جو سالڪ هن سفر ۾ نابوديءَ کي ٿو رسي، تنهنجو ئي ڳالهو عجيبن وٽ ٿو پهچي. جي تون انهيءَ مارگ تي مٿين نه، تنهنجا وڏا ڀاڳ چئبا.

اُ مارڳ١ مٺاهون ٿيو، مارڳ چڙهي ڪير؟
سا پهچي ساٿ سوال٢، جاني مارڳ تي مري.

---

١. مارگ، رستو ٢. تنهنکي سوال تي صحبت يا ساٿ حاصل ٿئي.

٢- جي اُون مارُئڙا لئي مَرين، وڏا طالع١ اُو،
سانول٢ ساڻي سو، مَنهان اَو هِت مُڙهي.

٣- مارُئڙا مَرن جي، وَرُ٣ اَنهين کي وڻجهڙو،
هيءَ! هيءَ! هولن کي، اٿي اُرمان اُنهن جو.

٤- مارُئڙا مَرڻ آهِ، گهوريو جيئڻ جيڏيُون!
پيو اُه پُونيُون پاءِ٤، عاشق! مَرُ اڳي اٿين.

٥- مارُئڙا مران شال، دعا ڪريجو، جيڏيُون،
هوس هُڙي حال، مانَ٥ مُنهان مُون هت لئي!

٦- مَلهي٦ مارُئڙا مَرُ، تان تون اَنهين جي اٿين،
سچل هار نه جرَ٧، اَرتو٨ اکڙين مون.

٧- مارُئڙا جي مُئينءَ، تان هُئينءَ هوليا ٿين هنج ۾،
وجهي ڪيچ سُئينءَ٩، ان "واڄاريءَ وَس ڪيو."

٨- پِريان سمديءِ پار ڏي، پنڌ عجائب آهِ،
گهوري سِرُ گهُماءِ، مَٿي درد وسَ١٠ جي.

١. بخت ٢. محبوب ٣. پيار ٤. پڇتي هڻاءِ ٥. من ٦. پاڪ مَلهائي ٧. آب ٨. وڻائون، لال ٩. پنڌ ۾ آئينءَ ١٠. دوست.

٩- ٻنڌ عجائب ٻارڙن جـو، آهه هلڻ سان حال،
ڏکو سان في الحال، وڃي ٻسڌڻ ٻولڻ کي.

١٠- ٻنڌ عجائب ٻارڙن جـو، سڀي ٻيو ڪَرَڻُ،
اٿيءَ ڏٻان ڏَرَڻُ، آهي قـدم ڪچ ڏي.

١١- ٻنڌ عجائب ٻارڙن جو، "مان" سان ڪين هلَي،
ساڻي چاهه چَلي٢، جڏهن "مان" ڇڏي وڃ ۾.

١٢- ٻنڌ عجائب ٻارڙن جو، هلڻ هڪ لَڙَ،
ٻاڙيچي!٣ ڪنهن ٻـڙ٤، اهو خيال ڪـڙو ٿئي.

## ٢٦- عمر اجائي گذري

انسان جي عمر خواب مثل گذرندو وڃي. ڪاڻ ٿو سان ڏيهن اُچا ٿيو وڃڻ ۽ وڃڻ جي ڏهي اُڇيو اُڙل ٿئيس. طالب ويچارو محبوب حقيقي لاءِ ٻچاڙيءَ ڳالهين سڪندو ٿو رهي. جوڀن ۾ هن لاءِ چالب ڪاڻ ڪيالا ۽ جفائون آسان هيون، پر پيريءَ ۾ هو ايتري قدر ته عاجز ٿيو پوي، جو آرسيءَ ۾ پنهنجن اُچن وارن ڏسڻ جي به ڪيس توفيق نٿي رهي. سندس خوءِ (سياهه) خام رهجيو وڃي ۽ منجهس

---

١. سسيءَ سان ٻنڌ ڪرڻ ٢. اهائي شوق مان هلي ٻا ٻنڌ ڪري ٣. ٻاڙيسري! ٤. ڪنهن طرح.

ڪيتي ڪچاڻون رهجيو وڃن. سنڌس انگ ڳاڻه ئي آهي. هو ويچارو پنهنجي وسان گهٽائي ٿو ۽ سچاڻه ڪي زاريون ڪندو ٿو رهي. انسان جوانيءَ ۾ مستيءَ وانگر غفلت ڪـو ڪري، پوءِ پيريءَ ۾ "هاءِ! هاءِ!" ٿو ڪري. شال محبوب پنهنجي لطف سان ڪيس پنهنجو ڪري. دنيا مـڙوڻي روهه ۽ رڃ آهي. شل جاني پنهنجي مهر ۽ واهر ڪري. جـيـن سسئيءَ ڪي رڃن ۾ پنهونءَ سان ملڻ جي آس هئي، ائـين عاشقن ڪي هن دنيا جي ريگستان ۾ حقيقي جانب جي وصل لاءِ لڦنگي ئي رهي.

١- عُمر اَجائي گذري، وَهيا[١] آيم هيءَ،
آءُ سڄاڻا سُپرين! ڏرڪر ڪارڻ[٢] پِيَّ[٣]!
سسئيءَ ڪولهيءَ جيءَ،
ڪا وَرُ[٤]! ويچاريءَ ڪِرِ ڪيو[٥].

٢- عُمر اَجائي گذري، اَڇا[٦] ٿيا اِظـهار،
زاريون ڪيو سڄاڻ! رُئان زارون زار،
تهم آهي ميار، هوڻ حرف نه هيڪڙو[٧].

---

١. عمر ٢. ڏکيءَ جي واسطي ٣. اي ٻاڻن ٤. اي پيار ٥. موت ڪرڻو ٦. اَڇا وار ٧. هوڻ لئي ذري به ميار نه آهي.

۳- عُمر اَجائي گُذري، ڪارَڻ۱ مٽيو وَڻڪُ،
مون نِهارڪ نہ ڏٺي۲، سانول! سارو سَنگُ۳،
هن نِماڻيءَ جو اَنگُ، آهه اُوهان ئي سڄڻن!

۴- عُمر اَجائي گذري، ڪٿي جوڀن جاڙَ۴،
ٻالا۵ هن ٻاوَرَ۶ جا، چئني طرفين چاڙَ۷،
ٻاروچل جي ٻاڙَ۸، مون کي روهين رولِيو۹.

۵- عُمر اَجائي گذري، هڙو نيڙَم حالُ،
ڪنهن سُڻايان، سوڻيون! اندر جو اَحوالُ،
آريائيءَ۱۰ الهال۱۱، ڪندو غورُ۱۲ غَريب جو.

۶- عُمر اَجائي گذري، ڪارڻ مِني روءَ۱۳،
خام۱۴ منهنجي خوءِ۱۵، ڪَر ڪِرَا! واڇاريءَ جي.

---

۱. ڪارڻ واڻ ۲. مولکي لطر لئو اچي ۳. مڙني دوستن ۽ عزيزن جو ميڙ ۴. بي وفائي، ستم ۵. مٿي ۶. جبل ۷. چاڙهه، اُلاهيون ۸. سوز ۹. جبلن ۾ رلايو ۱۰. ٻنهون (آري جام) ۱۱. هيٺڙو ۱۲. خيال ۱۳. شڪل ۱۴. ڪچو، عيبدار ۱۵. سڀاءُ، سڀرت.

٧- عُمر اَجائي گذري، هيءَ! هيءَ! ھھڙي حالَ،
لائين اَج لڳ مون لئي، سڏي ھوت سڀالَ،
مون کان پُڇن ڪيڏڪي، ڪاڻن١ جا ڪمالَ٢،
ٻڌھجي قُربَ ڪمالَ٣،
ڪا ڙر وڇاريءَ جي ڪريو.

٨- عُمر اَجائي گذري، ھھڙا حال تيامِ،
ڇُپ ڇُپائيءَ٤ سڄڻين! ڪڙون٥ ھوت وِيامِ،
ھوَ جي ڏونگر ڏاڪڙا، ڦولَڙ سڀ پِيامِ،
اَج صبح ايندامِ، ڪندا وَرِا٦ وڇاريءَ جي.

٩- عُمر اَجائي گذري، ھوتَ! نہ گڏئين مان،
جيسين جَمُ نہ ڏسندي،
طلب نہ وڃدس تان٧،
جائي مِلي نہ جان٨، تان تان ساھ نہ اڪري.

---

١. جبلن ٢. ڪمالا ٣. پورن پوام سان ٤. ماٺ ميٺ
ھ ٥. مون وٽان ٦. پرسش ٧. تيسين ٨. جيسين.

## ٢٧- شيءِ آهيان ڪهڙي

”اُسين ڪهڙي شيءِ آهيون؟“ اِها هڪ اهڙي ڳجهارت آهي، جنهنڪي ٻروڙڻ نهايت مشڪل آهي. بعضي سمجهون ٿا ته پتليون آهيون، جنهن جي ڏور ڪنهن غيبي بازيگر جي هٿ ۾ آهي؛ يا ته لاٽين مثل آهيون، جنهنجو ڏاڳو حقيقي يار جي هٿ ۾ آهي. اسانجو جسم هڪ محل آهي، جنهنم شهنشاه ٻوليون پيو ٻولي. بعضي پاڻکي گهوڙي مثل ٿا سمجهون، جنهنجو هلائيندڙ ڪو غيبي شهسوار آهي؛ يا ته مهراڻ جي موج مثل آهيون، جا جولان ۾ اچي ساحل تي پوڙي؛ يا ميندي‌ءَ جي گل وانگر آهيون يا گلاب جي گل مثل، جنهنجي سرخي ۽ سرهاڻ ڪنهن غيبي بوستان مان آهي. شايد چشمي مثل آهيون، جنهن ۾ سچ جو ساڀو آهي. اسين حق جو پاڇو آهيون.

سچل کي مرشد ڪامل کان اِهائي ڳالهه معلوم ٿي آهي ته هو خود خدا ۽ ”سدائين صاحب“ آهي. سر مست جي ڪلام ۾، جو حيرت جو اظهار يا منصوري خمار آهي، سو هتي پڌرو عيان آهي.

١- بعضي پانيان پُتليون، پـا آهيان گُـڏيءَ ڏور،
يا گوءا آهيان هٿ يار جي،
يا وانـگيءا٢ وانگر زور.

---

١. بال، کيڻهون ٢. لاٽون.

۲- يا لا محل آهيان، جنهن ۾ شهنشاهه،
ٻوليون ڪري ڪيترا ٻن،
تو دَروُاڙون ۱ داناهه.

۳- يا ڳا گهوڙو آهيان، جو هَلائي هَسوار،
يا اا موج درياهه جري، جا ٻوڙي ٻاهار.

۴- يا مهندي ء۲ ڳُل تا آهيان،
جنهن اَندر لالائي،
يا آهيان گُل گُلاب جو،
جنهن سِرَ۳ ۾ سُرهائي۴.

۵- يا تا چمو آهيان، جو آڻه ٻرو آبُ،
تنهن ۾ ساٻو سج جو، يا ٻاچوتري مهتابُ۶.

۶- يا اا ٻاچو حقَ۷ جو، آ ٿ اَصل ڪَٺوُن آهيان،
جنهن ۾ ڳالهه ااهه لا، سوئي لا ااهيان.

۷- ڳالهه سچوء تا سمجهي، ڪوُن هادي ء۸ اِهاڻي،
تا غير خدا جي ااهين، آهين صاحب سَدائي۹.

---

۱. اَندر ۾ ۲. ميندي ۳. باطن ۴. خوشبوء ۵. ڪکر
۶. چنڊ ۷. ايهور ۸. هادي ء يعني مرشد کان ۹. سدائين.

## ٢٨- جتي ”مون توُن“ ناهه ڪا

هيءَ دنيا ڪاڪ محل آهي، جنهن ۾ طلسم جا موهيندڙ ڪرشما (اڇوچ جهڙا کيل) ۽ موهل جهڙين گلفام سندرين جا ناز ۽ نخرا، دل کي فريب جي دام ۾ ڦاسائين. سچا ڪاپڙي اُهيءَ ڪاڪ کي پوءِ ئي ڇڏي ٿا وڃن ۽ اُنهي جادوءَ جي اثر کان آجا ٿا رهن. هو اُهيءَ منزل ڏي وڃيو رسن، جتي نه آهي ڪاڪ، نه اندلاٺو، نه موهل نه راڻو. هو سڀ حدون ٽپي، وڃيو لاحد ۾ پهچن. اُتي نه آهي مندر، نه نڪاڻو. اُتي ڪين پنهنجي ڪاڻ سرت نٿي رهي. سندن ٺڪاڻو اُتي آهي، جتي ”مون توُن“ جي ڪاڻ واٽي ڪانهي. جي ”خود ڪون خبردار“ يعني خوديءَ وارا آهن، سي هي ڪاڪ محل ڏسي، پوئتي ورن. جوڳي اُهيءَ جاءِ تي وڃيو رسن، جتي نه آهي صُورت نه سينگار، نه انڊ نه انڊوار، نه روءِ نه رخسار. اُتي رڳو حق ئي حق آهي، حق کانسواءِ ٻيو ڪو وجود نه آهي. نه اُتي آدم جو جسم آهي، نه صورت، نه خوشي نه آرمان. اُهيءَ ولايت جو بيان زبان سان ٿي نٿو سگهي.

١- ڪاڪ پُڄندا ڪاپڙي، ويا اُڏو - پندا،
وڃي وسيا اُن هنڌ،
جت ”مون توُن“ ناهه ڪا.

---

١. لالڪوٽ پڄاڻڊڙ.

٢- ڪاڪ پڇندا ڪاهـــڙي، وَڏيءَ واـــل ويا،
لُڊاڻو ١ لِکي ڪري، ڪنهن ٻرئين ٻنڌ پيا،
آئي ٿاڪ ٿيا٢، جتي ”مون تون“ ناهه ڪا.

٣- لکيا لُڊاڻو، آئون ڪاڪ ڇڏيائون ٻوءِ لئي،
لالي٣ ڪچـــي ڪَسيا، جالي٤ مومل لـــءِ راڻو،
اُتا مسجد اَڪيو، آپ اِڪو ٽِڪاڻو،
لالي ٿِئن ٿاڻو، جتي ”مون تون“ نـــاهه ڪا.

٤- ڪاڪ لُڊاڻـو لکيا، اَڄ لاهوتي لالَ،
اوري هَڏِ ا، آڪيا، ٿيا ٻَراهين خيالَ٥،
حَدوُن ٻاهر هليا، جن کي حد ڇڏائي حالَ٦،
ٻِن صُورت ٽِڪا سنڀالَ،
وڃي وارجها ٿيا وصال٧ کي.

---

١. شهر ۽ نگريءَ جو نالو، جتي مومل جـو محل هو
٢. آرامي ٿيا ٣. لتي ٤. جتي ٥. ٻاهران منزل جـي خيال ۾
٦. روحاني مستيءَ، بيخوديءَ ٧. ميلاپ.

٥- ڪاڪِ نه ويا ڪاپڙي، اڪي لُڌائي١،
اڪي پيرا پَٽَ تي، جِتي وَڳ رکيو راڻي،
اُهي مِڙئي ناٻُود ٿيا، لِبن سامِن٣ ساماڻي٤،
ٺاڪِه٥ ٿيا ٺاڻي٦، جالي "موٽ ٿون" لاهه ڪا.

٦- مُومَل ماڙيا هليا، ڪاپڙي ڪَلَ دارَ٧،
وڃ ۾ آتش دُود جا، آڻِ ٻهمٽ٨ ٻُخار٩،
ڪي سَڙيا لنهن سوزان١٠ ۾،
ڪي آئر چَليا پِروارَ،
ماڙي ڏسي پَنهيا، خود ڪَڙن خبردار١١،
ڪي ويا ماڙيءَ ڪڙن اڪري،
پِرت نه جِمت ٻَهارَ،
اڪا صورت آهين، اڪا لساز آڌوارَ،
اڪو ڏسڻ وار هو، اڪا سُرت سَنڀارَ،
نن ٿي چڙهي آئيا، بيخوديءَ جا بارَ،
ڪين ڏٺائون ڪاٿهين، رُوءِ١٢ اَڪا وُڏسارَ١٣،
آتا شورَ شُمارَ، هَمه١٤ ٿا حَقُ١٥ ٿيو.

---

١. ٺڪري ۽ شهر جو نالو ٢. اوسيا، رخ وکيائون ٣. ساهين، جوڳين ٤. ساماڻي، مال ملڪيت ٥. ٺاٺيڪا، منزل انداز ٦. آستان ٧. گياني، سچي سرت وارا ٨. گهٽا (هندي) ٩. جوش ١٠. سوزش ١١. جي خوديءَ وارا هوا ١٢. شڪل ١٣. مهانڊو، ڳل ١٤. مڙيئي ١٥. ايشور (صوفين جو سخن آهي: "همه اوست": سڀ هو آهي؛ يا "همه جمال اوست": سڀ هن جي سونهن آهي.)

اَڪو آدم اُلهين١، اَڪو جسم جانِ،
اَڪو جزا٢ جاءِ آهين، انا سُرت٣ جو سامانِ،
اَڪو قدر٤ اڪو جَبر٥، انا خوشي نا آرمانِ،
* بيخبريءَ جو بيان، سچل! ڪنڊين ڪيترو!

## سچل سرمست جي ڪافين ۾ سمايل ويچار

سچل جي ڪافين ۾ خاص طرح ٻن قسمن جا مضمون اچي ٿا وڃن: حسن ۽ عشق جون واراتون ۽ "وحدت الوجود" جون وايون. انهن ۾ سمايل خيال هتي مختصر نموني ۾ پيش ٿا ڪجن.

سچل جي نظر ۾ عرش ۽ زمين تي حسن ۽ عشق جوئي جلوو آهي.

جلوه عشق جو عرش ڪُرس تي
سَر زمين چا زار وزمين

---

١. آئي ٢. سزا، اجورو ٣. سڄاڻپ، هوش ٤. قسمت، اندازو، طاقت، ڏاڍائي ٥. زور ظلم، قتل اصيب جي ملائي.
* سچل هن داستان ۾ الهيءَ ولايت جو ذڪر ڪيو آهي، جنهنکي افضل ولايت يا نوڪب ٿا سڏين.

عشق اڳيان ٻيا سڀ علم ۽ هنر هيچ آهن. الاهي محبت دنيا جي هر دام کان نجات ڏيندڙ آهي. عشق ٻنهي جڳن ۾ جيئري عذاب آهي - نينهن ئي اندر جو نقاب ٿو کولي:

جيئري آهي جڳ ۾، ٻنهي عشق عذاب،
سچو سڪايل جو، ٿو کولي نينهن نقاب.

سچل محبوب جي نيڻن ۾ حقيقي اسرار ٿو ڏسي. محبوب حقيقي جو آستان عرش جي ڪرسيءَ تي نه آهي، پر معشوق جي چشمن ۾.

ڪي ٿا ٻچن ٻرانءِ ڪي، ڪُرسيءَ عرش اتي،
تنهنجي اکين منجهان سهڻا! اسرار ڏٺوسين.

سندس فراق وارين ڪافين ۾ به عجيب سوز ۽ درد آهي.

دوست تنهنجي در اڳي، ڏُوهون وجهي واهي رهان،
منهن ڏيکارج محب مونکي، آءٌ مَفتون آهي وبال هي.

فراق جي خزان کان پوءِ جڏهن وصل جي بهار ٿي اچي، تڏهين عاشق جي رڳ رڳ رقص ٿي ڪري:

لعگهيا اَسان انڙوَن ڏينهن خزان جا سوليون! اڄ بهار اڳو ...
وانگا رانگ ٻيرانگيء وارو، شهر ٻهر بازار اڳو.

سچل جي نظر ۾ هي سارو جهان "اَفلاطوني طلسم" آهي. دنيا، بازيگر جي بازي آهي. ظاهر ۾ سڪندر ڪي ڪي صديون ٿي ويئون آهن، پر حقيقت ۾ اَهي سال "هڪ وار جي ساعت" مثل آهن. هي سڀ باغ باغيچا، جي اَسانجي اکين ۾ ٿا اچن لنڪي سچ پچ نه، ڪا هستي نٿي ڪانهي. اِها حقيقت ۾ "حرفت هوشيار جي" آهي.

سڪندر ليکي سال لنگهي ويا،
ساعت هئي هڪ وار جي
نظر نه آيا باغ باغيچا،
حرفت هئي هوشيار جي

ڪائنات جي ذري ذري ۾ حق جو حسن آهي. چمن ۾ سندس چاند آهي ۽ ڪک پن ۾ سندس سونهن. "هر صورت ۾ يار سمايو." ڪٿي وزير آهي، ڪٿي اَمير، ڪٿي دربان آهي، ڪٿي فقير.

اِنسان جو اولو ڪري، سؤ رنگ ڪريئن سنسار ۾
شاه ڪي هيء ڳالهڙي، واه واه! جا سچل وٽ.

ڪڏهن منصور ٿيو آهي، ڪڏهن شمس تبريز، ڪڏهن دارا، ڪڏهن سڪندر، ڪڏهن يوسف، ڪڏهن زليخا، ڪڏهن اياز، ڪڏهن محمود. ڪٿي زردار جاما ۽ زر اسباب ٿو پهري، ڪٿي ليڙون ٿو لوڙي.

صورت الهيءَ ڪير سڃاڻي، هيءَ! هيءَ! سڀ حيراني.

سچل حقيقي مستيءَ کي "ميءَ" ٿو سڏي ۽ مرشد ڪامل کي "ڪلال". جن کي الهيءَ ميءَ جي طلب آهي، انهن کي ڪلال يا ساقي پاڻيهي جام پيئڻ جي دعوت ٿو ڏئي.

ميءَ ڪون، پيچ ميءَ کي، ٿا ڪَڍني ڪوٽ ڪَلال

الهيءَ سَري جا پياڪ، پنهنجا سر، هڪ سُرڪيءَ تي صدقو ڪيو ڇڏين.

مٿا ميخاني تي مستن، ڳڻيءَ جي رت ويڍايا هٿا.

منصور وانگر سچل الهيءَ خمارخاني جو مست هو. حلاج به الهيءَ محويت جي حالت ۾ سوريءَ تي چڙهيو هو. ظاهر ۾ "اناالحق" سندس زبان مان ٿي اڪتو، پر حقيقت ۾، حق (ايشور) پاڻ ٿي منصور جي روپ ۾ "اناالحق" پئي چيو.

حق "اناالحق" ٿي چيو، پر مڇجهي ناحق منصور هو.

سچل کي ڳھوٽي ارمان آهي ته "ڇا مدجھان ھِت ڇا ٿي آيس." ھوُ ٿي سلاميءَ مان آئڍي ھِت سلاميءَ ٿي آيو آهي - ھُتي سندس شاهي شان ھو، ٿو ھتي ٻَــاڻ سان سوڙن جو سامان ڪٺي آيو آهي.

أنھ ڳھو أرمان، ڇا مدجھان ھِت ڇا ٿي آيس،
ڇاڪرٺيس ته ڇاڻان ڇاڪان، صھيح ھيس سلطان،
أصلوُن ساڻ وٺي ھت آيس، سوُڙن جو سامان.

صوفين جو سخن آهي ته "حق ٻــا ايھور لڪل خزانو ھو. خواهش ٿيس تــہ ٻاڻ ظاهر ڪريان. ھـــيءَ ڪائنات سندس حسن جو ظھور ۽ أپڻ آهي. ھو ٻنھنجي جــلال ۽ جمال جو مشاهدو ٻاڻ ٿي ٻيو ماڻي."

سچل ڳھو خيال ھيٺن ٿو ظاهر ڪري:

حسن انھنجو ٿو اچي طرحون طرح ڏيکار ۾
ھڪ ھٿين آئين وري ڪٿهن شوق ڪون ٻہ شمار ۾

مطلب ته سچل منصور وانگر "انالحق" ۽ ٻايزيد ٻسطامي وانگر "صبحاني ما اعظم شاني" (ساراہ جڳائي مونکي، ڪيڏو نه اعليٰ آهي شان منھنجو) جا نعرا ٿو ھڻي ۽ اسانکي ٻنھنجي حقيقي عظمت ۽ شوڪت جي ياد ٿو ڏياري.

# سچل سرمست جون ڪافيون

## ١- شاهه ٽيو سيلاني

شاهه ٽيو سيلاني١ - اڄاڻان ڪيهي٢ ڳالهه ڪون

١- ٿي گدا ڪري گدائي٣، شرف٤ چڙهي سلطاني.

٢- صورت انهيءَ ڪير سڃاڻي،
هيءَ! هيءَ! سڀ حيراني.

٣- ظاهر پنهنجي ذات ڪيائين،
جوڙ٥ ڪري جسماني.

٤- پول نه پئي ڪنهن اوهين پلجو،
ڪين آئو انساني.

٥- آهو اندر آهو ٻاهر، ڪير ٿيندو قرباني.

٦- "سچوءَ" سِرّ٦ سِرّي٧ ڪري چاڻين،
جانِ جُثو٨ سڀ جاني.

---

١. سير ڪندڙ ٢. ڪهڙي ٣. فقيري ٤. شان ٥. بناوت، ناهه ٦. ڳجهه، راز ٧. ڳجهو، ڳوڙهو ٨. جسم.

## ٢- پاڻ تہ آهيان پاڪ

پاڻَ تہ آهيان پاڪُ،
پر ڪي ڏينهن هِت گذاريان ٿو.

١- ساڳيو ٿي سو راڃهوُ آهيان، ظاهرَ ليکي چاڪ١.

٢- آهيان آءٌ معشوق ٻِڙَنِ، موٽي ٿيس مشتاق٢.

٣- آهيان آءٌ خوشحال هميشه،
هن غَمزي٣ ڪيو غَمناڪ.

٤- ڪاٿَهِين زهر پيالو ظاهر،
ڪاٿَهِين ٿيان ترياق٤.

٥- "سچوُ" آهي وصال سَڀوٽي،
ڪاٿي فَـلَـق فِراق٥.

## ٣- حسن تنهنجو طرحون طرح

حسن تنهنجو ٿو اچي طَرحون طرح ڏيکارَ ۾،
هڪ هُنئين آئين وري
ڪنهن شوق مون ۾ شُمارَ ۾٦.

---

١. چاڪر، نوڪر ٢. عاشق ٣. ناز واري نظر ٤. زهر جو اثر ماريندڙ دوا ٥. وڇوڙي جو عذاب (فلق معنيٰ سوري ۾ آهي) ٦. ڪثرت ۾.

١- ڏوريان آهيءَ دم ڏور ٿيا، واقف ٿيا ويچار ھ
حاصل نه ان جي ٿي پيا، آهن سندي انڪار ھ.

٢- محرم ٿئين مدهن جي وجهڻ،
هن تن سندي طومار٢ ھ
جي ٿو چوان آءٌ شاه ٿيان،
گم ٿيءَ ٻڪاٻڪ٣ يار ھ.

٣- رک هوش نا مدهوش ٿين، غمزون آئي گفتار ھ
ساري ٻوٽي سڌ نا صحيح،
جي رخ رکين رفتار ھ.

٤- ٻوءِ نا ٻچج هيءَ ڳالهڙي، اول اچج اعتبار ھ
قائل هئين ڪر ڳالهجي، صورت سهي سنسار ھ.

٥- ڪر گوش٤ اون د رگوش،
جي ديدان٥ رکين ديدار ھ
آهي "سچوءَ" ٿي نام هي، ناهي ٻيو اِزوار ھ.

---

١. راز جو ڄاڻو ٢. دفتر (دل جو) ٣. ٻڪولي
٤. ڪن ٥. اکيون.

## ٤- ڪير هنڙس ڪير ٿي آيس

ڪير هنڙس ڪير ٿي آيس، هيءَ ارالي الامر،
ڪيئن ٿسائم پاڻکي، ليڪري درد جي هن دامَ ۾۱.

۱- ڪونڪو جاڻي اهو، جيڪو ٻيو هِن جامَ ۾،
آهي عجائب هي وڏو، ٻيو خاص ڏاڍو عامَ ۾.

۲- جي اَلف۲ ڪوُن آيا هَليي، لائق نه ٻيا سي لامَ۳ ۾
”لا“ ڪوُن لنگهي آيا هَليي،
مَستيءَ سندي مقامَ ۾.

۳- اَصل ڪوُن عارف اهو آندو جڏهن اَنجامَ ۾
ظاهر ظهور ون ٿيو نڌهن، ڇا ڪفر ڇا اِسلامَ ۾.

٤- ٻيو وٺي پرهيزو ٻيو، زاهد٤ خصالت٥ خامَ٦ ۾،
عشق ”اناالحق“ چيو، مَنصور مارڻو مامَ٧ ۾.

۵- جن عشق آرائيو۸ ڏانو، سي مرد پيا ماتام ۾،
هونداسي هڏهين ڪينڪڙي، عاشق اهي آرامَ ۾.

٦- ڏڙ سر جدا ڻن آئيا، جي عشق جي اِحرامَ۹ ۾،
طالب ٿيا ڪرار ڪوُن، سوريءَ سندي سرانجامَ ۾.

۷- هنڙس آئون جو آئس هاڻ، کهڙي طرح ڪمامَ۱۰ ۾،
اي سَلاميءَ مون اٿي، ”سچوُ“ آيو نه سَلامَ ۾.

---

۱. ڄار ۾ ۲. الله، ايشور ۳. ”لا“ يعني نفي يا اِنڪار
٤. شريعت يا ڌرم جو پابند ۵. رسمن، وصفن ٦. اڻپورو
۷. ڳجهارت ۸. مچ ۹. پاڪ داڻري ۱۰. ٺٺي بازيءَ (دنيا
جي مونجهاري ۾.)

## (٥) محبوب ڳولي ڏس مَن ۾

محبوب ڳولي ڏس مَن ۾،
معشوق ڳولي ڏس مَن ۾.

١- واه ڪاريگر! ساز بڻايو،[١]
ڪُنْ فيڪُونَ جي ڪُن ۾.

٢- اي غافل بازار گهمين ٿو، گل ڦل باغ بدن ۾.

٣- چوڌاري چوڌاري سير ڪرين ٿو،
اُڀريو چانڊ[٢] چمن ۾.

٤- "سچل" سائين صحيح ڪري ڄاڻ،
يار گڏيو ڪکـ ڀان ۾.

## (٦) ڪيڙو مست پرين

ڪيڙو مست پرين جي ڪنهن لاءِ مولڪي
وسريو روزو، لاهي ياد نماز مولڪي.

١- ايڪٽين لنب حرام، آهي وٽ روز أزل[٣]،
سُولو سوز سچو جو آهي ساز مولڪي.

---

١. "ڪُن ۾ اُنهن ٿي پيو" (ڏٺيءَ رڳو "ٿي" چيو ۽ ساري ڪائنات وجود ۾ آئي) ٢. چانڊوڪي ٣. روز ازل کان.

٢- شوق شراب پيئان، تنهن وقت واليان ڏيئهان
ڪولهي وري قاضي مُلان جو ڪو احاظ موڪي.

٣- واڳي واس ڪهائي١، "هوُ هو٢" جي پاوان
وري اچي "هوُ هوُ" پوان ڏاهن آواز موڪو.

۴- "سچل" مقصد سارو، آهي تو وُت ني اَلـلّه
ڏس وري ناز پههجي جو ڪو راز موڪي.

## (٧) پير مُغان جي آستان

دل چون سان جي چمين، پير مغان٣ جي آستان
محبت سچي محبوب جي،
ناڪا وجي اون پاس تان.

١- ڪي ڏينهن مون منتار ليءِ،
ورد و وظائف۴ ني پڙهيا
جڏهن عشق آواليا ڏلبا،
ٿيون خود خدا جوُن خواستان٥
٢- جڏهن شوق مون شامل ٿيو،
ٻيو خيال خاطر مون ويو،

١. واس سان چوائي ٢. صوفي "الله هوُ" جو ذڪر ڪندا آهن ٣. مرشد ڪامل (شاه هنکي ڪلال ٿو سڏي) روحاني شراب پياريندڙ ۴. دعائون ۽ شرعي فرض ٥. خواهشون.

هڪ واسطو انهنجو رهيو،
وسري رهيوَن پيون واسطان١.

٣- راهون سڀئي گمراه ٿيون،
جي مون ڏٺيون اون ڳالهڙي
ڪر گذر پٽي گوڙ ڪون،
اُلٽي راه رَبَ جي راستان٢.

٤- رنگ روح کي جيڪو لڳو،
دنيا ۽ عقبيٰ٣ تو ڀڳو
غمزي انهين گم ڪُل ڪيو،
وه واه! پيا وسواس ٿان.

٥- عشق جي تڙي جيڏيون! ٿاهي تماميّت٤ اَدا!
چاهتون٥ چوائي ٿو گهڻو،
هي درد مولکي داستان.

٦- "سچو" سدا سڪ ۾ رهين،
مٽان نون جهلين وَنڊيون اَکيون،
هُت درد وارن جي ٿيان، پاڻهي ڪون ٿا پاس٦ ٿان.

---

١. لاڳاپا ٢. سڀئي ٣. بي دنيا ٤. پڄاڻي ٥. چاه وچان
٦. خاطرداري.

# (٨) عشق لڳيءَ تا ڪر آمين

عشق لڳيءَ تا ڪر آمين، نا مذهب ڪفر نا مذهب دين

١- سؤن جون سٽون ڪهڙيون پڙهين آءُ،
وره ۾ پئندي٢ والضّالين٣.

٢- ديدَ٤ نسي کي ديدَ آڙين،
ليڪن لئه پيدائي اڀين٥.

٣- جلوه عشق جو عرش ڪُرسيءَ تي،
سر زمين چا زير زمين.

٤- دل سان ذرو درد ڦيرائيم،
ڪَشف٦ قُبور٧ ڪرامت ڪين.

٥- شبهاشڪ سپئي لاڻا آتم،
پاڪ سچاڪ ساڪ پڪين.

٦- طالب کي الوين٨ گهُڻو تا،
اڪي امدا٩ تي آڪين١٠.

٧- هادي ١١ عبدالحق "سچوءَ" کي،
اوڙون١٢ هيءَ تا ڪئي الڪين١٣.

---

١. آمين چؤ ٢. وره ۾ عشق جي پچا ۾ پچار اٿا ڪريو
٣. اي غافلو! اي ڀراهو! ٤. اکيون ٥. الذا ٦. غيب جاڻڻ
٧. دفن ٿيل شين ۾ وڙڻ جو علم ٨. رنگارنگي مشاهدا
٩. خواهش ١٠ اختياري ١١. مرشد ١٢. اوڙ ۾ اصل ڪان
١٣. ارشاد ڪيا.

## ٩- جڏهن دل تي آهي جوش

جڏهن دل تي آهي جوش،
سدا دل سرُون سان سَتري ١.

١- آءٌ ٿا گهوري اُن تئُون،
جڏهن ٿي جوش خُروش ٢.

٢- ڳالهه ۽ ڳوڙهاڻ٣ جهڙيي، خلق آڇئون خاموش.

٣- سالڪ سُک ۽ سَورهان، گواندر٤ نه ڪن گوش٥.

٤- اٿو اهيئي عشق جا، اول وڃائڻ هوش.

٥- خلق الانسان علي صورته٦،
هي ٿه بادشاهي پوش٧.

٦- ”سچوُ“ سوريءَ سي وڃن،
جي مَيءِ٨ ۾ آهيا مدهوش٩.

---

١. سرهي، خوش ٢. عشق جو جوش ۽ جنون ٣. سلاڻ
٤. غم ٥. ڪن ٦. خلقيائين انسان کي پنهنجي صورت
مٿي ٧. سلطاني لباس ٨. شراب ٩. مخمور، خمارل.

# ١٠- ائين لکيو هُون

ائين لکيوا هون ائين لکيو هون،
پنهنجو ڀاڳ کي ائين لکيو هون.

١- وِرد وَظائف٢ ڪيئم مُراقبا٣،
ڀَرو٤ ڀرڻ جو ڪونه پيو هون.

٢- پَڙهيم نمازان رَکيم روزا،
ذرو نه حاصل ڪونه ٿيو هون.

٣- سوين ڪَلام جاري٥ هون پڙهيا،
اَٿر ڪَلامَن ڪونه ڪيو هون.

٤- اَڪل جاتم پوءِ سڃاتم،
آهي نوري٦ ڪونه پيو هون.

٥- "سچوُ" سارو سِرُّ حَقاني٧،
ڪيئن چوان آهي ڪير ٿيو هون.

---

١. ڏٺو، ٻوڙيو ٢. عادتون ۽ دنيا جي فرض ٣. مُون پ منهن وجهي ڌيان ۾ وهڻ کي مراقبو چئبو آهي ٤. ڀتو، سماءُ ٥. سالڪ ٦. نوڪان سواءِ ٧. حقيقي يا رباني راز.

## ١١- عشق جو حجاب

هِڪو ڏوهه پيو ثواب، آڏي عشق جو حِجابُ١.

١- وِڃائيندي وَره ٿيا، اڳيان ويو رَبابَ.

٢- پڙهن وَسي پاڻ ۾، ڪڏي ڏس ڪِتابُ.

٣- واديءَ٢ ۾ وحدت٣ جي، آهي ڪوڙ حِسابُ.

٤- جيئڻ آهي جڳ ۾، ٻيا عشق عَذابُ.

٥- مِهَندان٥ محبوبن جي، لون ڪُسي ٿي ڪَبابُ.

٦- محبت جي ميدان ۾، جهَل طُرالاءِ تابُ.

٧- سَهائي سِڪائن کي، ٿو نيزا٦ نيڻهن نوابُ٧.

٨- "سچو" سِڪائن جو، ٿو ڪولي ليڻهن نِقابُ٨.

## ١٢- رڳوئي راحت

آڻي الهيءَ ۾ عالم، نه تَصديعِ٩ نه راحتَ.

١- اڪو هيءُ اڪو هو، اڪا صِفت١٠ نه صَنعتَ١١.

٢- اڪو ذڪر اڪو فڪر، نڪو ڪَشف ڪَرامَتَ.

---

١. پردو ٢. ماڙيءَ ٣. حق جي هيڪڙائي ٤. اڳيان
٥. اي طري وارا سهاڻي! (جنهنکي متي لي طرو پيل هجي)
٦. پالا ٧. عشق بادشاه ٨. پردو، حجاب ٩. جفا، رانج
١٠. گڻ، خاصيت ١١. فن، هنر.

٣- اڪو غم اڪو دم، اڪو درد ۽ محنت١.
٤- نڪو ڏسڻ اڪو پسڻ، اڪو عيش ۽ عشرت.
٥- اڪو جِيُ اڪو روح، اڪا جان جمعيت٢.
٦- اڪو سک اڪو ڏک، اڪو هوش ۽ حسرت٣.
٧- ۽ عبرت ۽ غيرت، آهي حيراني حيرت.
٨- "سچوءَ" سچ آهي ۽ ڪچُ آهي رڳو راحت.

## ١٣- سپرينءَ ڏانهن سنيهو

سائي اون يار منهنجي کي، اهي٤ پهچاءِ سنيهو هي

١- ۽ قيد الماءِ جي قسمس،
وِڌي دوري٦ او ڪون٧ مولکي،
پارج اون واعدا پالهجا، ڪيا هُيَءِ يار جاني جي،

٢- ڪتابن ۾ وڌم منهن ئي،
۽ ائي خورسندگي٨ حاصل،
لڳي دل اوچتي آوسان، وِساري اوءِ بي لي ئي٩.

٣- مونکي اوڻان فِراقي١٠ ڪيو،
اِها فرياد ڪنهنکي ڏيان،
هوُ جي ڳالهيون ڪيُءِ سالوَل!
"سچوءَ" کي ياد آهن سي.

---

١. رنج، ڪشالو ٢. قرار، آرام ٣. غم، ارمان، الم
٤. ليٽي ٥. پاڻيءَ جو قيد يعني الله ۾ ٦. جدائي ٧. اوکان
٨. خوشي ٩. الف بي جا اکر ١٠. فراق ۾ زوال.

## (۱۴) طلسم افلاطوني

طلسم افلاطون٢ ٻڌائي، ڏسي سا سينگار جي.

١- سڪندر ليکي سال لنگهي ويا،
ساعت هئي هڪ وار جي.

٢- نظر نه آيا باغ باغيچا، جرئت هئي هوشيار جي.

٣- ڪانيءَ اک جي ڪؤن٣ تيو پاهر،
سُڌ پيس سنسار جي.

٤- چوري پاتشاه آئي ڪئي، ٻولي ٻڌائي ٻڪار جي.

٥- وري وارئون جاءِ آهيءَ ڪؤن، خبر پيس اسرار جي.

٦- اصل اهوئي هن جهان جو، ڳالهه آئو اعتبار جي.

٧- دنيا هڪڙم آهي "سچو" ڙي،
بازي بازيگار٤ جي.

---

١. جادو (هن دنيا جو طلسم) ٢. ئي الف اِشور، جنهن کي صوفي شاعرن جادوگر سڏيو آهي ٣. اک جي ڪانيءَ ڪان ٤. بازيگر، جادوگر.

## (١٥) حق "اناالحق" چيو

حق١ "اناالحق" ٿي چيو،
ٻيو مذهب نظر منصور٢ هو.
مذهب شرع٣ شرڪت٤ ڇڏڻ،
مذهب معرفت٥ منظور٦ هو.

١- وس نه هو حلاج٧ جو، ڪوڙي محبتي مخمور٨ هو.
سر نه جي سوريءَ ڏائين،
قرب ۾ ڪو قصور هو٩.

٢- هوءَ حيرت١٠ ۾ هئي، تنهن دائمي دستور هو،
پر مٿي سوريءَ ٽنگڻ١١،
تنهن ذوق مون ۾ ضرور هو.

---

١. ايهو ٢. ڏسڻ ۾، ظاهري طرح ٣. مذهب ٤. ڪفر شرڪ ٥. روحاني منزل ٦. قبول پيل ٧. منصور حلاج ٨. مدهوش ٩. جي سوريءَ تي سر نه ڏني ها ته ڄاڻبو ته سندس محبت ۾ ڪا گهٽتائي هئي ١٠. خدائي مستيءَ ١١. سر سوريءَ تي ڏيڻ.

٣- عاشقن جي فوج ۾، انهن مست جو مذڪور١ هو،
مشرق ۽ مغرب٢ تنهين جو، مرليو مشهور هو.

٤- عام کي آرمان انهن جو، حُر٣ کي ته حضور هو،
حال ۾٤ حلاج هيءَ! هيءَ! موج ۾ مسرور٥ هو.

٥- سِرّ ۾٦ توحيد٧ جي،
ڪٿين سال٨ مُلهه مستور٩ هو.
پوءِ "سچو" ڪنهن ليکهن نيو،
انهن ڇهڙيءَ ڇڪچور١٠ هو.

## (١٦) وادي وحدت جي

موج مستيءَ ۾ چڙهي، واديءَ وحدت جي١١ منجهان
ڪيو پسارو١٢ پيل پاٽيءَ، جوش مان هر جاءِ جاءِ

١- هن لهر لي جي اڙهيا، انڪي پيو سارو سماءُ،
جي سڪر١٣ جي سير لي ويا،
تن چيو آءٌ خود خدا.

---

١. ذڪر ٢. اوڀر ۽ اولهه ٣. سچو عاشق ٤. الاهي مستي، محويت ۾ ٥. خوش ٦. راز ٧. وحدت، هيڪڙائي ٨. سورهو ٩. وڙهيل، لڪل ١٠. محو، فدا ١١. هيڪڙائيءَ جي ماڙي ١٢. لطارو، پکيڙ ١٣. مستي، خمار.

٢- هاءِ! هيءَ! حلاج جان، ڪيئي لعل هن لُڙ ۾ لُڙهيا،
آرِ هنِ۱ آيا آهي، جي گهوٽ هنِ گهيڙي گهڙيا.

٣- ڪي ٽُٻي ڏنائي ڏسو، پاتال منجهه پيهي ويا،
ڪيڪي عاشق آهي، ٻهڳڻ٢ وري پاهر پيا.

٤- غرق ٿيا غازي٣ آئي،
ڪَن عام ٻيلا "هاءِ! هاءِ!"
آءٌ اُڙهي آيس آئي، جالي رليِ لاهي رڳا٤.

٥- ڏَلق٥ ڪي درياءَ ۾، اُڇلن بهادر اي ابا،
صاف ٿي اِڪريا٦ "سچؤ"،
سي صاف سالڪ جي هيا.

## (١٧) سر ڏئين تون سر ڏئين

سِر ڏئين تون سِر ڏِئين،
جي عشق ۾ تو سر ڏِئين،
ٿين وڏا طالع٧ تو ٿيي جا،
جانِ جسم ڪوُن جي ڏِئين.

١- تو عُمر لاحق وڃائين، غَير جي خيالات ۾،
مُحب اُيي تو کي مجين، جي ليدهن جي بازيِ اِئين.

---

١. هن ليز وهڪري ۾ ٢. شرابه‍ت ٣. سچا سوره يا عاشق ٤. دولاب، دغا، ٥. فقيرائو جبو ٦. نڪتا ٧. بخت، ڀاڳ١.

٢- مٿو ڪرائي ڳالهه ڪُلڙي، مُڙم چُڙهه ميدان تي،
جيئن چوان ٿو سا مڃ،
هي عشق ٻُڌ آهي اٿين.

٣- ڳالهه ڪرڻ ۽ ٿيڻ ۾، آهي تفاوت تا وڏو،
حال سان هميشگيءَ جي٢،
ٻُـــو اهـــو پيالو پِئين.

٤- مَوت موٽي نا ٻچي،
لڌهڻجي اها گهر جي ڳلي٣،
قتل مُوا٤ ڪون ٻُڌاٿون،
لڳي وري جاءِ جِئين.

٥- ٻيو مُتَبدل ڪَره سيونڌي،
خيال ٻؤ تَوحيد٦ جي.
جيئن ڪيو منصور شاه٧،
تا آخرين تون ڪَرِ لئين.

١. تاپُود ڪر ٢. هميشه واري روحاني مستيءَ ۾
٣. گهٽي ٤. مرڻ کان اڳي مرڻ ٥. ڦيرائي يا مٽائي ڇڏ
٦. وحدت ٧. شاه منصور.

## (١٨) ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي

ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي،
آءٌ جوڻي آهيان سوڻي آهيان.

١- ڪو مومن چوي ڪو ڪافر چوي،
ڪو جاهل االو ظاهر چوي،
ڪو ساحر[1] چوي ڪو شاعر چوي،
آءٌ جوڻي آهيان سوڻي آهيان.

٢- ڪو پنڊت[2] چوي ڪو سنت چوي،
ڪو باغ بهار بسنت چوي،
ڪو ميراثي[3] ڪلاوَنت[4] چوي،
آءٌ جوڻي آهيان سوڻي آهيان.

٣- ڪو مُلان چوي ڪو قاضي چوي،
ڪو مُفتي[5] چوي ڪو غازي[6] چوي،
ڪو روزه دار[7] نمازي چوي،
آءٌ جوڻي آهيان سوڻي آهيان.

---

١. جادوگر ٢. پنڊت ٣. گويو ٤. ڪلاڪار ٥. فتوي ڏيندڙ، مصنف ٦. سچو سورهيه ٧. روزا رکندڙ.

٤- ڪو رَد١ چوي ڪو بَد چوي
ڪو بيديني٢ بيحد چوي،
ڪو مُشرِڪ٣ ٻي مُلحد٤ چوي،
آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

٥- ڪو صورت ۾ انسان چوي،
ڪو شَرّ ڀريو٥ شيطان چوي،
ڪو بزرگ ڪو مَستان چوي،
آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

٦- ڪو سُست چوي ڪو مست چوي،
ڪو راهه لي دين دُرست٦ چوي،
ڪو عاشق روز اَلَست٧ چوي،
آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

٧- ڪو زير زبر٨ زِنديق٩ چوي،
ڪو راهه نَما١٠ رَفيق١١ چوي،
ڪو غَرقيءَ١٢ منجهه غَريق١٣ چوي،
آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

---

١. خارج، بيڪار ٢. دين يا مذهب کان سواءِ ٣. شرڪ ڪندڙ يا ڪفر چوندڙ ٤. ڪافر، منڪر ٥. شرارت سان ڀريل ٦. دين يا مذهب لي صحيح يا پورو ٧. الست کان عاشق ٨. الٽ پلٽ ٩. ناستڪ، دهري ١٠. راهه ڏيکاريندڙ ١١. ساٿي، دوست ١٢. غرق ٿيڻ واري حالت، ٻُڏ ١٣. ٻُڏل

٨- ڪو رنگ ڪوني بيرنگ چوي،
ڪو مست و مست ملنگ چوي،
ڪو ننگي١ ڪو بي ننگ٢ چوي،
آءٌ جوڻي آهيان سوڻي آهيان.

٩- ڪو حالي٣ چوي ڪو قالي٤ چوي،
ڪو خاص الخاص خيالي٥ چوي،
ڪو اَزلي مست٦ موالي چوي،
آءٌ جوڻي آهيان سوڻي آهيان.

١٠- ڪو شڪ چوي ناحق چوي،
ڪو پاڻ اِها بِرحق٧ چوي،
مونکي مرشد عبدالحق چوي،
آءٌ جوڻي آهيان سوڻي آهيان.

١١- ڪو خاص چوي ڪو عام چوي،
ڪو پُختو چوي ڪو خام چوي،
ڪو ”سچوُ“ سچو نام چوي،
آءٌ جوڻي آهيان سوڻي آهيان.

---

١. ننگ وارو ٢. بي حجابو، ننگ ناموس کان سواءِ ٣. اِلاهي مستيءَ ۾ غرق ٤. گفتگو يا بحث ڪندڙ ٥. سچي خيال وارو ٦. ازل کان عشق جي شراب جو مست ٧. سچي، درست.

## ١٩- هو اَسان وٽ يار ڏُون

هوا اَسان وٽ يار ڏون،
آهي هِت اَساڄو حال هي.

١- اَياڻڪو آهيان گهڻو، ڏوريءَ٢ ٻڌان ٻرڏيس ۾
آهه مِڙني معلوم ڪر، عاشق سندو اَحوال هي.

٢- آهي اوسيڙو ڏاڍو، شَب روز اَکڙين ۾ ميان
جاني سنڌ مون جاڳندي،
آهي خواب ۾ بہ خيال هي.

٣- دوست ڏنهنجي دَرَ آئي،
ڏُکِيين وجهي ويهي رهان
منهن ڏيکارج مهب موٽي،
ڏ ڏ مَتّون٣ آهي وبال٤ هي.

٤- دردمند جي دَر ٻيٺي آهه،
دوست دل خوشحال ڪَر
صدقي ڪريان سر ساهُ ڏان،
چا مِلڪ ۽ ٻيو مال هي.

---

١. هُج ٢. اوکان سواءِ ٣. مصيبت، عذاب ٤. مال، ملڪيت.

٥- وڃڻي ٿياريان وانڍڙي،
ٿڌڙي اُڃڻ جي لڳي مياڻ،
ٿُهُ سُڌ سَڏيَم ساڃن! اُچي
ٿر ٿر آهي جيڻُ جنجال هڻي.

٦- پاڻُون ا پڙي ٿہ موٽکي ڪڍو،
ڪي دوست دلداريون ڏيو
هو لون سڏائين ساڻ مون،
آهي "سچوءَ" جو سوال هڻي.

## * ٢٠- ڪڏهن ڪير ڪڏهن ڪير

ڪڏهن عيسيٰ ڪڏهن موسيٰ،
فرعون٢ ٿڃي حڪم هلايم ٿي،

---

١. پاڪاڻ ٢. مصر جو ظالم بادشاهه، جنهن موسيٰ سڌس ماڻهن ٿي ستم ڪيا.

* هن ڪافيءَ ۾ پيغمبرن، درويشن، بادشاهن، اولياءَ ۽ عاشقن جا نالا آيل آهن.

١- ڪڏهن منصور ڪڏهن شمس الحق،
اهي سر ٿي سور سهام ٿي.
ڪڏهن دارا ڪڏهن سڪندر،
ڪڏهن ديش ڏيام ٿي.

٢- ڪڏهن اياز ا ڪڏهن هئس محمود
ڪڏهن لوڪو لالو ڏرام ٿي
ڪڏهن ليلي هئس مجنون،
ڪڏهن وانئين٢ وره ڪسايم ٿي.

* ٣- ڪڏهن نام شيداد جو مون ٿي،
وري اوا بهشت بنايم ٿي
ڪڏهن وامق عذرا ڪڏهن،
شيرين فرهاد ڪوٺايم ٿي.

٤- ڪڏهن هئس زليخا ڪڏهن يوسف،
ڪڏهن عزيز٣ مصر سڏايم ٿي
ڪڏهن رام سيتا ڪڏهن لڇمڻ،
ڪڏهن ڏهيسر٤ بنايم ٿي.

---

١. پاڻهو، جنهن اي سلطان محمد فدا هو ٢.
٣. مصر جو شاهه ٤. راوڻ.
* شيداد هڪ بهشت جهڙو باغ ”باغ اِ

٥- ڪڏهن نمرود[1] هوس ڪڏهن ابراهيم،
وچ آتش پاڻ وجهايم ٿي
ڪڏهن دائود هوس سليمان ڪڏهن،
تخت هواءِ اڏايم ٿي.

٦- ڪڏهن جام پيهون ڪڏهن سستي،
ڏولڪر ٿُس ڀڄايم ٿي
ڪڏهن ڳيهڙ ڳيهڙ وڄن گهنگهرو،
ڪڏهن ڇير پيران ڇمڪايم ٿي.

٧- ڪڏهن آيت مُصحف[2] ياد ڪيم،
ڪڏهن ناچوُ ناچ نچايم ٿي
ڪڏهن ٿَيا ٿَيا ۽ ڪڏهن ٿِيا ٿِيا،
ڪڏهن ڦيري ڏيئي ڦٽڪايم ٿي.

٨- ڪڏهن ذردا جاما زر بفتي[3]،
ڪڏهن دلق[4] ۽ ليڙ[5] لڙڪايم ٿي
ڪڏهن عاشق ڪڏهن معشوق،
ڪڏهن چمما ٻي اَنڪايم ٿي.

---

١. نمرود بادشاھ جنهن حضرت ابراهيم کي آتش ۾ وجهايو- اها آتش گلزار ٿي پيئي ٢. قرآن شريف جون آيتون ٣. ڪيمخاب جا سونهري ڪپڙا ٤. فقيراڻو چتين مان ٺهيل هو ٥. ليڙون.

٩- ڪڏهن اَنڪ وَڏا ٿي وِس ڪيم،
ڪڏهن سُڃُ سارو سمجھايم ٿي
ڪڏهن الو " سچؤ " ٿي هيٺ آيس،
ڪڏهن روح ۾ راڳ١ وَسايم ٿي.

## ٢١- جي هُئين عاشق

جي هُئين١ عاشق ته او ٽو مِٺهن محبت جو وَساه
ساه جو سانگو ڪرين، ته پير هن اڳڙ ۾ نه پاه.

١- پاڻ ڪُل قربان ڪر، هي دَمُ هٺڙ جي انهي جاءِ
آهِ اُدا اعتبار ڪر،
آهي هوش ليڊڙ٢ هيءَ هواءِ٣.

٢- رس روئڻ رالوڏيهان، آهي لُڇڻ محبوب لاءِ
هي ملڻ جي سوڌو سهانگو،
ڪيڏڪي سِر ڪوُن سواءِ.

٣- ڪيڏڪي مؤلڪوُن٤ ٿيو، هي عمر ۾ وِيئي اُجاءِ٥
هَيءَ! وساري لئي وهڻ،
جاڳي! نه هيئن لوڪي جڳاءِ.

---

١. هجين، آهين ٢. عقل کسيندڙ ٣. محبت ٤. مولڪان
٥. اُجائي.

٤- هي مهل مو چاري آئيشي،
پوءِ ڪريندين ”هاءِ! هاءِ!“
”هاءِ، هيءَ“ مون همت نہ ايندءِ،
وڃان گذري ءِ واءِ! واءِ!١

٥- هيءَ حقيقت حال جي
ساري وچي سانئين ءِ سُڻاءِ
سو سچو مرشد ”سچوءَ“ جو، پير عبدالحق آءِ.

## ٢٢- آهي مڙيوئي يار

عاشق اکيون اهڙي٢ ڏسين،
آهي مڙئي يار ميان
ظاهر زباني تو ڪريان،
عجب جيهو٣ اسرار ميان.

١- اعتقاد فردا٤ جو نہ رک،
اڄ دوست تي اظهار ميان
جنکي پسڻ همت اوهان جو،
هُت پئي لهين ديدار ميان.

---

١. افسوس! افسوس! ٢. پٽي، کولي ٣. جهڙو ٤. سڀان.

٢- سالڪ! سڀئي ڪئي نا ڪرين،
صورت سندو گُلزار ميان
پاڻهون پڌرين جو پين ڪي،
آهين اون سِڄه سالار ميان.

٣- بلبل اَوَل ڪر پاڙکي،
گهَمت گهمت سارو گلزار ميان
جي تون زليخا جان١ ٿئين،
ساجن سڀو سنسار٢ ميان.

٤- اون نا سچي هِن ڳالهه کوُن،
عاشق! نه ڪر انڪار ميان
جيڪي چيو مرشد توکي،
آڻج اُني اِعتبار ميان.

٥- سَراپا٣ ساجن وَسي، تي٤ پاڻکوُن بيزار ميان
آهي وِس "سچوُ" سڀ يار جي،
ناه ڪو اِختيار ميان.

---

١. زليخا وانگر (زليخا يوسف تي فدا ٿي هئي)
٢. سارو جهان ٣. مٿي کان پيرن تائين.

## ٢٣- ڪِم نہ سو عاشق ڪرين

ڪم نہ عاشق سو ڪرين،
جنهنجي تعريف اٿئي
ڪُڙا مَلامت ڪا مٿي، مُڙا ذرو او اعتنا نٿئي.

١- پره ۾ بدنام ٿئي، پوءِ ڪين ٿئي ڪَسبن٢ ڪٿي
عشق جي درياهہ جي،
ڇولي ڇڪي مُڙ او نٿي.

٢- پوءِ خبر ساري جو پوندي،
دوست جي هِن پند اٿئي
واه گُم ڪر پاڻهنجي،
ڳلو٣ وِٽ نہ ڪنهن پَهچُڳا اِٿي.

٣- پَنُج جيابان٤ پَڌر پئو،
لؤ نيره لوڪي کهڙي لِٿي٦
چا ٿيندو پوءِ تا ”سچڙ“
هيءَ! هيءَ! الهيءَ وِره وٺي٧.

---

١. پل ٢. ڪمال، مھارت ٣. وچ ٤. پردا ٥. اوسائيو
٦. نظر، چِتا يا فڪر ٧. الهيءَ عشق جي وچ ڪان پوءِ.

## ٢٤- اڄ جو جوڳي آيو

اَڄ جو جوڳي آيو، تانءِ تنهنجو اٿي ڄاڻان

١- سِرُ جَٽائون جوڳين وارئون،
لِڱن ٿين ڀسمون١ لائون.

٢- ڪنڌن ۾ ڏِمر ڏيه انهيءَ ۾،
مورلي سو آڻ مِلايو.

٣- ڏِٺ ساٿ انهيءَ جوڳيءَ جي،
ڏاڍو موهن ٻُور٢ پِوايو.

٤- سيرن بازارين ڳهڻ ڳهڻگهرو٣،
ڇم ڇم ٿين ڇمڪايو.

٥- سوني ساڳيو راڳهن ههڙو،
"سهوڻو" سِرُ سُڻايو.

## ٢٥- سمجهه طلسمات کي

آهه اَدا سالڪ سهي ڪر، لون ۾ طِلسمات٤ کي
پيچ دوئي٥ ۾ ڪلَ٦ پوندي،
دُور ڪر ڏر جاهت٧ کي.

---

١. رک، ڀڀوت ٢. خيال، خمار ٣. گهنگهرا ٤. جادو
٥. ٻيائي ٦. ڄاڻ، خبر ٧. فرق، تفاوت.

١- ڪيئن وساري ويٺي رهين،
ڏر هر ٿئي اثبات کي
اثبات کؤن اڳيان١ ٿيکهي،
ڪر تَمُر٢ اون طاعت٣ کي.

٢- ڪيئن وني ويٺي رهين،
هيءَ! هيءَ اون حڪايت٤ کي
ڳالهين مَجهوَن ٿا ڪين ٿيو،
پيچ اوت عزّي لاٿه٥ کي.

٣- غازي!٦ ڏ پانئج غير اون،
هن مَحض مَوجوُدات٧ کي
سوُ گهور ڪَر٨ هن گهور تَي،
ڏي مڻهن ڏ پٽي مَصلحت٩ کي.

٤- سِرُّ سچائيءَ ٻالهئجو، ڏي ڪَن ڏ ڪرامت کي
ذاتيءَ مَجهوَن١٠ ظاهر ٿئين،
اون سمجهه هن صِفات١١ کي.

---

١. اڳتي ٢. ختم ٣. بندگي ٤. ڳالهين ٥. پٽن جا لالا ٦. اي سورها! ٧. ساري ڪائنات ٨. قربان ڪر ٩. ڪاروبار، صلاح مصلحت ١٠. حق يا ايشور جي ذات مان ١١. رنگن ۽ روپن واري رچنا، ڪائنات.

٥- "سهڻل" روئين ڇو ايترو،
بس ڪر هن ارساٽ کي
تصديع اون ڇوٽو ڏنين،
محبوب جي مهلت کي،

## ٣٦- ساروڻي سرُ آهي

ساروڻي سرُ آهي،
ڪاڻي سهڻل ڪاڻي ذات سهڻل ڏي٢

١- موج درياه حُباب٣ ڪَڙا ڪيا،
جاڻج ڪو هڪ ناهي.

٢- آهي اولهون آسوار الاهي،
ڇا مَنجهارَئون ڇاهي٤.

٣- ڀيڻجي پاڻ آسَڪَ جي ڪارَڻ٥،
لاهَ اَکين ڏو ڏاهي.

٤- عاشق عشق معشوق اهوئي،
ڏالـــؤ٦ ڏاپو ڪيو ڏاهي٧.

---

١. جفا، رنج ٢. جي ٣. ڦوڪڻا، جل ٻڙڙا ٤. ڇا منجهان ڇا آهي ٥. لاءِ ٦. ٻداوت ٧. سياڻي (ايهور).

٥- وات اهائي وحدت واري، ڪامل١ ايندا ڪاهي.

٦- اوني آلدو اوني اهو، ڪئين چوان انهن ناهي.

٧- ڳالهه "سچل" جي سالڪ٢ سمجهن،
اوڪي ليکي ايو چاهي.

## ٢٧- تو دوستيءَ جو دم هڻين

تو دوستيءَ جو دم هڻين،
ير ڪين ڪسي قربان ٿئين.
مهندِ٣ منصورن جي اون،
منجهه معرڪي٤ مردان ٿئين.

١- سرّي صحيح الانسان سرّه٥،
تنهن اسم مون انسان ٿئين.
جي تو ٻوي سُد سرّ جي،
حيرت الهيءَ حيران ٿئين.

---

١. ٻون ٻرک ٢. درويش، روحاني مرد ٣. اڳيان
٤. جنگ جي ميدان ۾ ٥. انسان منهنجو ڳجهه ۽ مان انسان جو ڳجهه آهيان (الانسان سري انا سره)

۲- غازي! گدائيءَ جي مَنجهوُن،
صوبا ۱ عجب سلطان ٿئين
اون شاهه، اون شاهي ٿئين،
اون گوءِ۲ اون چوڳان۳ ٿئين.

۳- نعرو اَناالحق جو هڻي، ٿي مرد سَر ميدان ٿئين.
جي دم سڄا ٿين ڀالهڊو،
تون دين اون ايمان ٿئين.

۴- هي ڀنڊ سو ڀوُڙا ٿئي،
جي ليڪن جو لمان ٿئين
”سچوُ“ ٽڪاڻ ٽڪ۴ ٿئين،
اون شمع اون پروان۵ ٿئين.

## ۲۸- اسين آهيون ڇا

اُسين آهيون ڇا اُسين آهيون ڀلي،
نه ٿا ڄاڻون ڇا اُسين آهيون.

۱. حاڪم ۲. ٻال (ڪيمهون) ۳. هاڪيءَ جهڙو لڪڙ (گوءِ ۽ چوگان راند آهي) ۴. هڪ ۵. پروانو.

١_ ذَري ٻارن ! ٻرسائيون لائون،
ذري پرين ٿيون ڪنڌون ڀاهيون.

٢_ ذَري ٻڙهون ٿا اماڙان روزا،
لوچ٢ متي لوُن ذري لاهيوُن.

٣_ ذَري چئون ٿا آهيون اَسين ٿي،
ذري چئون ٿا اَصل ناهيون.

٤_ ذري آرام آهي هن دل کي،
ذري وَهليون٣ ايٽوُن٤ وَهائون.

٥_ ذري چئون ٿا اَسان ٻاجھ سڃاڻو،
ذري چئون ٿا اَسين چاهيون.

٦_ "سَچوُ" اَصل ٿي سوائي آهين،
ناهه هيتي ٻيو ڪيهو ناهيون.

## ٢٩_ عشق گهٽا سي گهوٽ گهايا

محبت عشق هوائي جي،
گهٽا سي گهوٽ گهايا هئا
هزارن ساهه ساوِل اَڳوُن٥،
ڪئين گهوري گهمايا هئا.

---

١. ميڻهن ٢. ڳولا، جستجو ٣. وسڪارا ٤. ايڏن مان
٥. محبوب مٿان.

١- ڪيئن سر ساهه ساجن ليءِ،
مٿي سوريءَ سنهايا هئا
وره جي واٽ لي وڙن،
ڳُلهن ڪئون ڪنڌ ڪپايا هئا.

٢- ليو لن ميٺو مونکي، لکي ڪنهن لاوا لايا هئا
مٿا ميخان لي مستن،
ڏاڻيءَ جي وٽ٢ ڏيارا هئا.

٣- الهيءَ ٻيڙ ۾ ٻهلوان،
جوشئون٣ جيرا جلايا هئا
ڪنيا جي موج مجيب جي،
آهي هُن پار٤ آيا هئا.

٤- ڏسو جي ايڏهن جي لالي،
ڪيئن جا سر ڪٽوايا٥ هئا
”سچو“ ڏي! صدق٦ ٿيڻ ڏن اٿون
جنهن هي رنگ رچايا هئا.

---

١. لڙ، لاٽ ٢. وڻيءَ يا ٻڪالي جي ٻيڙ ۾ ٣. جوش وچان ٤. طرف ٥. ڪم ڪرايا، وڃايا ٦. قربان، صدقو.

## ٣٠- عاشق مرندا ڪينڪي

عاشق مرندا ڪينڪي، رهندا ڪين مڪان ۾.

١- ديواني درياه جو، پيتو پيالو پُر ڪري
اُجرا مچهه اَمر٢ ٿيا،
اهي ڳَڏيا ڪين جهانَ ۾.

٢- عيب ۾ جي غرق ٿيا، ان گهاڙ گردن ۾ اڳا
بولي ٻولن ٿا ٻي نہ ڪا،
اهي رهندا "الامان" ۾٣.

٣- ڪئين ٽڙهندي سال ٿيا،
روزا نمازون نفل٤ ڪي
ان ڪُنن ڪَل ڪاڪا، باطنِ٥ جي بيانَ ۾.

٤- چينَ ولايت گهُر ڪري،
گهَڙي گهارِن ڪيڏڪي
اِسَن هاديءَ حق کي، رهن ٿا اِشبانَ٦ ۾.

٥- هردم آهي دم درست ڏي،
اهي سولهنَ ٿا سر انجامَ٧ ۾
سو "سچوءَ" کي نئي مليو،
هي ڳُر٨ آهي نہ گيانَ ۾.

---

١. هميشه حياتي (زندگي) ٢. لافاني ٣. ڏکيءَ جو لطف يا امن ۾ ٤. ديني فرض ٥. اندر ٦. بيابان ٧. آخرت ٨. ڳُر، مرشد.

## (٣١) عاشق ڏسڻ ۾ آيو

عاشق ڏسڻ ۾ آيو، محبوب گل سنياسي١،
عجيب عجب عجائب، اسرار رنگ ڳماسي٢.

١- ٻرهيءَ٣ جي اک ٻيني٤، ڪالي٥ مثال چيني٦،
اوڙي رنگن رنگيني٧،
چينيءَ جي مُٽ٨ نہ ڪاشي٩.

٢- گُل آب جاهه جالي، محبوب واز والي،
عاشق ڏسڻ ڪُون ڪالي، رهندو پتنگ١٠ پياسي١١.

٣- صورت ۾ جاهه ڏَمَ جي،
دم ري نہ صورت ڪم جي،
دم ۾ جا لذت غم جي، وَه! واه! ڳالهہ خاصي.

---

١. سنياسي، ڀاڳي (گل سنياسيءَ مان مراد شايد ڪنول گل آهي، جو جل ۾ هوندي جل کان ٻاهر آهي.) ٢. ڳاڙهو لال ٣. عاشق ٤. صاف ۽ روشن ٥. شيشي ٦. چينيءَ جهڙي (چمڪندڙ) ٧. رنگارنگي ٨. برابر، ثاني ٩. ڪاشي (جنهن ۾ چٽسالي هوندي آهي) ١٠. پروانو ١١. اڃايل، سڪايل.

٤- ابليس١ جي وڏائي٢، هَو ساهه ئي٣ سَوائي٤،
جيونڊه٥ لاء دم پِلائي،
لاء لاء لعنت٦ انسان٧ ناسي٨.

٥- ناصر "سچل" سچاري، يارن جي ياد ياري،
وحدت جنهن وساري، لين لين منهن اٿاسي.

## (٣٢) تنهنجو درد اختيار ڪيوسين

تنهنجو درد اصل ڪنؤن٩، اختيار ڪيوسين ميان،
تنهنجن سخن سچن اَئي، اعتبار ڪيوسين ميان.

١- ڪي نا پُڇن پُوانهه ڪي، ڪُرسيءَ عرشَ اَئي ١٠،
تنهنجين اکين منجهان سُهڻا! اسرار ڏٺوسين ميان.

٢- ڪي نا نابع١١ تجلي١٢، يا شُعلي١٣ نُوري١٤ يارو،
انسان صورت هن ۾، تا ديدار ڏٺوسين ميان.

٣- تنهنجو حُسن پنهنجي جهاتين، يار سڪ سهي ڪيوسين،
تنهنجي سچيءَ ڳالهه هن ئي، اقرار ڪيوسين ميان.

---

١. شيطان، عزازيل ٢. رعب، غضب ٣. هرهڪ دم يا ساه
ئي يعني هرهڪ ساه واري ئي ٤. زور، گهڻو ٥. جيئڻ
(جيئڻ معني پلائي ڪرڻ) ٦. بعد ٧. انسان ٨. انڪار،
وسرو ٩. اصل کان ١٠. عرش جي ڪرسيءَ، خدائي تخت
ئي ١١. قائل ١٢، ١٣، ١٤. (طالب کي طرحين طرحين روشنيون
۽ تجليون ڏسڻ ۾ اينديون آهن).

٤- هو جو ڪيڙوا مونسان، سو پنهنجو وعدو پاڙيو،
پِرُ ساه مٿاڏون صدقي،
صدبار٢ ڪهوسين ميان.

٥- "سچو" سڪ٣ دروازه آهي، روز ازل کئون ميان،
او پير عبدالحق جو، پيزار٤ کيوسين ميان.

## (٣٣) پڇ شوريدن ڪون حال

شوريدن٥ ڪون حال، پڇج وڃي تو "هوءَ"٦ ۾.

١- مجلس وڃج اڄي، تا ڏسين خاص خيال،

٢- مٽي ڪون پڇج مئي٧ کي،
تا ڪيدني ڪوٺ ڪلال٨.

٣- آگهِ٩ لهج اڄي، تا تو وٽ ٿئا وصال١٠.

٤- ورق وسارج وڃ جا، فارغ ٿين في الحال.

٥- عقل اڇلج آب ۾، تا پِره ڪرئي پيهال.

٦- جي تون وِسهين١١ وسيلا١٢ آهي "سچو" سچ سوال.

---

١. اوهان ڪيو ٢. سؤ ڀيرا ٣. ڪُتو ٤. جُتي، چرن ٥. روحاني مستن ٦. حق يا ايشور ٧. شراب ٨. شراب چکائيندڙ، مرشد ڪامل ٩. سماڌ ١٠. ميلاپ ١١. اعتبار ڪرڻ ١٢. وسوا، غافل.

## (٣٤) صورت سڀ سلطان

صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو

١- ڪٿي حنبل١ شافعي٢، ڪٿي مالڪ٣ نعمان٤.

٢- ڪٿي ٿئي اوليون، ڪٿي پڙهي قرآن.

٣- ڪٿي طفوليت٥ ۾، ڪٿي پير جوان.

٤- ڪٿي مير وزير ٿيو، ڪٿي ٿيو دربان.

٥- ڪٿي احمد بلا ميمي٦، ڪٿي هندو مان.

٦- "سچل" پيو صبر ۾، ٿي حيرت ۾ حيران.

## (٣٥) نه مان هي نه هو

نه مان مريد نه مان پير، ساري فقر٧ جو فقير

١- نه مان حاڪم نا مان ظالم، آهيان امن٨ جو امير.

٢- نه مان طاعت٩ نا مان تقوى١٠، آهيان ورد١١ جو وزير.

٣- نه مان گهمڻ نا مان گهٽڻ، آهيان عشق جو اسير١٢.

٤- نه مان ڪڇڻ نا مان پڇڻ، آهيان دوست لئي دلگير١٣.

٥- "سچل" بند و محڪم١٤ پرئي، مڪمل جو منديل١٥.

---

١، ٢. ٣ ۽ ٤. چئن مسلم امامن جا نالا جن کي سني ڪري مڃيو ٿو وڃي ٥. ٻالپڻ ٦. احمد بنا ميم جي يعني احد=هڪڙو (خدا) (پيغمبر صاحب جو قول) ٧. فقيري، درويشي ٨. صلح ٩. بندگي ١٠. پاڪيزگي ١١. عشق ١٢. قيدي ١٣. ماندو ١٤. پختو ١٥. شملو، دستار.

## (٣٦) آئم اهو ارمان

آئم اهو ارمان، ڇا مڃهان هيت ڇا لي آس.

١- چاڪر١ ليس نه ڄاڻان ڇا ڪان،
صحيح هيس سلطان.

٢- دانا٢ هيڙس ديس آهيءَ پر، هيت ليس نادان.

٣- ڪوڙي ڄاڻي ڪوڙي سڃاڻي،
اهو مردن جو ميدان.

٤- اعلون ساڻ ڳلي هيت آس، سوزن جو سامان.

٥- هڪ گهر اڪري، ٻئي گهر آس،
محض٣ رهيس مهمان.

٦- آهر الون٤ جا آهر ايپي لئي، موٽي ليو مهران٥.

٧- "سچل" ڪي ڪيو ساعت ساعت،
حيرت هن حيران.

---

١. نوڪر ٢. دانا، سياڻو ٣. صرف، رڳو ٤. سمنڊ مان
٥. ساگر.

## (٣٧) ٻره جي ٻازار

ٻره جي ٻازار، جيڪا نسخ آئي.

١- جڪا جو نسندي لڄار لهنجو،
رهندي منجهه خُمار.

٢- سَوُدو جا ڪندي سِرَ جو،
وِهَندي ڪين قرار.

٣- چَوُسوُل١ آلدر سُرخيءِ مائل٢،
ليز گهُمي لَـــلـــوار.

٤- جي ڪنهن ڏاو چمڪو لَنهجو،
سِر لڳندي سَردار٣.

٥- ”سچل“ سائين سِر الهيءَ ۾،
آه ڪُسَّڻ جي ڪار.

---

١. چؤاک (جتي چار سڙڪون گڏجن)، سؤري ٢. سرخي يعني خونريزيءَ ڏانهن مائل ٣. سوريءَ لي (سر=چوٽي، دار=سؤري) يا سردار يعني محبوب کي.

## (۳۸) ذري ذري ڪن چشما چوُر

ذَري ذَري ڪن چَشما۱ چوُر۲،
لينَ۳ آسان کي ليوُن وَهلوُر.

۱- ٿن مَن سڀ تاراج۴ ڪَرِ ٿيون،
ديدَن۵ جو آهي هي دَستوُر.

۲- خولي۶ وِٽن خيال اسهنجي سان،
ڪَسِن۷ شهزادن شعوُر۸.

۳- ناز نياز سان هِڪي واري۹،
چاڙهن سوُليءَ۱۰ تي منصوُر.

۴- ساڻ ڏسڻ جي مشتاق۱۱ سان،
ڪيفي۱۲ ڏايو ڪَن ڪَلوُر.

۵- "سچوُ" ڪير وِچارو آهي،
وِڃهن ٿيري دل ڪَرِن فتوُر۱۳.

---

۱. اکيون ۲. ڦڙا ۳. ڪيئو وجن ۴. ليسسد و تاپود ۵. اکين
۶. خولي يا ڦاڙ لڳي ۷. کسين ۸. شهزادن جو عقل ۽ هوش
۹. هڪواريءَ ۱۰. سوُريءَ ۱۱. عاشق ۱۲. خمارل، چشم
۱۳. شرارت، فتنو، خرابي.

## (٣٩) تون آهين صاحب صورت جو

تون آهين صاحب صورت جو، هيءَ آهي عالم لنهنجو
آهي ذوق شوق سُهڻا! مولکي مُدام لنهنجو.

١- جي آهن اَصل اُوهانجا، سي ڦا وِسارجو ميان!
مون لي آهي مُقرر، سائين! سَلام لنهنجو.

٢- رالو ڏينهان رُئڻ م، هينئڙو اداس هُيَڙو،
وَهَمَر١ آڻي وَساڻيو٢، پِرِيَمِ!٣ پيام٤ لنهنجو.

٣- دلگير تون متان ٿئين، ڪر دُور درد کي مِيان!
اَوّل آخر اَسان وٽ، هوندو مقام لنهنجو.

٤- رَد ڪر فَنا بِڪر کي، اُميدوار ٿي رَهُ،
هِمت هُمت ٻَڌين چاڻج، آهيان اِمام٦ لنهنجو.

٥- تون آهين اَصل اساندو، آهيو اَسين سي لنهنجا،
آهي قَبُول ڪُلڍي٧ "سچوُ" ڪَلام لنهنجو.

---

١. قاصد ٢. رساڻو، پهچاڻو ٣. اي پرين! ٤. پيغام ٥. آستان ٦. رهبر، مرشد ٧. مڪمل يا پوريءَ طرح.

## ٤٠- مونکي يار مليو

آڄ اَلو اَلو! مونکي يار مليو،
جِيَ جان جَنهِين سان جاڙا لڳو.

١- ڏٺيا آسان تڏهن ڏينهن خزان٢ جا،
سانوڻ! اَڄ بَهارُ لڳو
هُئاسين ڳولائو جنهن جا اَسين ميان!
سو لا اَڄ شڪار لڳو.

٢- ڳَليءَ ڳَليءَ ۾ تاڙَ تماشا، ڇهڪو چوڌار لڳو
رنگا رنگ ورنگيءَ وارو، شهر ڀر بازار لڳو.

٣- اَڳ اهي پيهي آمر، پوءِ جنهن جي اختيار لڳو
بانهون ڏيئون ڳَلِ يار آسانکي،
ليڪهُن جنهن سان پرواز لڳو.

٤- مرشد هاديءَ عبدالحق جي،
وَسُ پٺيءَ بيمار٣ لڳو.
"سچو" حجاب٤ ويا هڪ تياسين،
دَم بَدَم ديدار لڳو.

١. سوز، ليڪهن، درد ٢. سرءُ ٣. مڱڻهار ٤. پردا

# ٤١- سچ ٿا مرد چئون

سچ ٿا مرد چئون ڪنهن کي ڪٺي نه ڪٺي،
ڪوڙي دنيا جو دم ڀٽي نه ڀٽي.

١- سچ نه ڀاڻ ڏٺي پيدا ڪيو آهي،
آڳ نه آدم جو پٽي ڪنهن جو ڄاوُ ناهي،
سچ چئو منصور، اُٺي چڙهيو ڦاهي،
اَهڙا ٻار ٻره جا پئو ڪٺي نه ڪٺي.

٢- سچ نه مُرلي[1] مُحب مُحبوب[2] چئو،
"اَنا اَحمد[3] عين[4] عَجيب چئو،
اَسان نه عام خاص نَصيب چئو،
ڳَٺي ٻار واو پئو ڳٺي نه ڳٺي.

٣- لڪا عيب ثواب ٻئي جاءِ آهي،
لڪا نه ليکهن ثواب جي راه آهي،
اِهو ٿا عشق حسن هر جاءِ آهي،
چٺي ٻار واو پئو چٺي نه چٺي.

---

١. آوازائيندڙ ٢. سڏ اولائيندڙ ٣. انا احمد بلا ميم = احمد آهيان بنا ميم جي يعني احد = هڪڙو (ڏسو ڪافي ٣٥)
٤. صحيح درست.

۴- سچ ۽ ”سچل“ سائينءَ جي ڳالهه سهي،
مُٺي ۽ محمد وارا ڪندا ڪين ڪهي۲،
رلڪ رمز الهيءَ ۾ ولو روح رهي۳،
سَڌڙا مالڪ مُٺي پيو مُٺي ۽ مُٺي.

## ۴۲- پاڻ سڃاڻڻ آيو

پاڻ سڃاڻڻ آيو ڙي سهڻا.

۱- پاڻ سڃاڻڻ آيو، سو پلي آيو،
ڪم ۽ هُٺڙس ڪو پيو.

۲- پاڻون چاڙهي۴ پاڻ سان، آندوه۵ آن لائڻ آيو.

۳- عرش منجهاران۶ آلهي۷ ميان!
هت وره وسائڻ آيو.

۴- سوالي‌ءَ اي منصور ٿي، هت سر سلائڻ۸ آيو.

۵- مصر جي بازار ۾ هت، مُله وڪامڻ آيو۹.

۶- ”سچو“ ڙي سنسار ۾، هت پير گهمائڻ آيو.

---

۱. مولدي ۾ ۲. ڪهائي ۳. رڱجي ۴. پاڻمرادو، چاڙهي
پچهي ۵. ليدهن ۶. عرش منجهان ۷. هيٺ لهي ۸. وڃائڻ
۹. (يوسف ڏانهن اشارو جو مصر ۾ بازاري طور وڪاڻو هو.
يوسف نهايت حسين هو. حق با ايشور ۽ حسن مطابق
آهي، پر هتي غلام جو جامو پهري پيو گهمي.)

## ٤٣- سچ آهي پريشان

جيئن سچُ آهي پنهان، سونهن گولي سچَ کي.

١- مَٿاڇي١ جيئن آبَ سان، آبُ ٿئي طغيان٢.

٢- کارو ٿئي اَبر٣ کي، مَوج٤ ٿئي مهران٥.

٣- ڦُوڙي ٿئي مينهن کي، شاهه گولي سلطان.

٤- هوءَ مڙيئي پاڪ نيو، ڪيو ٿيا حيران.

٥- * "سچوءَ" جي صفت٦ ۾،

اهو پاري٧ ڪيو بيان.

## ٤٤- پيتو مون جام شراب شوري

هٿئون پيتو٨ مون تان پير مُغان٩ جي،

جام١٠ شرابُن شوري١١.

١. مٿي ٢. سمنڊ جو چڙهڻ يا جولان ٣. ابر جي معنيٰ به کارو آهي ٤. لهر ٥. ساگر ٦. صفائي پوش ٧. ذکي يا ابهور (ذکيءَ کي ٻاري اهڙي چئبو آهي) ٨. هٿان مان ٩. مرشد ڪامل ١٠. پيالو ١١. هوش وڃائيندڙ يا تلخ شراب.

* سچوءَ جي صفائي پوش يا روپ ۾، ابهور ٻاط ڳالهايو آهي. (سچل هتي اشارو ٿو ذکي ٿو. سندس ڪلام الهام آهي).

١- ڏڏو ڪارائي دل کي آو،
چمما ڪيف٢ ڪڪوري٣.

٢- اصل ڪوُن منصور جو،
الهيءَ ڪانيو ڪنڌ ڪوري٤.

٣- نمي منجهہ لواز جي، گهوريو هيي سر گهوري.

٤- جنهن ساقيءَ سُرڪ پياريو،
آءٌ ڪيئن پُجان لنهن جي اوري٥.

٥- پيهان٦ ڪيائين ياڙ کي،
چِـڪ ”سچوءَ“ جو چوري.

## ٤٥- اي اچي ڏس حال منهنجو

اي آچي ڏس حال منهنجو،
آءٌ آچي سُرط غرض هيي.

١- ليڪهن ١١ مولکي ليو،
طاقت ا. ڪا ٿن کي رهي
مشتاق جي مارڻ سندو،
آهي اوهان کي غرض هيي.

---

١. اکيون ٢. شراب ٣. لال ڪري ٣. وڍي، ڪٽي
٥. احسان ٦. لڪل.

٢- ڏاها وڃي ٻيا ڇو ٻُڌان،
مون لا ٽوڙي ڳالهڙي
درد ٻيو مولڪي نہ آهي،
محبت لهڻجي جو مَرض هي.

٣- دل ڪَسي مون ڪٿوُن ١ وِٺين،
مونکي نہ آئين ڇا ڇوان
سُڌ لهو ساجن! اَچي،
آهي اوهان تي فَرض هي.

٤- آءُ اَچي اِمام ٢ ٿِيُ، توکي اَسان ٿِيڻي ٣ نماز
پِرُ ڪرڻ صَدقي اوهان اڳوُن،
آهي "سچوُ" تي فَرض هي.

## ٤٦- پير مغان ڳالھہ ٻُجھي فرمائي

هِڪي ڏھاڙي پِير مُغان،
مون کي ڳالھہ ٻُجھي فَرمائي.

١- سَلَڪ جھڙي ناهي سا،
جا ٻاڪ پِرائن ٻُوجھائي ٤.

٢- عام نہ ميڻ اُن کي، جا صاحبن سمجھائي.

---

١. مولڪان ٢. نماز ۾ اڳوان ٣. آدا ڪئي ٤. سمجھائي.

٣- مَٽ مَنجهاران-وُن١ مَيءَ٢ جي،
لنهن ساقيءَ سُرڪ چکائي.

٤- پيالي مون پرواز ٿيو، واه! ويئي ٻي وائي.

٥- ”عبد“٣ ٻالو ٿي جيئن،
اُن بازي هيڪ هارائي.

٦- ”حق“٤ کوُن ”حق“٥ نصيب ٿيو ٿي،
مدعا٦ ”سچوءَ“ سمجهائي.

## ٤٧- آئي پيو وچي خيال منهنجو

آئي پيو وچي خيال مُنهنجو،
جتي دَمَ قَدَم ڪي جاءِ آهه.

١- لامڪان٧ مُون لَهر اُٿي،
جنهن مٿي سڀ هوُءِ هاهه٨.

٢- وَحدت جي درياءَ منجهاروُن،
اُن پئي وچي موج مَچاهه.

٣- ٻڌو اُولي بادل آندو،
”اَناالحق“ جي هَڪَلَ٩ سُڻاءِ.

---

١. مٽڪي منجهان ٢. شراب ٣. ٻالهو ٤. سچل جو مرشد عبدالحق ٥. حق يا ايشور ٦. مراد، مطلب ٧. جتي زمان ۽ مڪان نه آهن ٨. شور ٩. منصور جو نعرو ”مان حق يا ايشور آهيان.“

٤- قطرو ٻاڻ نہ ٻالڪ عاشق!
ساروني لون ٻِرا سڏاءِ!

٥- ٻَڌي جهان هِڪو[2] ڪَر جاڻين،
جلوو انهنجو جاءِ ٻجاءِ.

٦- "سچوءَ" آهين سِرُّ سُبحاني[3]،
ظاهر جو لون ٿانءِ وڃاءِ.

## ٤٨- هو سو سڄڻ مُون ساڻ

هو سو سڄڻ مُون ساڻ،
جنهنجي ڪارڻ مون ٿي ٻوليون ٻَتائُون.

١- سدا مون وٽ سمرين، مُحب ٿاهي مهماڻ
جنهنجي ڪارڻ مون ٿي وائون ٻُڌائون.

٢- آهڙي اوڙانيءَ[4] ۾، ڪوڙ ٻڌو مون جاڻ
جنهنجي ڪارڻ مون ٿي، واليون لڪايون.

٣- هيڏي هوڏي لئي ڏٺم، ڪِين پَروڙيُم پاڻ
جنهنجي ڪارڻ مون ٿي وِرهُون وساڻون[5].

٤- ٻوي ٻيءَ نہ ٻڌڙا، "سچوءَ" لون ٻاڻ سڃاڻ
جنهنجي ڪارڻ مون لئي مِيڙيون[6] سَمباهيون[7].

---

١. سمجهہ ٢. هڪ ٣. خدائي راز ٤. وڇوڙائيءَ
٥. جدائيءَ ۾ روح ڪيا ٦. ماڻهن جا وفد يا سڏاوُن
٧. سنبراهون.

## (٤٩) ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن

مان بي هوش مان اـــي هوش مان بي هوش

١- ڪڏهن زاهد١ ڪڏهن عابد٢، ڪڏهن نوشانوش٣،
ڪڏهن هجر٤ فراق ڏسيندا، ڪڏها گوشان گوش٥.

٢- ڪڏهن دلبر دور گهٽيندا٦، ڪڏهن گوشا گوش،
ڪڏهن جام ڪماري٧ ڏيندا، ڪڏهن ڀوشا ڀوش٨.

٣- ڪڏهن موج ۾ هيندي٩ ماڻي،
ڪڏهن جوشا جوش١٠،
ڪڏهن "سچو" جام نہ لهندا،
ڪڏهن دوشا دوش١١.

## (٥٠) ڀاڳ نہ جاڳم

ڀاڳڪي ڀار اـــ جاڳم، ڀيڙ ڀڳي آهيام.

١- ڀڏس ڀياڻيءَ ۾، جو ڀاڳ نہ سڄاوم،
موڪانيءَ جي مونجهہ ۾، تي وره وساوم.

---

١. ديدار، ترسمت ٢. عبادت ڪندڙ ٣. پيئڻ مٿان پيئندڙ ٤. جدائي ٥. ڪن ڪن ۾ (ڳجهہ والديندڙ) ٦. ڀري ڪندا ٧. ڀُر ۾ ٨. ڀري، (ڀوش ۾ لڪل) ٩. وهي ٿي ١٠. ڦوه جوش ۾ ١١ ڪلهو ڪلهي سان ملائي.

۲- اُٺ وِهو پانهنجو، هيءَ پِنڊ! ٿي پائيوم،
خاص مُناري خاڪ جي ۾، سو سرائيون! سمايوم.

۳- ڏسڻ ٻڌڻ هڪڙو، جي ڪاڏهن آلايوم۲،
تَنطق۳ واري رمز ۾، هيءَ سِرُ سَلايوم۴.

۴- نالو آدم جو رکيو، هن حيرت هلايوم،
”ناهه“۵ منجهاران ”آهه“۶ ٿيو،
هِيءَ ”سچوءَ“ ٿي آيوم.

## (۵۱) ساهه ڏناڻون ساهڙ کي

تنهين ڏينهن ڏناڻون، ساهه منهنجو ساهڙ کي سرائيون!

۱- دردمنديءَ جي دلڙي، ناز ساڻ نياڻون.

۲- هيڏي هونديءَ نا وِيو، سوگهو ساهه ڪياڻون.

۳- سُٺي سِيها يار جا، عاشق لِيڙس آئون.

۱. انسان جو جسم ۲. ڳالهايم ۳. هو ٿو ڳالهائي يعني مان ٿو ڳالهايان ۴. سليم ۵. ناه (ناهي) ۶. آهه، آهي. ”ڪين“ مان هيءُ صوري موجودات يا سرشتي وجود ۾ آئي. مان هتي سچوءَ جي وس ۾ آيو آهيان.

٤- جيءُ وڏائون جاڙ ڀر١،
ڪاڪيون! ڪنَ ڪڏاهڙن٢.
٥- ميهر سندي مَعرڪي٣، هيءَ غريب ڪڏباڙن.
٦- سچڙ ڪَڏ سڀڙ موُن، ميڙي سڀ مَداڙن.

## (٥٣) سَل ڙي سوداگرا!

تَلِ ڙي سوداگر! اون تان آلين
ونڄي هيـ سؤدو کهڙو ؟
١- هتڙن٤ آلي هيـ ڪيئن لڪايءِ،
ڪٿي مُشڪ عطر ؟
٢- هوڪو هيـ ڀيو ڪيهوره ڳهايءِ،
لاڪيءَ ڳُر ڳُهر٦؟
٣- هيڙي جوهر جي هيٽي،
ڪنهن سان ڪَيءَ ڪا خبر!
٤- ڀنڀجي اُڳڙن ڪيءَ مڙيونلي، سارو ملڪ مَشهور٧.
٥- چاڪڙن لوئا شاهه! جهاني، هيئن سان هَٿ٨ مُهر٩.
٦- لکي ڏنا لو ڪيترا، مُلَن کي مَحضر١٠.
٧- اعلان لکين ڪيون ڀڏراون، سچڙ وري سرڪرا١١.

---

١. عشق جي عذاب ڀر ٢. ڪڏهن ڪان ٣. ڀڙ ڀر ٤. هٿان ٥. ڪهڙو ٦. گوهر ٧. مشهور ٨. هٿن سان ٩. شاهي مهر ١٠. دستاويز ١١. مالڪ، خاوند.

## (٥٣) پروانو پرينءَ جو

وڃيو سين وه واهه، پڙهندي پروانو پرينءَ جو!

١- اوڙا مينهن مَلهار ٿيا، گُل ڪِلن ۾ گاهه.

٢- سي آئي سڄڻ ٿيا سامُهان، حالَ پاتي همراهه.

٣- محبت منهنجي من ۾، چوريءَ٢ مَچايو چاهه٣.

٤- يڪ تا سڄڻ جي، أجهايو آڙاهه٤.

٥- ديس ڇڏي پرديس ويا، دوست پرين داناهه٥.

٦- هوان ڏانهن نه هڪڙي، مُهر مِڙندي مان ڏاهه٦.

٧- پرين جي پيغام ڪيو، آرامي اَرواح٧.

٨- قاصد تو تان آءُ ڪريان، هي سو صدقي ساهه.

٩- اُڪير آترڪاسه٨ جي، آٿيندو الله.

١٠- سڄو ڇوي رَبُ ميڙيءَ٩، روز پُڇان آءُ راهه.

---

١. خط ٢. ڳجهو ٣. شوق ٤. مچ ٥. دانا ٦. مون ڏانهن ٧. روح جو جمع، هتي روح ٨. آسائتي ٩. رب ملائي.

## ساهتيہ اڪاڊيميءَ

جا ڇپايل ڪي معياري سنڌي ڪتاب

### سنڌي شعر جو انتخاب

انتخاب ڪندڙ: رام پنجواڻي 12-00

### سچل سرمست جو چونڊ ڪلام

(ديوناگريءَ لپيءَ ۾)

مرتب ڪندڙ: ڪلياڻ آڏواڻي 3-00

### شاه جو چونڊ شعر

مرتب ڪندڙ: ايڇ. آءِ. سدارنگاڻي 3-00

### ساميءَ جا چونڊ سلوڪ

مرتب ڪندڙ: بي. ايڇ. ناگراڻي 5-00

**غالب:** ايم. مجيب

ترجمان: نارايڻ شيام 2-50

**ميران ٻائي:** آشا ايس. نلسن

ترجمان: لڇمڻ ڀاٽيا 'ڪومل' 2-50

**شري اروبند:** منوج داس

ترجمان: هري ڪانت جيٺواڻي 2-50

**ڀڳوان ٻڌ:** ڌرمانند ڪوسمبي

ترجمان: اين. آر. ملڪاڻي 3-00

**سوامي وويڪانند:** رومين رولان

ترجمان: فتحچند واسواڻي 6-00

**سسئي پنهون:** هرنام سنگهه

ترجمان: گوبند سنگهه منسڪاڻي 6-00

**بابرنامو**

ترجمان: ايڇ. آءِ. سدارنگاڻي 6-00

**آٿيلو:** شيڪسپيئر

ترجمان: تيرٿ بسنت 15-00